# سنڌي

# ٻووڪ پارٽي

## درجو يارهون



# ڀارتيه سنوڌان

## باب - چوٿون الف

## بنيادي فرض

**قلم 51A**

**ٻُنيادي فرض : ڀارت جي هرهڪ ناگرڪ جو فرض آهي تہ :**

(الف) هوُ ڀارت جي سنوڌان کي مڃيندو، اُن جي قومي جهنڊي، قومي تراني، آدرشن ۽ سنستا جي عزت ڪندو.

(ب) آدرش ويچارن، جن آزاديءَ جي لڙائيءَ لاءِ همٿايو ۽ اُتساهہ ڦوڪيو، اُنهن جي سنڀال ۽ پوئواري ڪندو.

(ڀ) ڀارت جي ايڪتا، اکنڊتا ۽ سمپوريتا جي رکشا ڪندو.

(پ) ديش جي حفاظت ڪندو ۽ وقت پوڻ تي ديش سيوا ۾ ٽپي پوندو.

(ٻ) سيني ماڻهن ۾ هڪ ايڪتا جي ڀاونا پئدا ڪندو، جيڪا ڌرم، ڀاشا، ڪيترواد جي ڀيدڀاءُ کان پري هوندي. اَهڙيون رسمون جيڪي عورت ذات خلاف هونديون، اُنهن جو ٻهشڪار ڪندو.

(ت) ڀارت جي جامع سنسڪرتي ۽ شاندار ورثي جي حفاظت ڪندو ۽ مُلهہ سمجهندو.

(ٿ) قدرتي ماحول جهڙوڪ جهنگل، ڍنڍون، نديون، جهنگلي-زندگي اِنهن جو بچاءُ ڪندو ۽ سيني پراڻين لاءِ دردمندي رکندو.

(ٽ) وگيانڪ درشٽي، اِنساني مُلهہ، جاچ جوُچ ۽ سڌاري جي ڀاونا کي اَهميت ڏيندو.

(ث) عام ملڪيت کي سلامت رکندو ۽ هنسا کان پري رهندو.

(ٺ) شخصي ۽ گڏيل مشغولين جي سيني ڪيترن ۾ اَڳتي وڌڻ جي لڳاتار ڪوشش ڪندو جئن ملڪ اَڳتي وڌندو رهي ۽ ڪاميابيءَ جي اوچاين کي ڇُهي.

(ڪ) ماءُ يا پيءُ يا پالڪ آهي تہ اُهو ضرور ڏسي تہ پنهنجي ٻار کي تعليم حاصل ڪرڻ جو موقعو ڏيندو. جنهن جي عمر ڇهن ۽ چوڏهن سالن وچ ۾ هجي.

سرڪاري فيصلو نمبر : اَڀياس 2116 / (پر.ڪر 43/16) ايس.ڊي 4 تاريخ 25.04.2016 موجب اِسٽاپت ڪيل ڪو آرڊينيٽنگ ڪاميٽي جي تاريخ 20.06.19 جي ميٽنگ ۾ هن درسي ڪتاب کي تعليمي سال 20-2019 کان مختصر طور منظوري ڏني ويئي آهي.

# يووڪ ڀارتي

## درجو يارهون

# سنڌي

महाराष्ट्र राज्य पाठ्यपुस्तक निर्मिती व अभ्यासक्रम संशोधन मंडळ

مهاراشٽر راڄيه پاٺيه پستڪ نرمتي و اَڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پوڻي.

پنهنجي سمارٽ فون ۾ DIKSHA APP ذريعي درسي ڪتاب جي پهرين صفحي واري Q.R. Code ذريعي Digital درسي ڪتاب ۽ سبقن سان لاڳاپو رکندڙ پڙهڻ / پڙهائڻ لاءِ ڪارائتيون لنڪس ملنديون.

S4Q9I9

# ڀارت جو سنوڌان

## ديباچو

اسين ڀارت جا لوڪ، ڀارت کي هڪُ مڪمل طور خودمُختيار سماجوادي سَرو ڌرم ۽ سم-ڀاوَ وارو لوڪشاهي گڏراجيه ٺاهڻ لاءِ گنڀيرتا سان فيصلو ڪري ۽ انهيءَ جي سڀني ناگرڪن کي :

سماجڪ، آرٿڪ ۽ راڄنيتڪ نياءُ، ويچار، اظهار، وشواس، شردّا ۽ اُپاسنا جي آزادي؛ درجي ۽ موقعي جي سمانتا؛ خاطريءَ سان حاصل ڪرائڻ ۽ اُنهن سڀني ۾ شخصي سؤمان ۽ راشٽر جي ايڪتا توڙي اکنڊتا جي خاطري ڏيندڙ ڀائيچارو وڌائڻ لاءِ.

اسان جي هن سنوڌان سڀا ۾ اڄ تاريخ ڇويهين نومبر، ١٩٤٩ جي ڏينهن، هن ذريعي هيءُ سنوڌان سويڪار ڪري، اُن کي قانون جي روپ ۾ پاڻ کي ارپڻ ڪريون ٿا.

## راشٽر گيت

جَنَ گَڻَ مَنَ اَڌِنايَڪ جَيَہ هي،
ڀارَتَ ڀاڳِيہ وڌاتا
پَنجابَ، سِنڌ، گُجراتَ، مَراٺا،
دراوڙَ، اُتڪَلَ، بَنگَ،
وِنڌيَہ، هِماچَلَ، يَمُنا، گَنگا،
اُڇَڇَلَ، جل ڌِ تَرَنگَ،
تَوَ شُڀَ نامي جاڳي،
تَوَ شُڀَ آشيس ماڳي،
گاهي تَوَ جَيَہ - گاٿا،
جَنَ گَڻَ - مَنگَلَ دايَڪ جَيَہ هي
ڀارت ڀاڳِيَہ وڌاتا،
جَيَہ هي، جَيَہ هي، جَيَہ هي،
جَيَہ جَيَہ جَيَہ جَيَہ هي،

## پرِتگيا

’ڀارت منهنجو ديش آهي. سڀ ڀارتواسي منهنجا ڀائر ۽ ڀينر آهن.

مونکي پنهنجي ديش لاءِ پيار آهي ۽ مونکي ان جي شاندار ۽ طرح طرح جي ورثي تي گوُرو آهي. مان سدائين ان جي لائق ٿيڻ جو جتن ڪندو رهندس.

مان پنهنجن مٺن مائٽن، اُستادن ۽ سڀني بزرگن جو سنمان ڪندس ۽ هر ڪنهن سان فضيلت ڀريو ورتاءُ ڪندس .

مان پرتگيا ٿو ڪريان تہ مان پنهنجي ديش ۽ ديشواسين سان سچو ٿي رهندس. انهن جي ڪلياڻ ۽ آسودگيءَ ۾ ئي منهنجو سک سمايل آهي.‘

# ماسترن لاءِ هدايتون

تعليم جا مقصد برثواب ٿيڻ لاءِ ماستر جي پومڪا اَهم آهي. تعليم جو واسطو سِڌو زندگيءَ سان آهي. اِها اُميد ٿي ڪجي تہ شاگرد حاصل ڪيل علم ۽ ڄاڻ پنهنجي زندگيءَ ۾ مناسب نموني ڪم آڻي. پنهنجي زندگيءَ ل ترقي ڪري سماج ڏانهن پنهنجي فرض جو پالن ڪري. اِن ڪري ماستر کي اِهو مول مقصد پورو ڪرڻ ۾ اِبتدائي حصيدار ٿيڻ گهرجي.

درجو يارهون، يووڪ پارٽي سنڌي ڪتاب نئون اَڀياس ڪرم موجب ٺاهيو ويو آهي. تعليمي سرشتي ۾ اِهو ٿيون ڏاڪو آهي. پرائمري ۽ سيڪنڊري کان پوءِ شاگرد هاير سيڪنڊري ۾ داخل ٿين ٿا. جن پنهنجي اِسڪولي دؤر ۾ ڪڏهن بہ سنڌي ٻوليءَ جو اَڀياس نہ ڪيو هُجي، اِنهن شاگردن ڏانهن ماسترن جي خاص ذميواري رهندي. درجي يارهين ڪتاب ۾ ڏنل مواد شاگرد چڱيءَ طرح سمجهي، ڏنل مشغوليون پوريون ڪرڻ ۾ قابل هُجن 'پاڻ ڪريان پاڻ سِکان' متي تي هلي تعليم جو هڪ نئون آزمودو وٺن، اِنهن سيني ڪريائن ۾ ماسترن کي اَڳرو رهڻو آهي. اَهڙا ٻار جيڪي سنڌي ٻولي ڪڏهن بہ نہ سِکيا آهن يا اَهڙا ٻار جن جو سنڌي ٻوليءَ ۾ گهڻو واهپو ٿيل نہ هُجي، اِنهن ٻارن کي سيکارڻ لاءِ ماستر هيٺ ڏنل هدايتون اطاعت ڪندا.

١. ٻال پارٽي سنڌي درجو پهريون ۽ سنڌو پارٽي درجو پنجون (عربي ۽ ديوناگري) اِنهن ڪتابن جي مدد وٺي ٻارن کي سنڌي حرف، سؤلا لفظ سمجهايو.

٢. سؤلا لفظ، سؤلا جُملا سيکاري پوءِ پڙهڻ ۽ لِکڻ جو اَڀياس ڪرايو.

٣. روزاني وهنوار ۾ ڪم ايندڙ لفظن جي ڄاڻ ڏيو.

٤. سنڌي ڏڻن جي ڄاڻ ڏيو.

٥. سنڌي کاڌا، ريتون رسمون پُڇو ۽ اُنهن تي ڪلاس ۾ بحث ڪرايو.

٦. ڀاڄيون، جانور، ڏينهن، مهنا، اوزار، واهڻ، رنگ اِنهن بابت ڄاڻ ڏيو.

٧. سنڌي اَدب جون شاخون مثال ليک، ڪهاڻي، ناٽڪ، شاعري اِنهن بابت ڄاڻ ڏيو. يووڪ پارٽي ڪتاب ۾ هڪ خاص ڀاڱو 'اَدب' سري سان ڏنل آهي جنهن ۾ ٻولي ۽ ناٽڪ بابت گهڻي قدر گيان ڏنل آهي. جنهن جو عملي اَڀياس ڪرڻو آهي.

٨. هر سبق کان پوءِ ڏنل مشغوليون پاڻ سمجهائي شاگردن کان ڪرايو. ساڳئي وقت گروپ ٺهرائي شاگردن کان نيون مشغوليون جوڙايو.

٩. ننڍي سطح تي ڳالهائڻ جي لفظن جي ڄاڻ ڏيو.

١٠. خاص لفظن تي ضرور اَڀياس ڪرايو. اَهڙيون مشغوليون صفحہ 82 کان 88 تائين 'وِندر' سري هيٺ اَکر جي راند' ڏنل آهن. مثال : ڄ، ڇ، ز، ف، ق سان شروع ٿيندڙ لفظ.

# پرستاونا

پيارا شاگرد دوستو،

توهان سڀني جو درجي يارهين ۾ سواڳت آهي. اِن ڪلاس ۾ توهان گذريل درجن ۾ سنڌي ڪمار ڀارتي / سنڌو ڀارتي اِهي ڪتاب پڙهيا آهن. يُوڪ ڀارتي، درجو يارهون، اِهو ڪتاب توهان جي هٿن ۾ ڏيندي اَسان کي بيحد خوشي ٿي رهي آهي.

بدليل اَڀياس ڪرم جو مقصد آهي ته اڄ جي ڇتاڀيٽيءَ واري زماني ۾ شاگردن جو چوطرفي وڪاس ٿئي ۽ جدا جدا لياقتن ۾ هوُ قابل بڻجن جئن هوُ گيانوان بڻجي ۽ سنسڪاري ويچار رکي ديش جا آدرش ناگرڪ بڻجي سگهن.

ڪنهن به سماج جي سڀيتا اُنجي ماتر ڀاشا ذريعي ظاهر ٿيندي آهي، ٻولي سڀني وشين جو مُکيه مرڪز آهي.

سکڻ - سيکارڻ ترتيب ۾ گيان جوڙجڪ واد، مشغولين تي مدار رکندڙ شاندار اَڀياس ڪرم جا ڏاڪا ڏيان ۾ رکندي اِن درسي ڪتاب جي رچنا ڪئي ويئي آهي.

درسي ڪتاب ۾ ڏنل سبق پڙهي، اُنهن اَندر سمايل مختلف وشين کي سمجهي گيان حاصل ڪري تخليقي سوچي پنهنجي ٻوليءَ ۾ ويچار ظاهر ڪرڻ جو موقعو ڏنل آهي.

درسي ڪتاب ۾ روزانو سکڻ کي همٿائڻ لاءِ لائبرري، اِنٽرنيٽ، پرچار ڦهلاءُ ماڌيم، اِنهن مان حاصل ٿيندڙ گيان کي مناسب نموني استعمال ڪرڻ، جدا جدا لياقتون وڌائڻ، پاڻ اِي-ميل (E-mail) بلاگ تيار ڪرڻ، علحديون مشغوليون، پروجيڪٽ، لکڻ جي قابليت وڌائڻ اهڙا وشيه بخوبي ڏنل آهن.

ساڳئي نموني وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ درسي ڪتاب جي پهرين صفحي تي ڪيو.آر. ڪوڊ ذريعي ڊجيٽل درسي ڪتاب ۾ سبقن حوالي سکڻ-سيکارڻ ترتيب لاءِ ڪمائتو آڊيو-وڊِئل ساهتيه به ميسر ٿي سگهندو جيڪو خاطريءَ سان اَڀياس ڪرڻ ۾ ڪارائتو ٿيندو.

اِن درسي ڪتاب جو اَڀياس ڪري خوبُ آنند وٺو ۽ ڪتاب بابت پنهنجا رايا اَسان کي ضرور ٻڌائيندا. توهان سڀني کي تمام گهڻيون شُڀ ڪامنائون.

پُڻي

تاريخ : 20.06.2019

ڀارتيه سوريه تاريخ : 30 جيٺ 1941

(ڊا. سُنيل مگر)

سنچالڪ

مهاراشٽر راجيه پاٺيه پُستڪ نِرمتي ۽

اَڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پُڻي.

# علمي لياقت

## ☜ ٻڌڻ

- ڪاليج، گهر، پاڙو ۽ سماج ۾ مختلف هنڌن تي ٿيندڙ جلسن وغيره ۾ جدا جدا ماڻهن (ڄاڻل/اڻ ڄاڻل)، نيتائن جون تقريرون ٻڌڻ.
- آڊيو ٽيپ، ٽي.وي، ريڊيو وسيلي مادري ٻولي ۽ غير مادري ٻولين ۾ نوان لفظ ٻڌڻ.
- ڪلاس ۾ توڙي ٻاهر جدا جدا وشين تي ٿيندڙ بحث مباحثن ۾ ٻين جا ويچار ٻڌڻ.
- دستوري ڪتابن ۾ آيل ساهتيه جي مکيه انگن نثر ۽ نظم ۾ صحيح اُچار ٻڌڻ، درسي ڪتابن کانسواءِ وڌيڪ ساهتيه پڙهڻ جي چاهنا پيدا ڪرڻ.
- غزل، بيت، شعر، دوها، رباعيون، پنجڙ، گيت ٻڌڻ ۽ سندن لُطف وٺڻ.
- عام جڳهين تي ٿيندڙ گهوشڻائون ٻڌڻ ۽ سمجهڻ.
- علحدن ساهوارن ۽ سازن جا آواز ٻڌي سڃاڻڻ.

- ادبي ۽ غير ادبي ٻوليءَ ۾ فرق سمجهي سگهڻ.
- ٻڌل آواز مان ڳالهائيندڙ جا ڀاو سمجهڻ.

### ☜ ڳالهائڻ

- صحيح اُچار مناسب لاهي چاڙهي، آواز جو مادو ۽ مقدار ڌيان ۾ رکي لفظ ڳالهائڻ.
- ڪلاس ۾ توڙي ڪلاس کان ٻاهر ٽيندڙ مختلف وشين تي بحث مباحث ڪرڻ جي قابليت هئڻ.
- لاڳاپو رکندڙ توڙي غير لاڳاپو رکندڙ لفظن وسيلي ڪهاڻي يا واقعو ٻڌائڻ.
- پنهنجو رايو تز ۽ مناسب لفظن ۾ اڳيان رکڻ.
- تقرير ڪرڻ جي قابليت هئڻ.
- الڳ الڳ حالتن ۾ مناسب ويچار پيش ڪرڻ جي قابليت هئڻ.
- عمر، ناتو، جنس، عدد جي سمجهه رکي ڳالهائڻ.
- صحيح لفظن جي چونڊ ۽ آواز جي جدا جدا اندازن جي ڄاڻ هئڻ.
  مثال : ريڊيو اسٽيشن، ٽيليفون، اسٽيج وغيره تي ڳالهائڻ.
- گفتگو ڪرڻ ۽ نياپا ڏيڻ جي قابليت هئڻ.
- پنهنجي شخصي آزمودن کي ٻڌائڻ جي قابليت هئڻ.
- ناٽڪ ۾ مناسب اداڪاريءَ جي ڄاڻ هئڻ.

### ☜ پڙهڻ

- ناميارن ليکڪن ۽ شاعرن جي جيونين ۽ رچنائن بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ.
- سنڌي ادب جي چڱي چوکي سڃاڻپ رکي درسي ۽ غير درسي رچنائن جو سواد وٺڻ.
- اخبار، پرچار، دستاويز، مخزن، خط، ايس.ايم.ايس، مانيٽر اسڪرين، بئنرس، عام جڳهين تي ڏنل هدايتون وغيره سمجهه سان پڙهڻ.
- جدا جدا وشين جي ڄاڻ هٿ ڪرڻ لاءِ انٽرنيٽ ۽ ٻين وسيلن جو اُپيوگ ڪرڻ اچڻ.
- پڙهڻ وقت مناسب بيهڪ جون نشانيون، اُچار، مناسب لاهي چاڙهي ۽ سُر تال استعمال ڪرڻ.
- مقرر وقت ۾ ڏنل ٽڪر پڙهڻ جي قابليت هئڻ.
- ’چا پڙهڻ گهرجي‘ ان جي سمجهه هئڻ.
- ڊڪشنريءَ جو صحيح استعمال ڪرڻ اچڻ.

### ☜ لکڻ

- لکڻ جي قاعدي کي سمجهڻ ۽ انهن جي پوئواري ڪرڻ.
- بيت، ليک، جدا جدا وشين تي ويچار، خط لکڻ جي قابليت هئڻ.
- لکڻ ۾ مناسب هنڌن تي اصطلاح، پهاڪا، رنگين زباني، صحيح گرامر استعمال ڪرڻ جي قابليت هئڻ.
- ڊائري لکڻ جي ڪلا ۽ عادت پيدا ڪرڻ.
- ٻُڌل، ڏٺل واقعا، شخصي آزمودا پنهنجن لفظن ۾ اَثرائتي نموني لکڻ.

### ☜ گرامر

- ضد، اصطلاح جُملن ۾ ڪم آڻڻ، زمان ۽ اُن جا قسم، اِسم مان صفت، ساڳئي معنيٰ وارا لفظ، نثري روپ، جنس مٽايو ۽ عدد بدلايو.

❖❖❖❖❖

# فهرست


## نثر

| نمبر | نالو | ليکڪ | صفحو |
|---|---|---|---|
| (1 | منهنجو تجربو | ايشوري جوتواڻي | 1 |
| (2 | مهمان يا جُن | سروج گوپال پارواڻي | 6 |
| (3 | اخلاق | منوهر نهالاڻي | 10 |
| (4 | دادا جشن واسواڻي | ڊا. ديال ’آشا‘ | 14 |
| (5 | سمجھوتو | منوهر چگھ | 19 |
| (6 | اَمُلھ سوغات | ............... | 24 |
| (7 | ملڪيت | ايشور چندر | 28 |
| (8 | تماڪ يا صحت | سمپادڪ منڊل | 35 |
| (9 | ساڃھ جي سِڪ | ليکراج عزيز | 39 |
| (10 | نہ کسيو منهنجو خزانو | ............... | 43 |

## نظم

| نمبر | نالو | ليکڪ | صفحو |
|---|---|---|---|
| (1 | پيريءَ جو پريم | ڪمل پياسي | 49 |
| (2 | ساميءَ جا سلوڪ | سامي چئنراءِ لنڊ | 52 |
| (3 | سهڻي تنهنجي سونهن | لڪشمڻ دُبي | 55 |
| (4 | غزل | هوندراج دُکايل | 58 |
| (5 | کپي ٿي | گووردڻ شرما گھايل | 61 |
| (6 | ڪو ڪيئن چوي | سچل سائين | 64 |

## اَدب

| نمبر | نالو | ليکڪ | صفحو |
|---|---|---|---|
| | ٻوليءَ ناٽڪ | | 67 |
| (1 | ٻولي | سمپادڪ منڊل | 71 |
| (2 | رڪڙي | پوپٽي هيراننداڻي | 74 |

# نثر



# 1. منهنجو تجربو

**ايشوري جوتواڻي**

ايشوري جوتواڻي (1930-2013ع) پونا ۾ سينٽ ميرا گرلس ڪاليج جي ليڪچرر هئي. هن جا ڪتاب آهن ’اُلفت جي آگ‘، ’مُحبت جو تياڳ‘، ’مهاوير اَرجن‘ ۽ ’پيشم پتامهہ‘. هن جون ڪهاڻيون ۽ ليکہ اخبارن ۽ مخزنن ۾ شايع ٿيندا هئا.
هن رچنا ۾ آدرش ماسٽر جي سمجهاڻي ڏنل آهي.

پاڪستان ڪانپوءِ مان پونا ۾ آيس ۽ واڊيا ڪاليج ۾ داخل ٿيس. اُتي هاسٽل ۾ رهندي مون بمبئي يونيورسٽيءَ مان بي.اي. (آنرس) پاس ڪئي ۽ پوءِ 1955ع ۾ اَڏياپڪا ٿي ڪم ڪيم ۽ پڻ ايم.اي. اِمتحان بہ پونا يونيورسٽيءَ مان پاس ڪيم. مان مئٽرڪ ڪلاس کي سنڌي پاڙهيندي هئس ۽ ٻين ٽن ڪلاسن کي سنسڪرت سيکاريندي هئس. منهنجي ڪلاس ۾ اٽڪل ٽيهہ پنجٽيهہ شاگرد هئا. ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ٻيئي هئا. اُنهن شاگردن ۾ هڪڙو هو گوبند. ڇوڪرو، جو ڏسڻ جو ٺاهوڪو ۽ قد بت ۾ سني شخصيت وارو هو. ڪپڙا وغيره بہ سُٺا ۽ ڍنگ سان پائيندو هو. خميس جو ڪالر لڙيل يا استري نہ ٿيل، ڪڏهين نہ ڏٺومانس. هوُ ڇوڪرو هڪ ڳالهہ ۾ ٻين کان علحدو لڳندو هو. ڇو تہ هوُ اُس جو ٽوپلو ضرور پائيندو هو، جڏهن ڪلاس کان ٻاهر ويندو هو. ڪلاس ۾ ڏاڍو گم سُم ۽ پنهنجي ئي ڌُن ۾ لڳندو هو. ڳالهائيندو بہ گهٽ هو. ڪيس اڻ لکو جاچيندي محسوس ٿيم تہ هن کي مڙيئي احساس ڪمتري آهي. ڪيترا دفعا تہ چپ چاپ پهرين قطار مان اُٿي پنيان آخرين قطار ۾ خالي جاءِ تي ويهي رهندو هو. هڪ ڏينهن سندس ماتا مون سان گڏجڻ آئي. مونکي چيائين تہ مهرباني ڪري گوبند سان ٿورو پيار پريو وهنوار ڪريو ۽ هٿڪندي چيائين ٿورو خاص ڌيان رکوس. مون عجب مان ڏانهنس نهاريو. منهنجون سوالي نِگاهون ڏسي چيائين ڪنهن وقت ڪُجهہ ٿورو عرصو مون پڻ ٽيچر ٿي ڪم ڪيو هو. ڪنواري هوندي بي.اي ۾ منهنجو هڪ وشيہ سائڪالاجي هوندو هئو. انهي حساب سان مان سمجهان ٿي تہ ماءُ کان وڌيڪ ٽيچر جو اثر ٻار تي وڌيڪ پوي ٿو.

’ڇو‘ گهر ۾ ڪو اهڙو پرابلم آهي ڇا؟ جو توهين ڪيس مدد نٿا ڪري سگهو؟‘ مون البت منتظر ٿي پڇيو.

خاص پرابلم ڪانهي. فقط جاچيو اَٿم تہ جڏهن منهنجو گهوٽ ٻين پٽن سان گڏجي ڳالهہ ٻولهہ ڪندو آهي تہ گوبند کي ڄڻ اڪيلو ڪري ڇڏيندا آهن. ڇو تہ هوُ ننڍو پُٽ آهي ۽ ٻيو تہ اِن ڏانهن ڌيان گهٽ اَٿس. هوُ پنهنجي ڌنڌي ڌاڙيءَ جي ڳالهين ۾ مشغول ٿي وڃن. اِنهيءَ ڪري گوبند کي ڏسان ٿي تہ ڪيس اڄ احساس ڪمتري پيدا ٿي آهي. ڪنهن ڳالهہ ۾ دلچسپي نٿو ڏيکاري نہ کائڻ پيئڻ ۾ ۽ نہ راندين روندين ۾. جنهن لاءِ مون کي چنتا ٿي پيئي آهي. مَرد تہ اِها ڳالهہ سمجهن نٿا. مون کي اڄ توهان سان گڏجڻ جو ويچار آيو. توهين هن ٻار کي تمام سنو نگرواسي بڻائي سگهو ٿا. منهنجو اِهو وشواس، هڪ ٽيچر جي ناتي آهي.

هن جي ڳالهہ ٻُڌي مون کيس دلداري ڏيندي چيو، ’فڪر نہ ڪر مان ڪوشش ڪنديس!‘

اِن ڏينهن کانپوءِ مان گوبند ۾ چاهہ وٺڻ لڳس. مون هڪ تجربو ڪرڻ ٺئي چاهيو تہ اڏياپڪ جو پيار ۽ ڌيان ٻار ۾ ڪهڙو بدلاءُ آڻي سگهي ٿو. اِتفاق اهڙو ٿيو جو هڪ دفعي ڪلاس ۾ ڪو شاگرد چوري ڪندي پڪڙجي پيو. شاگرد اُن ڇوڪري کي سخت سزا ڏيڻ لاءِ واڪا ڪرڻ لڳا. مون اوچتو گوبند کي مخاطب

تي چيو ”ان حالت ۾ تون جيڪر ڇا ڪرين گوبند.“ گوبند پهرين تہ حيران ٿي ويو. پر پوءِ حالت سمجهي سندس دماغ سوچڻ لڳو. سوچڻ شروع ڪيائين ۽ واهہ جو فيصلو ٻڌايائين. چيائين، ”ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ هُن ڪنهن مجبوريءَ سبب چوري ڪئي آهي. سو جي ڪُلم ڪُلا معافي گهري ٿو تہ اِهائي سندس وڏي سزا آهي. اِنهيءَ ڪري ڪيس سڌرڻ لاءِ هڪ وَجهہ ڏيڻ ڏاڍو سٺو ٿيندو.“ عجب لڳم جو سڄو ڪلاس گوبند سان سهمت ٿيو ۽ گوبند کي شاباس - شاباس چوڻ لڳا. گوبند جي اکين ۾ چمڪ اچي ويئي! اُها چمڪ ڏٺي ۽ سمجهيم تہ تجربي جي ڏاڪڻ تي پهريون قدم چڙهي چُڪي آهيان. هاڻي مان گوبند کان تڪرار جا ننڍا وڏا ڪم ڪرائيندي هئس ۽ کيس اسسٽنٽ مانيٽر جو درجو ڏيئي ڇڏيو. هُن ۾ ڄڻ نئين جان اچي ويئي. زندگيءَ ۾ چاهہ وڌڻ لڳس. اسڪول جي هرڪنهن پروگرام ۾ اُيين ڪُڙين ٿي ٻيهي مدد ڪندو هو. خبر پيم تہ راندين ۾ پڻ بيحد هوشيار آهي. ڇوڪرين توڙي ڇوڪرن سان همدرديءَ سان پيش اچي کين صحيح نموني ۾ راند سيکارڻ لاءِ تيار ٿي ويندو هو. مون ۾ هن جو ڏاڍو وشواس هو، جنهن وشواس اڳتي هلي عزت ۽ پيار جو روپ ورتو. هينئر کيس ڪا بہ دقت ايندي هئي، گهر ۾ يا ٻاهر، چپ چاپ مون سان اچي حال اوريندو هو. مان سندس دل وندي ۽ مسئلي جو حل ڳولهڻ ۾ مدد ڪندي هئس.

هڪ دفعي اسڪول جي مئٽرڪ ڪلاس کي پڪنڪ تي وٺي وياسين، ٽيهہ پنجٽيهہ وديارٿي ۽ چار اڌيايڪ گڏجي وياسين. ڪَڙڪيءَ ۾ باٽنيڪل باغ جو سير ڪرڻ. گهمي ڦري اُٿياسين تہ چيو ڇورو ڪرڻ کان اڳ سخت اُڃ محسوس ٿي. پئي هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳاسين. ڪي ڇوڪريون پاڻيءَ جي تلاش ۾ اڳتي هلڻ لڳيون پر پاڻيءَ جو پتو نہ دارد. اکيون مٿي کڻي جيئن سامهون نهاريم تہ ڏٺم گوبند ٽوپلي سميت پريان باغ جي ڄڻ چڪاس ڪري رهيو هو. مون يڪدم کيس سڏي چيو، ”گوبند انهيءَ ڪوٽ سوٽ ۽ ٽوپلي سان تہ تون ڄڻ پروفيسر پيو لڳين.“ گوبند کان کليو ٿهڪ نڪري ويو ۽ هوُ نهايت خوبصورت ٿئي لڳو. هڪدم ٽوپلو مٿي تان لاهي هٿ ۾ جهلي اڳيان اچي چيائين، ”فرمايو ڪو خاص ڪم؟“

بلڪل هاڻي تون اهو ٽوپلو مٿي تي پلي پاءِ ۽ وڃي پاڻيءَ جي تلاش ڪر. ڪٿي نہ ڪٿي هن باغ جو مالهي وينو هوندءِ ۽ پڻ آفيس بہ ڪٿي ضرور هوندي.

”او ڪي! دادي فڪر نہ ڪريو مان پاڻيءَ بِنا نہ موٽندس.“

مون رڙ ڪري چيو، ”ائين نہ! تون واپس ضرور موٽندين.“ ليڪن ان کان اڳ هوُ وڏا وڏا قدم کڻي اڳيان هليو ويو.

اسين پاڻ ۾ اِنهيءَ گوبند جي چرچا ڪري رهيا هئاسين، تہ هن ۾ ڪيترو نہ ڦيرو اَچي ويو آهي. هوُ تہ لڪل لعل آهي. هن لاءِ ڪا بہ ڳالهہ ناممڪن ڪين آهي.

اٽڪل اڌ ڪلاڪ اندر ڏسون تہ پريان گوبند پاڻيءَ جو وڏو مٽڪو ٻنهي هٿن ۾ جهلي وڌندو پيو اچي. يڪدم بہ ڇوڪرا کيس مدد ڪرڻ لاءِ اڳتي ڊوڙيا. ليڪن هن پاڻ مٽڪو کڻي اچي منهنجي اڳيان رکيو ۽ ڪوٽ جي کيسن مان بہ گلاس ڪڍي ورتائين. سڀ شاگرد کيس واهہ واهہ ڪري ورائي ويا. هُن نمرتا سان چيو تہ مان آفيس ۾ وڃي مئنيجر سان گڏجي کيس وينتي ڪري پاڻي وٺي آيس.

بس مونکي تہ اهڙي خوشي ٿي جو مون چڪي کڻي گوبند کي ڀاڪر پاتو! ايتري ۾ ڇوڪرا کيس هنج ۾ کڻي واهہ گوبند! واهہ گوبند! چئي ڦيرا پائڻ لڳا. منهنجون اکيون آليون ٿي ويون ۽ چيم:

”منهنجو تجربو ڪامياب ويو.“

## لفظن جو خزانو

گم سم ھُجڻ = بي سُرت ھئڻ
مخاطب ٿيڻ = روبرو ڳالهائڻ
دلداري = آٿت
منتظر = انتظار ڪندڙ

## اَڀياس

سوال 1. هيٺين جملن ۾ جواب لکو.

1) گوبند پنهنجي شاگردن کان علحدو ڪيئن ھو؟
2) ليڪا کي گوبند جي ماءُ ڪهڙو عرض ڪيو؟
3) گوبند جو ڪلاس ۾ ڪهڙو ورتاءُ ھوندو ھو؟
4) ليڪا ڪهڙو تجربو ڪرڻ ٿي چاهيو؟
5) ٻار پڪنڪ تي ڪٿي ويا هئا؟
6) سڀ ٻار گوبند جي واهه واهه ڇو ڪرڻ لڳا؟

سوال 2. ٿوري ۾ جواب لکو.

1) گوبند گهر جي ڪهڙي ماحول ڪري پاڻ کي اَڪيلو سمجهندو ھو؟
2) سزا ڏيڻ بابت گوبند ڪهڙي راءِ ڏِني؟
3) ليڪا جو تجربو ڪيئن ڪامياب ويو؟

سوال 3. هيٺ ڏنل جملا ڪنهن ڪنهن کي چيا آهن؟

1) ”جو توهين ڪيس مدد نہ ٿا ڪري سگهو؟“
2) ”فڪر نہ ڪر مان ڪوشش ڪنديس.“
3) ”ڏسڻ ۾ اَچي ٿو تہ ھُن ڪنهن مجبوريءَ سبب چوري ڪئي آهي.“
4) ”تون واپس ضرور موٽندين.“

سوال 4. (I) ضد لکو.

علحدو ........................
پيار ........................
خاص ........................
مشغول ........................
هوشيار ........................
اڳ ........................

(II) صفتون لکو.

شخصيت ........................
احساس ........................
مدد ........................
اَثر ........................
مجبوري ........................
زندگي ........................

(III) ڏنل هدايت موجب زمان بدلايو.

1) مون البت منتظر ٿي پڇيو.
(زمان حال ۾ بدلايو)
2) مان ڪوشش ڪنديس.
(زمان ماضي ۾ بدلايو)
3) ماءُ کان وڌيڪ ٽيچر جو اَثر ٻار تي وڌيڪ پوي ٿو.
(زمان مستقبل ۾ بدلايو)
4) اِهائي سندس وڏي سزا آهي.
(زمان ماضيءَ ۾ بدلايو)

## مشغُولي - 1

تڪ پڙهي عملي ڪم ڪريو.

هڪ دفعي اِسڪول جي مئٽرڪ ڪلاس ................... منهنجو تجربو ڪامياب ويو.

1. چوڪنڊي مان مناسب جواب ڳولهي ليڪ ڏنل لفظ بدران ڪم آڻي جملو وري لکو.

| |
|---|
| چنتا، ڳولها |
| نهنائي، سڦل |

1) منهنجو تجربو ڪامياب ويو.
2) دادي فڪر نہ ڪريو.
3) ھُن نمرتا سان چيو.
4) ڪي ڇوڪريون پاڻيءَ جي تلاش ۾ اڳتي هلڻ لڳيون.

2. تڪر مان هيٺ ڏنل لفظن جا ضد ڳولهي لکو.

1) ممڪن ......................
2) پوءِ ......................
3) سچو ......................
4) گھمنڊ ......................

3. هيٺ ڏنل جملن جو سِلسِلو ٺاهي لکو.

1) شاگردن کي سخت اُڃ لڳي.
2) شاگرد پڪنڪ تي گھمڻ ويا.
3) ٻارن گوبند جي ساراهہ ڪئي.
4) گوبند پاڻي آندو.

4. مناسب جواب ڳولهي چوڪنڊن ۾ لکو.




5. برئڪيٽ ۾ ڏنل هدايت موجب جملا بدلائي لکو.

1) هُوڏا وڏا قدم کڻي اَڳيان هليو ويو.
(زمان مستقبل ۾ بدلايو.)
2) منهنجون اَکيون آليون ٿي ويون.
(زمان حال ۾ بدلايو)
3) مان پاڻيءَ بنا نہ موٽندس.
(ليڪ ڏنل لفظ بدران 'توهان' ڪم آڻيو)
4) ھُن ۾ ڪيترو نہ ڦيرو اَچي ويو آهي.
(ليڪ ڏنل لفظ بدران مناسب لفظ ڪم آڻيو)

6. دادي ۽ گوبند وچهِ ڇهن سٽن ۾ گفتگو لکو.

7. ”همٿائڻ سان جوش ڦوڪي سگھجي ٿو.“ اِن بابت پنهنجا ويچار لکو.

8. ڪنهن ڪنهن کي چيو.

1) فرمايو! ڪو خاص ڪم.
2) دادي! فڪر نہ ڪريو مان پاڻيءَ بنا نہ موٽندس.
3) ائين نہ! تون واپس ضرور موٽندين.
4) گوبند! انهيءَ ڪوٽ سوٽ ۽ ٽوپلي سان تہ تون ڄڻ پروفيسر پيو لڳين.

9. پنهنجي اسڪولي جيون جو ڪو بہ هڪ واقعو بيان ڪريو.

10. پنهنجي دوست يا ساهيڙيءَ کي احساس ڪمتريءَ مان ٻاهر ڪيڍڻ لاءِ توهان ڇا ڪندا؟

## مشغُولي - 2

1) توهان پنهنجي اِسڪول يا ڪاليج ۾ پڪنڪ تي ويا. هينيان مُدا اِستعمال ڪري هڪ ننڍڙو فقرو لکو.

گھر ۾ تياري، پڪنڪ جو هنڌ، تاريخ، رانديون، نئين جڳهہ جو آزمودو، سهڪار ڀاونا.

## 2) جوڙا ملايو.

| الف | ب |
|---|---|
| 1. اجنتا ايلورا غفائون | 1. ممبئي |
| 2. ڪارلا غفائون | 2. علي باغ |
| 3. گيٽ وي آف اِنڊيا | 3. مهابليشور |
| 4. سنهگڙه قلعو | 4. اورنگ آباد |
| 5. پنچگني | 5. ناسڪ |
| 6. مڪتي ڌام مندر | 6. لوناولا |
| 7. ڪولابا قلعو | 7. پٽي |

**وڌيڪ ڄاڻ :**

’باٽنيڪل گارڊن‘ مطلب نباتات باغ اُن کي چئجي ٿو جتي ڪنهن مقرر ڪيل ايراضيءَ ۾ ٻوٽن جي پوکر ڪئي وڃي. ٻوٽن کي سانڍيو وڃي. دنيا ڀر جي قِسمين قِسمين ٻوٽن کي گڏ ڪري محفوظ ڪيو وڃي.

اِن باغ ۾ هرهڪ ٻوٽي مٿان سندس وگياني نالو لکيل هوندو آهي. مختلف حالتن ۾ پيدا ٿيندڙ ٻوٽامثال بياباني، قطبي ۽ غيررواجي حالتن ۾ پيدا ٿيندڙ ٻوٽن بابت سربستي ڄاڻ اِن نباتات باغ مان ملي سگهندي آهي. اِن نباتات باغ ۾ ٻوٽن کان سواءِ ميوزيم، لائبريري، ناٽڪ گهر ۽ سنگيت گهر جهڙيون سهوليتون به موجود هونديون آهن.

نباتات باغ هڪ تحقيقي مرڪز به آهي. وگيان جا شاگرد اُتي اَچي نيون نيون کوجنائون ڪري سگهن ٿا. اِسڪول، ڪاليج جا شاگرد اُتي اَچي نوان نوان ٻي مثل ٻوٽا ڏسي ڏاڍو خوش ٿيندا آهن ۽ اَڻ لڀ ڄاڻ حاصل ڪندا آهن.

سڀ کان پهريائين نباتات باغ يوروپ ۾ ’آرٽو باٽنيڪو دي پِسا‘ نالي سان سن 1544ع ۾ جوڙيو ويو.

- **مهاراشٽرا جا مشهور باٽنيڪل باغ**

1. ايمپريس گارڊن، پٽي.
2. مرات واڙا يونيورسٽي باٽنيڪ گارڊن، اورنگ آباد
3. وير ماتا جيجاٻائي پوسلي اُديان ڀاپا ائٽامڪ ريسرچ سينٽر.
4. ساتپوڙا باٽنيڪ گارڊن، ناگپور.

- **ڀارت جا مشهور باٽنيڪل باغ**

1. سنجير گانڌي جئيوڪ اُديان، بهار.
2. حيدرآباد باٽنيڪل گارڊن، تيلنگانا.
3. پنجاب يونيورسٽي باٽنيڪل گارڊن، چنڊيگڙه.
4. آر.بي باٽنيڪل گارڊن، گجرات.
5. ڪيوبل پارڪ، ڪرناٽڪ.
6. جواهرلعل نهرو ٽريپيڪل باٽنيڪ گارڊن، ڪيرالا

# 2. مهمان يا جُنِ

سروج گوپال پارواڻي

شريمتي سروج گوپال پارواڻي ڪيترين ئي روچڪ ڪهاڻيون، ڪوتائون ۽ ليک لکيا آهن. ’ڪونج‘ ڪتاب تي NCPSL جو ميرٽ پرائيز مليل اٿس. ’نيٺ مولي جي شادي ٿي‘ ڪتاب کي ذهين پاٺڪن به ساراهيو آهي.
هن سبق ۾ مهمان بابت ٻڌايل آهي.

آرتوار جو ڏينهن هئو، گهوٽ ويو هئم سفر تي سوچيم ته روٽي ٺاهڻ جو خفو گهٽ آهي ڇو نه اڄ گهر جي چڱيءَ طرح صفائي ڪري وٺان، رنڌڻو صاف ڪئي به مهنو ڏيڍ ٿيو هئو. ان حالت ۾ ڪاڪروچ ته پنهنجو حق سمجهي رنڌڻي ۾ ديرو ڄمائيندا آهن. انڪري ٻارن کي نيرن پيٽ ڀري کارايم ۽ رنڌڻي جا ڪٻٽ وغيره ڪڍي وينس صفائي ڪرڻ، اڃي منجهند تي ڏاڍي ٿڪل هئس، سنان ڪري ٿورو ناشتو پاڻي ڪري ٻارن کي چيم ويهي پڙهائي ڪريو ته مان ٿورو آرام ڪري وٺان. اڃا ليٽيس مس ته ياد آيو پريس جي ڪپڙن جو ڍير لڳو پيو آهي ۽ چادر ويڙهي رکيم ڪٻٽ ۾ ۽ ڪپڙا پريس ڪرڻ وينس. اڃا به ڪپڙا مس پريس ڪيم ته درتي کڙڪو ٿيو، منهنجي ننڍڙي ڪڪي جو در تي کڙڪو ٻڌو سو وڃي در کوليائين ۽ منهنجي ساهيڙيءَ کي ڏسي ڊڪندو آيو چيائين : ممي ممي! آنٽي آئي آهي.

مون پريس جو سئچ بند ڪيو ۽ ٻاهر آيس. ڇا ڏسان ته منهنجي ساهيڙي پنهنجي گهوٽ ۽ ٽن ٻارن سان اڳي پهتي هئي ۽ حجاڻتي نموني ڀاڪر پائيندي سڪ سان گڏي. ڏاڍا ڏوراپا ڏيڻ لڳي ته تون ته ڪڏهن رستو ڀلجي به ڪونه اچين، مان ڏس ڪيئن پنهنجي ڪٽنب سوڌي اَچي پهتي آهيان.

مون مجبوري ڏيکاريندي چيو ڀائي ڇا ڪريون! نوڪري ڪندڙ ماڻهن جي ته اِهائي حالت آهي نه، اڌ ڏينهن گهر جو ڪم، اڌ ڏينهن نوڪري، ٻارن سان به سڄي ڏينهن ڪانپوءِ رات جو ئي ڳالهائڻ ٻولهائڻ جو وقت ملندو آهي سو گهمڻ ڦرڻ جو ته سوال ئي ڪونهي.

دل سچي هجي ته ڪو بهانو ڳولهڻ جي ضرورت ڪونهي، آرتوار ته آهي!

ٻيون به ته موڪلون آهن ڪڏهن ته ماڻهوُ منهن ڏيکاري. خير ڳالهين ڪندي مهمانن جي مرحبا ڪرڻ ته لازمي آهي. رسم مطابق ڪجهه مٺائي، نمڪين، ڪيڪ، بسڪيٽ وغيره ڪڍي اچي سندن اڳيان رکيم ۽ چيومان کٽو ڀائي، ڀهرين ته ٿوري آنا ڪاني کيائون ۽ پوءِ جو پليٽن کي لڳا، اهڙين پليٽون صاف ڪيائون جو پليٽن کي صاف ڪرڻ جي ضرورت ئي محسوس نه ٿئي. مٿان وري چانهه جي چسڪي هنيائون صونف سوپاري کارائيمان ته من روانا ٿين ته مان پنهنجي ڪم کي لڳان پر هوُ به گهر ۾ ڪي ديگڙا اونڌا ڪري آيا هئا الائي ڇا! آخر ڪلاڪ ڏيڍ ڪانپوءِ اُٿيا، منهنجي ساهيڙيءَ چيو وڃون ٿا هِنَ جي دوست جي گهر، ڀائي ڇا ڪريون هر آرتوار تي نڪرون ۽ ٻن چئن کي خوش ڪندا آهيون. هفتي جا ڇهه ڏينهن ته نڪرڻ جو وقت نٿو ملي.

نڪرڻ وقت گهوٽس چيس اها ٿيلهي اِتي ئي رک، موٽندي کڻندا هلنداسين، اهڙين ئي روٽي کائڻ هتي اچڻو آهي نه!

مان وائڙي ٿي ويس ’’مانِ نه مانِ مئن تيرا مهمان‘‘ مون روٽيءَ جي آڇ ئي ڪونه ڪئي ۽ هيءُ بنا چئي روٽي هتي کائيندا!

منهنجي ساهيڙيءَ کلندي چيو، ’’ڀائي نڪتا آهيون ٻن چئن گهرن ۾ گهمندي رات ته ٿي ويندي

سو مون چيو مان روٽي منهنجي ساهيڙيءَ وٽ کائيندا سين''.

مِني بہ ماٺ مُني بہ ماٺ. چيومانِ ٺيڪ آهي. مان روٽي ناهي ٿي رکان توهان روٽي هتي ئي کائيندا وڃجو، پر سپاٽي ستهن آهي اجا مونکي منيون مانيون وغيره بہ پچائڻيون آهن.

تنهن تي ٺهہ پهہ ساهيڙيءَ چيو پوءِ تہ پاڻ سولائي ٿيندي سپاٽي لاءِ پڪوڙا تہ تون ئي ناهيندينءَ، ٻي ڀاڄيءَ جو ڪم اُنهن مان ٿي ويندءِ، پر روٽي ساڍي اٺين بجي تيار رکجان.

نيٺ جيئن تيئن ڪري هنن کي روانو ڪري روٽي ٺاهڻ کي لڳي ويس روٽي ناهيندي مهمانن تي غصو پيو اچي، هيءُ ڪهڙا مهمان جيڪي ٻي زبان جي مجبوري نٿا سمجهن پر جيڪو ڳلي پويِ اِن کان مُڪتي پائڻ لاءِ تہ ستن ڪوهن جو پاڻي پيتل ماڻهو گهرجي.

گهڙيال ساڍن اٺن جو ٽڪاءُ هنيو ۽ در بہ کڙڪيو، وقت جا پابند مهمان حاضر هئا، مون تہ ٽيبل تي اڳي ئي روٽي تيار رکي هئي هرڪو پنهنجي پنهنجي پليٽ کڻي روٽي کائڻ ۾ مشغول ٿي ويو. هر هر چوڻِ پيائي اسين توهانجي کائڻ تائين نہ ترسندا سين چو تہ اسانجي بس هلي ويندي، گهوٽس آڱريون چٽيندي چيو، پيائي روٽي تہ ڏاڍي لذيذ ناهي اَٿوَ، توهانکي تہ سرٽيفڪيٽ ڏيڻو پوندو. مان ڦڪي مشڪ مشڪندي من ۾ پيئي چوان، جلد روانا ٿيو، توهانجي ڪري منهنجو ساري ڏينهن جو شيڊيوُل ئيِ خراب ٿي ويو آهي. هڪ طرف پريس جا ڪپڙا رهجي ويا، ٻئي طرف توهانجي وڃڻ ڪانپوءِ سپاٽي جي تياري بہ تہ ڪرڻي اَٿم نہ!

روٽي کائي مٿان جو ٿڌو پاڻي ڏنومان تہ پڇيائون فرج ورتي اٿيئي چا؟ مون پنهنجو رعب ڏيکاريندي چيو، ها پيائي اسانجي فرج ڪانسواءِ سري ئي ڪونہ، فروٽ ٿڌو فرج جو کپي، پاڻي ٿڌو فرج جو، ۽ وري ٻارن کي بہ شونق آهي تہ ڪڏهن آئيسڪريم ڪڏهن جيلي ڪسٽرڊ پيئي ناهيندي آهيان.

ساهڙيم چيو، ٺهيو تنهنجي جيلي ڪسٽرڊ ۾ بہ اسانجو نصيب هئو. چا ياد ڪنداسين تہ روٽي تہ ڪاڏيسين تو وٽ، هونءَ تہ هر هفتي ڪنهن نہ ڪنهن وٽ روٽي کائيندا آهيون، پر هئڙي سوادي روٽي ڪٿي بہ کائڻ لاءِ نہ ملي آهي. جيلي ڪسٽرڊ جا خالي ڊٻا رنڌڻي ۾ رکڻ ويس تہ گهوٽس رڙ ڪندي چيو، پيائي صونف، سوپاري کڻندا اچجو، صونف سوپاري کائي موڪلائيندي چيائون، ٿئنڪ يوُ هاڻي توهان اچجو. منهنجي ساهيڙيءَ چيو هيءَ سُست چا ايندي؟ وري بہ اسانکي چِڪ ٿيندي اسانکي ئيِ اچڻو پوندو.

در بند ڪري ٻارن کي چيم، ''اچو ٻارو هاڻي اسين روٽي کائون، ڏاڍي ٻُک لڳي آهي''. چانورن جي ڊش کوليم تہ خالي. سوچيم هيڏي وڏي ڊش سڄي خالي! ڇڳو ڦلڪو ئي ٿا کائون، ڊٻو کوليان تہ اُهو بہ خالي، پنهنجي پُٽ کي چيم بريڊ باڪس مان بريڊ کڻي اچ تہ اُها ئي ٿا ڀاڄيءَ سان کائون.

هريش چيو، بريڊ باڪس ۾ بريڊ ڪٿي آهي اُها تہ سويل آنٽيءَ جا ٻار کائي ويا. ڀاڄيءَ جي ڊش کوليان تہ اُها بہ خالي، مونکي پاڻ تي ڏاڍو غصو اچڻ لڳو، مان ايتري نرم دل چو آهيان! جو پاڻکي ۽ پنهنجي گهر کي تڪليف ۾ ٿي وجهان خئر! هريش کي چيم هاڻي هڪ بريڊ وٺي اچ تہ مان چانهہ ٿي ناهي وٺان، ويچارو وفادار پٽ ويو ۽ وڃي بريڊ وٺي آيو ۽ روٽي کاڏيسين. اُن ڪانپوءِ وينس پريس ڪرڻ، اچي رات جا ٻارهان ٿيا ۽ اوچتو در کڙڪيو، سوچيم خبر ناهي هن وقت وري ڪهڙا مهمان آيا آهن. در کوليم تہ گهوٽم گشت تان واپس آيو هئو، مون سوال کيو توهان تہ صبوح جو اچڻا هئا هينئر ڪيئن؟

هن کلندي چيو، چو پنهنجي گهر ۾ اچڻ لاءِ ڪو وقت مقرر هوندو آهي چا؟ مونکي سويل بس ملي

ويئي ته هلي آيس تو ڇا سمجھو ڪو مھمان هوندو؟

مون ڇيو خبر ناهي اڄوڪو ڏينھن ڪيئن گذريو؟ نه آرام ڪيم نه سُٺي نموني روٽي.

”ڇو ڇا ٿيو“؟ هن عجب ڪائيندي پڇيو؟

بنا ڪوئي اهڙا مھمان آيا جن جي مھمان نوازيءَ منهنجو هيترو وقت برباد ڪيو.

منهنجي گھوٽ کلندي چيو، تنهنجي ڪاڏي تي هنن جي مھر لڳل هوندي ته ضرور هوُ ڪائڻ ايندا نه اِن ۾ ڪنهنجو ڏوهه ڪونهي مھمان ته قسمت وارن جي گھر ايندا آهن.

مون مشڪندي چيو، ”ها مھمان نوازي توهانکي ڪرڻي پوي ها ته خبر پوَيو ها ته مھمان ڇا ٿيندا آهن!“

## لفظن جو خزانو

مرحبا = سواگت

ديرو ڄمائڻ = گھر ڪري ويھڻ

ٺھ پھ = اُتي جو اُتي ئي

ڏوراپا ڏيڻ = مَهڻا ڏيڻ

## اَڀياس

**سوال 1.** هڪ ٻن سِٽن ۾ جواب لکو.

1) آرتوار ڏينهن صفائي ڪرڻ جو فيصلو ڇو ڪيو ويو؟

2) مھمانن لاءِ در ڪنهن کوليو؟

3) ٻارن رات جو ڪهڙي ماني کاڌي؟

**سوال 2.** ٿوري ۾ جواب لکو.

1) ٻاهر نه نڪري سگھڻ جي ڪهڙي مجبوري ٻڌايل آهي؟

2) ليکڪا، ساهيڙيءَ جو سواگت ڪيئن ڪيو؟

3) مھمانن طرفان مانيءَ جي ساراهه تي ليکڪا ڇا سوچيو؟

**سوال 3.** ڪنهن، ڪنهنکي چيو.

1) ”تون ته ڪڏهن رستو ڀُلجي به ڪونه اچين.“

2) ”هر آرتوار تي نڪرون ۽ ٻن ڇئن ڪي خوش ڪندا آهيون.“

3) ”سياڻي سُتهن آهي. اڄا مونکي مِنيون مانيون وغيره به پچائيٽيون آهن.“

4) ”اسان جي فرج ڪان سواءِ سري ئِي ڪونه!“

**سوال 4.** صفتون ٺاهيو.

مجبوري ....................

آڇ ....................

سوُالائي ....................

نصيب ....................

**سوال 5.** ضد لکو.

بهادر ....................

خوش ....................

مشغول ....................

## مشغولي - 1

ڏنل ٽڪر پڙهي عملي ڪم ڪريو.

دل سچي هجي ته ڪو ................................

روٽي منهنجي ساهيڙيءَ وٽ ڪائيندا سين.

**(1)** خاڪو پورو ڪريو.



(2) خاني ۾ ڏنل لفظن مان رنڌڻي جو سامان چونڊي لکو.

ديڳڙو، صوفا، پليٽون،
چمچا، ميز، ٽي.وي.،
گئس سلينڊر، ڪونديون

(3) ڏنل جملا سلسليوار لکو.

(I) ليڪڪا سوچيو، ’مانِ نہ مانِ، مئن تيرا مهمان.‘
(II) مهمانن چيو تہ هوُرات جي روٽي ڪائي ويندا.
(III) ليڪڪا سوچيو، مهمانن جي مرحبا ڪرڻ تہ لازمي آهي.
(IV) ليڪڪا مهمانن کي چانهہ پيئاري.
(V) ليڪڪا مهمانن جي سواڳت ۾ نمڪين، ڪيڪ ۽ بسڪيٽ وغيره آندا.

(4) توهان جي گهر مهمان ايندا تہ اُنهن جو سواڳت ڪيئن ڪندا؟

(5) سٽ پڙهي سوالن جا جواب لکو.

’پهرين تہ ٿوري آناڪاني ڪيائون.‘

(I) اها سٽ ڪنهن بابت چيل آهي؟
(II) عدد وارو لفظ ڳولهيو.
(III) انداز ڏيکاريندڙ لفظ ڳولهيو.
(IV) ’انڪار‘ بدران ڪهڙو لفظ ڪم آندل آهي؟

(6) اِصطلاحن ۽ اُنهن جي معنيٰ جا جوڙا ملايو.

| | |
|---|---|
| 1. مرحبا ڪرڻ | 1. اُسهڻ |
| 2. لازمي هُئڻ | 2. اِنڪار ڪرڻ |
| 3. آناڪاني ڪرڻ | 3. ضروري هُئڻ |
| 4. روانو ٿيڻ | 4. سواڳت ڪرڻ |

(7) مهمان جي ڪهڙي وهنوار مان ميزبان کي تڪليف ٿيندي آهي؟

(8) ڏنگين مان مناسب لفظ ڳولهي خال ڀريو.

1) مان توهان جو تمام گهڻو ................ آهيان.
(شڪرگذار، شڪرگذاري، شڪر)

2) هاڻ اسان کي پهرين کان وڌيڪ ............ سان ڪم ڪرڻ گهرجي.
(محنتاڻو، محنت، محنتي)

3) سيٺ سان اسان جي .................. سندن ئي هڪ عزيز ڪرائي.
(سڃاڻپ، سڃاڻيندڙ، سڃاڻ)

4) اڄ جي سماجي حالتن ۾ ڪيڏيون ............ اچي رهيون آهن؟
(تبديلي، تبديل، تبديليون)

5) انساني جامو ڏڻيءَ جي هڪ پوتر ............ آهي.
(امانتون، امانت، امانتي)

6) هن جو چهرو ڏسي مان ............ ۾ پئجي ويس.
(عجيب، عجب، عجيبي)

7) مون کي .................. نٿو اَچي.
(وشواسي، وشواس، وشواسن)

8) اهو .................. ڪمال آهي.
(قدرت، قدرتي، قادر)

9) اسان کي سنگيت مان سچو .............. ملي ٿو.
(آنند، آنندي، آننددايڪ)

10) ڳوٺن ۾ ................ هوا هئي.
(تازو، تازگي، تازي)

## مشغولي - 2

اَڻ ٺهڪندڙ لفظ مٿان گول پايو.

1) مهمان، ميزبان، مِزمان، دعوتي
2) پريشاني، تعدي، جٺ، خوشي
3) قيمت، مُلهہ، پئسا، اَگهہ
4) مرحبا، خاطرداري، آدرڀاءُ، نفرت
5) احوال، قاصد، خبر، سَمَڪَ
6) واندو، رُڌل، مصروُف، مشغول
7) آرام، فرحت، آسايش، تڪليف
8) واندڪائي، گشت، سفر، چڪر
9) ٽاڻو، وقت، ويل، عمر

# 3. اخلاق

منوهر نهالاڻي

شري منوهر نهالاڻي جو جنم 1940ع ۾ سنڌ جي منياڻي ضلع نوابشاهه ۾ ٿيو. هُن جا شايع ٿيل اصلوڪا ڪتاب آهن : ’وير ٻالڪ‘، ’سنڌي ساهت جا ستارا‘، ’وچتر راجڪماري‘ ۽ ’شمع جلندي رهي‘.
هن ليک ۾ اخلاق بابت ٻڌايو ويو آهي.

ڪو وقت هو جڏهن شاگرد اَسر ويلي اُٿي ڀڳوان جي بندگي ڪرڻ بعد پنهنجي پڙهائي ڪندا هئا. جيون جي سيني گُڻن، آسودگي، خوشحالي بهبوديءَ جو آڌار نيڪ اخلاق تي آهي. جيڪڏهن اسانجو اخلاق سٺو آهي ته دنيا جون سڀ نعمتون ٻل، ٻُڌي، آسودگي اسانجي قدمن ۾ اچي پون ٿيون. پر جيڪڏهن اسانجي زندگي بد-اخلاق ۽ نهايت غليظ آهي ته اسين سماج ۾ گِلا ۽ نفرت جا حقدار بڻجون ٿا. پنهنجي ٻُڌي، ٻل ۽ آسودگيءَ کي پنهنجن ئي هٿن سان وڃائي ٿا ويهون. بداخلاق ماڻهو پنهنجو پاڻ کي، پنهنجي ڪٽنب کي ۽ پنهنجي سماج؛ جنهنجو هوُ فرد آهي، ڪڏ ۾ ٿو ڪيرائي. چريترهيڻ شخص پنهنجي سماج لاءِ زحمت ثابت ٿئي ٿو. جڏهن ڪ نيڪ اخلاق رحمت. بد اِخلاق شخص ڪُڪرمن وسيلي پنهنجو جيون نرڳ بڻائي ٿو، جڏهن ڪ چريتروان لاءِ سرڳ جا دروازا هميشھ کُليل رهندا آهن. چريتر هيڻ جو جيون انڌڪار سان ڀريل هوندو آهي، هوڏانهن چريتروان گيان جي روشنيءَ سان اوجل وايومنڊل ۾ گذاري ٿو. ويدڪ منترن ۾ اِنهيءَ ڪري اسانجي رشين ڀڳوان کي پرارٿنا ڪئي آهي، ”هي ايشور مونکي ڪوڙ کان سچ ڏانهن وٺي هل، اوندهہ کان روشنيءَ ڏانهن وٺي هل.“ ڪوڙ ۽ اوندهہ جو واسطو ماڻهوءَ جي بد اِخلاق سان آهي.

نيڪ اِخلاق بڻجڻ لاءِ هينين خصلتن جو هئڻ ضروري آهي علم، سني سنگت، شخصي آزمودو ۽ مضبوط اِرادو. هونئن ته اَڻ پڙهيل ماڻهو به سُني سنگ ۾ آزمودي جي آڌار تي نيڪ اخلاق وارا ڏٺا ويا آهن.

پر ٻُڌيءَ جو وڪاس، بنا تعليم جي نٿو ٿئي. ماڻهوءَ کي ڀلي بري جي سڃاڻپ گيان ۽ تعليم وسيلي ئي ٿئي ٿي. تعليم سان ماڻهوءَ جي مغز جا دروازا کُلي پون ٿا. تنهنڪري چريتروان ٿيڻ لاءِ سني تعليم جي سخت ضرورت آهي. سني تعليم سان گڏ سني سنگت به هئڻ کپي. چوندا آهن ته سنگ تاري ڪُسنگ ٻوڙي. اِئين ڏسڻ ۾ آيو آهي ته پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو به خراب سنگ ۾ اچي بگڙي پون ٿا. اُهو سچو سنگ جو اثر آهي. خراب سنگت هنجي تعليم جي لياقت کي به ڌوئي ٿي ڇڏي. چوندا آهن ’جهڙو سنگ تهڙو رنگ‘. ماڻهو جهڙن شخصن سان اُٿندو وهندو اُنهن جي ويچار ڌارا، عادتن، خواهشن، سني خراب ڪرمن جو اثر هن تي ضرور پوندو. تنهن ڪري نيڪ اخلاق ٿيڻ لاءِ تعليم کان وڌيڪ ضرورت سني سنگ جي آهي. سٺو سنگ نيچ ۾ نيچ ماڻهوءَ کي به اُتم بڻائي ٿو ڇڏي. جيئن پارس لوهہ کي ڇهندي ئي اُهو سون بڻجي ٿو پوي. اهڙيءَ ريت چريترهيڻ ماڻهو به سٺو سنگ پائي سڌري ٿا وڃن.

شخصي آزمودا به ماڻهوءَ کي بااخلاق بڻائڻ ۾ مددگار ٿيندا آهن. جڏهن ٻار جي آڱر هڪ دفعو باهہ ۾ سڙي پوندي آهي ته پوءِ ٻيو دفعو هوُ باهہ ۾ آڱر نہ وجهندو. ڪچي چور کي چوري ڪندي پڪڙجي پوڻ تي جڏهن پوليس جي زوردار مار ملندي آهي، تڏهن هوُ چوري ڪرڻ ڀُلجي ويندو آهي. اهڙيءَ طرح اسڪول ۾ ڪا شرارت ڪندي جڏهن شاگرد پڪڙجي پوندو آهي ۽ کيس سزا ملندي آهي، تڏهن هوُ ٻيهر شرارت نہ ڪندو آهي. مطلب

تہ شخصي آزمودو ماڻھوءَ کي نيڪ اخلاقيءَ ڏانھن وٺي وڃي ٿو. اخلاق ۾ آتما جو آواز بہ وڏو رول ادا ڪري ٿو. ڪو ڪم ڪرڻ لاءِ آتما چوي تہ ڪرڻو آتما نہ پولي تہ اُھو ڪم ھرگز نہ ڪرڻو. وڏن جي آدرشن ۽ اُصولن تي ھلڻ سان اخلاقي بڻجي سگھجي ٿو. من تي پورن ضابطو رکڻ بہ ضروري آھي. من بي لغام گھوڙي وانگر ڊوڙندو رھي ٿو. چو جو من ڏاڍو چنچل آھي. آزمودگار گھوڙيسوار وانگر من جي لغام کي قابوءَ ۾ رکڻو آھي. جيڪڏھن اسانجون اِندريون اسانجي وس ۾ آھن تہ ڪوبہ غيرواجب ڪم اسان کان نہ ٿيندو.

اخلاقي بڻجڻ سان ڪيترائي فائدا آھن. اخلاق معنيٰ ڪو خاص گُڻ نہ آھي پر ڪيترن گُڻن سچائي، ھمدردي، فراخدلي، نماڻائي، نھٺائي، فضيلت، سھنشيلتا جھڙن گُڻن جو مجسم آھي. جيڪي اِنسان جي شخصيت کي مھان بڻائين ٿا. اھڙي اخلاقي پرش جو سماج ۾ نالو ۽ نيڪي ٿئي ٿي ۽ اُن کي مانُ ۽ عزت ملي ٿي. اخلاق سان ماڻھوءَ جي آتما کي سنسڪار ملن ٿا. ھنجا پوتر ويچار پوتر پاوناڻون محڪم اِرادا سدائين ھن لاءِ سماج ۾ ھڪ خاص آستان بڻائين ٿا. اخلاقي ماڻھوءَ کي ھميشھ سک ۽ سنتوش ملي ٿو. ھوُ سانتيڪو جيون گذاري ٿو. ماڻھو سندس آدرش تي ھلي پنھنجي جيون کي سڦلو ڪن ٿا. اخلاق سان گڏ بھادري، صبر ۽ بي ڊپائي اِھي گُڻ پنھنجو پاڻ اچي وڃن ٿا. ھنجي اپار ھمت اڳيان ڪوبہ دشمن سَٽ جھلي نہ سگھندو. نيڪ اخلاق سان ماڻھوءَ کي سٺي تندرستي ۽ سلجھيل بُڌي حاصل ٿئي ٿي. جنھن دواران ڏکئي ۾ ڏکيو ڪم ھوُ سولائيءَ سان پورو ڪري سگھي ٿو. اخلاق ۽ اوچ چريتر جي غير موجودگيءَ ۾ ماڻھو در در جون ٺوڪرون ٿو کائي ۽ پسن وانگر جيون گھاري ٿو. اِنھيءَ ڪري جو اخلاق زندگيءَ جي سونھن آھي. انگريزيءَ جي ھڪ چوڻيءَ موجب :

”جيڪڏھن ماڻھوءَ وٽان پئسو ويو تہ ڇڻ ڪجھ بہ نہ ويو، تندرستي ويئي تہ ڇڻ ڪجھ ويو پر جيڪڏھن چرتر ويو تہ ڇڻ سڀ ڪجھ ويو.“

## لفظن جو خزانو

| | | | |
|---|---|---|---|
| اخلاق = چريتر | غليظ = خراب | آسودگي = اَميري | آزمودو = تجربو |
| خُصلت = خاصيت | محڪم = پڪو | | |

## اَڀياس

**سوال 1.** ھڪ ٻن سٽن ۾ جواب لکو.

1) اسان جو اخلاق سنو چو ھئڻ گھرجي؟
2) ويدڪ منترن ۾ اسانجي رشين پيُوان کي ڪھڙي پرارٿنا ڪئي آھي؟
3) اخلاق زندگيءَ جي سونھن ڪيئن آھي؟
4) نيڪ اِنسان بڻجڻ لاءِ ڪھڙيون خصلتون ضروري آھن؟

**سوال 2.** ٿوري ۾ جواب لکو.

1) چريترواں ٿيڻ لاءِ سٺي تعليم ۽ سٺي سنگ جي ضرورت چو آھي؟
2) اخلاقي اِنسان بڻجڻ مان ڪھڙا فائدا آھن؟

سوال 3. عدد بدلايو.

شاگرد ......................

هٿُ ......................

دَروازا ......................

ٻارَ ......................

سوال 4. صفتون ٺاهيو.

آتما ......................

سماج ......................

چريتر ......................

شخص ......................

ضرورت ......................

اَثر ......................

مدد ......................

سوال 5. ضد لکو.

نفرت ......................

زحمت ......................

نرٻگ ......................

سچ ......................

واجب ......................

فائدا ......................

## مشغولي - 1

ٽُڪر پڙهي عملي ڪم پورو ڪريو.

نيڪ اخلاق ٻڌجڻ لاءِ ................................

سنو سنگ پائي سُڌري ................................

وڃن ٿا.

(1) چوڪنڊن ۾ مناسب لفظ لکو.




(2) ٽُڪر ۾ استعمال ٿيل ٻہ چوٽيون ڳولهيو.

(3) ضدن جا جوڙا ملايو.

| | |
|---|---|
| 1. چريتروان | 1) اُتم |
| 2. پڙهيل | 2) چريترهيڻ |
| 3. نيچ | 3) اَڻ پڙهيل |

(4) سمجهايو ''تعليم سان ماڻهوءَ جي مغز جا دروازا کُلي پون ٿا.''

(5) چريتروان = چريتر + وان

هيٺ ڏنل چوڪنڊي ۾ ڪهڙن لفظن ۾ 'وان' لڳائڻ سان صحيح لفظ ٺهي ٿو.

شان، ڏن، تعليم، ديا
مهر، ڪتاب، شڪتي

(6) مثال سمجهي اکر- پٽ اکرن جو صحيح سلسلو ٺاهي لفظ لکو.

مثال : گ ن ت س = سنگت

(I) و م ض ط ب = ..........

(II) ر ر و ض ت = ..........

(III) ز م و و آ د = ..........

(IV) اَ ب ر خ = ..........

(7) برئڪيٽ مان مناسب جواب ڳولهيو ۽ اُن جا ٻہ ڪارڻ لکو.

(I) گهر ۾ پڙهائي ڪرڻ لاءِ اوهان ڪهڙو وقت وڌيڪ مناسب سمجهو ٿا؟

(اَسُر ويلو - منجهند - رات)

(II) بجليءَ جو بِل گهٽائڻ لاءِ روشنيءَ جو ڪهڙو ساڌن وڌيڪ مناسب آهي؟

(بلب - ٽيوب لائيٽ - ايل.اِي.ڊي بلب)

(8) چونڪنديءَ ۾ سٺي عادت / خراب عادت لکو.

1. رميش پنهنجي دوست جا پڪنڪ جا پئسا پريا.

2. گيتا سيتا جا ڪتاب ڦاڙيا.

3. وڪاس بنا لائسنس جي گاڏي هلائي ٿو.

4. راڪيش بزرگن جي شيوا ڪندو آهي.

5. ڪمليش هاسپيٽل ۾ وڃي بيمارن جي مدد ڪندو آهي.

## مشغولي - 2

چوڪنديءَ ۾ 'اِخلاقي' يا 'غير اِخلاقي' لکو.

1. سيٺ ديالداس ايمانداريءَ سان ٽئڪس ڀريندو آهي.

2. اَسان کي ڪڏهن به بنا ٽڪيٽ مسافري نه ڪرڻ گهرجي.

3. راءِ داس پئسا ڏيئي ڪوڙي ڊگري حاصل ڪئي.

4. وينا بابوءَ پنهنجي پٽ جي شاديءَ وقت بجلي چوري ڪئي.

5. اَسان کي هميشه پنهنجي غلطيءَ جو احساس هئڻ گهرجي ۽ اُن کي قبول به ڪرڻ گهرجي.

## وڏيڪ ڄاڻ

اخلاق بابت مشهور هستين جا وچن :-

1) ماستري هڪ نهايت ئي نيڪ پيشو آهي جيڪو ڪنهن به فرد جو چرتر ۽ مستقبل ٺاهڻ ۾ سگهي ٿو. جيڪڏهن عوام مونکي هڪ آدرش ماستر طور ياد ڪندو ته اِهو منهنجي لاءِ وڏي ۾ وڏو جس هوندو.

(اي.پي.جي. عبدل ڪلام)

2) مون کي هڪ سپنو آهي ته منهنجا چار ٻار اَهڙي ملڪ ۾ رهندا جتي اُهي چمڙيءَ جي رنگ سبب نه پر پنهنجي اِخلاق دواران سڃاتا ويندا.

(مارٽن لوٿر ڪنگ جونيئر)

3) لڳ ڀڳ سڀ ماڻهو مصيبتن جو مقابلو ڪري سگهن ٿا. پر جيڪڏهن توهان ڪنهن جو چرتر آزمائڻ ٿا چاهيو ته اُنهن کي طاقت ڏيو.

(اَبراهم لنڪن)

4) اِنساني مهانتا اِنجي ملڪيت يا طاقت ۾ نه هوندي آهي پر چرتر ۽ سٺائيءَ ۾ هوندي آهي.

(ائني فرئنڪ)

5) ٻاڙ کي ٻين جي سيوائن ۾ وڃائيندا ته ٻاڙ کي ڳولهي سگهندا.

(مهاتما گانڌي)

# 4. دادا جشن واسواڻي

ڊا. ديال ’آشا‘

ڊاڪٽر ديال ڈاميجا ’آشا‘ (جنم 16 سيپٽمبر 1936ع) چانديبائي ڪاليج، اُلهاسنگر، مان پرنسپال طور رٽائر ڪيو. هُو ننڍپڻ کان سماج شيوا لاءِ رغبت رکندي ’جنتا جناردن پريشد‘ سنستا جو روح روان بڻجي پوئتي پيل طبقي جي مالي سهايتا ڪندو رهيو آهي. سنڌي علم ادب ۾ پڻ هن جي ڏياتين کان انيڪ رچنائن جنم ورتو آهي، جن مان ’سنڌي شعر جي تاريخ‘ جوڳو مقام والاري ٿي.
هن سبق ۾ دادا جشن واسواڻي بابت ٻڌايو ويو آهي.

سونهاري سنڌ ۾ سوَن سنتن ستپرشن جنم ورتو. اُنهن سنتن مان ڪن جي سرهاڻ سنڌ تائين سيمت رهي ته ڪن جي هاڪ هندستان ۾ به قائم رهي ته ڪن جي سڳنڌ ساري سنسار کي سڳنڌت ڪيو. پيارو دادا جشن واسواڻي اهڙن جڳ پرسڌ سنتن مان هئو. سنڌس ساراهه جون سرڪيون سنسار پري رهيو آهي. هن صاحب پارت جي رشين منين، سيپتا سنسڪرتيءَ جو سنديش سنسار کي سڻايو. پياري دادا جشن واسواڻيءَ جو جنم 2 آگسٽ سنه 1918ع ۾ حيدرآباد سنڌ ۾ شري پهلاجراءِ واسواڻيءَ جي گهر ۾ ٿيو. شري پهلاجراءِ واسواڻي، ساڌو ٽي.ايل. واسواڻيءَ جو وڏو پراتا هو. ماتا پتا جي شپ سنسڪارن جو ٻالڪ جشن تي ڪافي پرڀاءُ پيو.

جنهن ڪُل ۾ پيدا ٿيو سنڌ جو اوتاري پرش مهان ويوتي ساڌو ٽي.ايل واسواڻي اُن ڪُل ۾ ڄائو پيارو جشن واسواڻي. ڪرم، گيان، ڀڳتيءَ جي صورت نماڻي، جنهنجي مک مان سدائين ٽپڪي امرت واڻي. سندن اکڙين ۾ نور نوراني چمڪندو هو.

پيارو دادا جشن وديارٿي جيون کان ئي روشن دماغ ۽ هوشيار هو. تيرهن سالن جي ننڍڙي عمر ۾ هن مئٽرڪ پاس ڪري سنڌ ۾ رڪارڊ توڙيو. انڪري کيس ڪيترائي اِنعام عطا ٿيا. هي ڊي.جي. سنڌ ڪاليج ۾ داخل ٿيو. اِهو پهريون مثال هو جو تيرهن سالن جو وديارٿي ڊگري ڪاليج ۾ داخل ٿيو. هُو ڪاليج جي لئباريٽريءَ ۾ پيو نوان نوان تجربا ڪندو هو. هُوبهو ڄڻ جيوي، پرتيڀاسمپن وديارٿي هو. 17 سالن جي ننڍڙي عمر ۾ هن بي.ايس.سي امتحان پاس ڪري يونيورسٽيءَ ۾ نالو روشن ڪيو. هي ساڳي ڪاليج ۾ فيلو ٿي ڪم به ڪندو رهيو ۽ ايم.ايس.سي. جو ابياس ڪندو رهيو. 19 سالن جي عمر ۾ ممبئي يونيورسٽيءَ مان ايم.ايس.سي. فزڪس ۾ فرسٽ ڪلاس فرسٽ سان پاس ڪئي. هُو چاهي ها ته وگيان جي کيتر ۾ نيون نيون کوجنائون ڪري وشوَ جو وڏو وگياني بڻجي سگهي ها يا آءِ.سي.ايس امتحان پاس ڪري ڪليڪٽر يا ڪمشنر ٿي سگهي ها. پر هُو گرديو ساڌو ٽي.ايل واسواڻي جي سيوا ۽ سنگ ۾ سچو سنت ٿي پيو.

ساڌو واسواڻي پونا ۾ سينٽ ميرا ڪاليج فار گرلس شروع ڪيو. پيارو دادا جشن واسواڻي اُن ڪاليج جو پرنسيپال رهي وديارٿين جي راهه روشن ڪندو رهيو. ساڌو واسواڻيءَ جي سونهپ ۾ هي درويش ڀڳتي ساڌنا ۽ خلق خدمت جا ڪاريه ڪندي روحاني رهبر ٿيو. ساڌو ٽي.ايل. واسواڻيءَ جي برهملين ٿيڻ بعد هن خدا ترس ديش وديش جي جدا جدا شهرن ۾ پنهنجي گرديو ساڌو واسواڻي جي سکيائن جو ڦهلاءُ ڪندي شانتي، ديا ۽ پريم جو پيغام ڏنو. اِن ڪري آميريڪا ۾ کيس اوُٿانٽ شانتي پرسڪار سان سنمانت ڪيو ويو. هن صاحب ساڌو واسواڻي مشن طرفان ڪيترائي خلق خدمت جا ڪاريه ڪيا. سؤ سالن جي عمرم ۾ هن سنت 12 جولاءِ 2018ع ۾ سنساري سفر پورو ڪيو.

اَچو تہ اُن عالم فاضل شخصيت، جشن واسواڻيءَ جي جيون مان ڪُجھہ پرايون.

## مڇين کي جيون ڏان :

هڪ دفعي دادا ساڌو ٽي.ايل واسواڻيءَ کي پالڪيءَ ۾ ويهاري دادا جشن ۽ ٻيا پريمي پنڌ ڪرڻ لاءِ نڪتا. پنڌ ڪندا هُو اچي بند گارڊن وٽ پهتا. اُتي نديءَ جي ڪناري تي ڪجھہ وقت ويٺا. اَچانڪ پاءُ جشن جي نظر وڃي هڪ مهاڻي تي پيئي، جو مڇيون ڦاسائي رهيو هو. پاءُ جشن هڪدم اُن مهاڻي وٽ ويو. سندس جار ۾ ڪيتريون ئي مڇيون ڦٿڪي رهيون هيون! جار ۾ ڦاسيل مڇين کي ڏسي پياري پاءُ جشن جي دل پرجي آئي. هن مهاڻي کان پڇيو 'پيارا! توکي هنن مڇين وڪڻڻ مان گهڻو ملندو' مهاڻي وراڻيو '!اٽڪل 50 يا 60 روپيا ملندا. پاءُ جشن سٺ روپيا ڪڍي اُن مهاڻي کي ڏنا ۽ چيو تہ هاڻي ئي تون انهن سيني مڇين کي مڪت ڪري نديءَ ۾ وجھہ. توکي اڄ جي ڪمائي تہ هٿون هٿ ملي ويئي. مهاڻو جار کولي سڀ مڇيون نديءَ ۾ وجهي ٿو. ڦاسيل مڇين کي جيئدان ملي ويو. اُن وقت پاءُ جشن جي منهن تي پرسنتا جون ريکائون هيون.

پاءُ جشن اُن مهاڻي کي پيار وچان سمجهائيندي چيو 'پيارا!' هي مڇيون، ڀلا آهن جل چر. جل انهن جو جيون آهي. جل ڪانسواءِ هي ويچاريون ڦٿڪي ڦٿڪي ساهہ ڏين ٿيون. انهن کي ڦاسائي وڪڻڻ تہ پاپ آهي پر ڪائڻ بہ مهاپاپ آهي. تون جيڪر پنهنجي پريوار جي پالنا لاءِ اڄ کان ئي مڇين ڦاسائڻ جو ڪم ڇڏي ٻيو ڪو ڌنڌو ڪر، پورهيو ڪر. تون انهن جيوَن تي ديا ڪندين تہ پرڀو توتي ديا ڪندو.' دادا جشن جي اُپديش جو ان مهاڻي تي هڪدم اثر ٿيو ۽ هن آجيوڪا لاءِ ٻيو ڪو ڪم ڪار ڪرڻ جو انجام ڪيو. پاءُ جشن اُن مهاڻي کي پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ وٽ وٺي آيو. دادا واسواڻيءَ کيس خرچي ڏيندي آسيس ڪئي. اُن مهاڻي جي جيون ۾ پريورتن اَچي ويو.

## اَپاهجن جو عزيز :

پيارو دادا جشن ڪڏهن ڪڏهن اپاهجن، اناٿن ۽ سورداسن جي اِسڪولن ۽ آشرمن ۾ وڃي اُنهن جي سار سنڀال لهندو هو. کين نہ صرف تول ڏيندو هو پر اُن کان وڌيڪ کين پنهنجي دل جو پيار ڏيندو هو.

ٻالڪن جون ٽنگون ڪپيل ڏسي پاڻ روڪي نہ سگهيو! سندس اکڙين مان همدرديءَ جا ڳوڙها ڳڙي آيا. هڪ ڪنڊ ۾ پاسيرو ٿي ٻارن وانگر اوچنگارون ڏيڻ لڳو. سنتن جي دل مکڻ کان بہ نرم ٿيندي آهي. اُتي اپاهجن جي اسڪول ۾ دادا اپاهجن لاءِ پرماتما کي پرارٿنا ڪئي. اُن وقت دادا جشن چيو تہ هي بہ اسانجا ٻار آهن، چو نہ کين سٺا بسترا ڏجن. دادا جن سان گڏ ڪي پريمي ساڻ هئا. اُهي هڪدم چادرون، فراسيون ۽ وهاڻا وٺي آيا. بروقت ئي دادا اُهي بسترا انهن اپاهج ٻارن کي ڏنا. پيارو دادا پاڻ کي اپاهجن اناٿن جو عزيز ڪري سمجهندو هو.

پيارو دادا ڪنهن بہ ڏکيءَ جو ڏُک سهي نہ سگهندو هو. اُن ڏک کي دور ڪرڻ جو يتن ڪندو هو ۽ ٻين کي مدد ڪندو هو. هڪ دفعي هڪ اپاهج ڇوڪرو گهوڙين جي سهاري پونا اِسٽيشن ڏانهن وڃي رهيو هو. سندس هڪ ٻانهن ۾ ڪتابن جو بنڊل ٻڌل هو، شايد سندس ٽرين جو وقت پرجي آيو هو ۽ هُو تڪڙو هلڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. رستي ۾ ماڻهن جي ڀيڙ سبب کيس هلڻ ۾ دقت ٿي رهي هئي. پياري دادا جشن جي نظر ان اپاهج تي پيئي. دادا اُن کان ڪتابن جو بنڊل ورتو، جئن هوُ گهوڙين ذريعي آسانيءَ سان هلي سگهي. اُهو ڇوڪرو هڪ اجنبيءَ کي پنهنجو همدرد ڏسي وائڙو ٿي ويو! پيارو دادا اُن اپاهج ڇوڪر کي ٽرين ۾

چاڙهڻ لاءِ پونا اِسٽيشن تي آيو. دادا کيس ٽرين ۾ چاڙهي ڏهه روپيا خرچي ڏني، اُن کان وڌيڪ کيس پيار ڏنو. اُهو ڇوڪر پياري دادا جو همدردي ۽ پيار وارو ورتاءُ ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. سندس اکين ۾ شڪرگذاريءَ جا آنسون هئا. دادا ڪيئن نه هڪ اڻسڃاتل اپاهج جي وقتائتي مدد ڪئي.

## لفظن جو خزانو

**سونهاري** = سُهڻي　　**سُرهاڻِ** = سُگنڌ　　**پيغام** = سنديش

## اَڀياس

**سوال 1. هڪ جملي ۾ جواب لکو.**

1) دادا جشن واسواڻيءَ جو جنم ڪٿي ۽ ڪڏهن ٿيو؟
2) سندس پتا جو نالو ڇا هو؟
3) جشن واسواڻيءَ ايم.ايس.سي. ڪڏهن پاس ڪئي؟
4) آءِ.سي.ايس پاس ڪري هوُ ڇا ٿي سگهي ها؟

**سوال 2. ٿوري ۾ جواب لکو.**

1) سونهاري سنڌ جي ڪهڙي خاصيت آهي؟
2) سينٽ ميرا ڪاليج ۾ بطور پرنسيپال جشن ڪهڙا ڪم ڪيا؟
3) ڦاسيل مڇين کي جيئدان ڪيئن مليو؟
4) اَپاهجن جي اسڪول ۾ جشن واسواڻيءَ ڇا ڏٺو؟
5) اَڻ سُڃاتل اَپاهج ڇوڪري جي دادا ڪهڙي مدد ڪئي؟

**سوال 3. خال ڀريو.**

1) ................ ساڌو ٽي.ايل.واسواڻيءَ جو وڏو ڀاءُ هو.
2) آمريڪا کيس ............. سان سنمانت ڪيو.
3) هِن صوفي درويش ............ سال پورا ڪري سنساري سفر پورو ڪيو.
4) ڇوڪر کي ............ ۾ چاڙهڻ لاءِ هوُ پونا اِسٽيشن تي آيو.

**سوال 4. ڪنهن ڪنهن کي چيو.**

1) ”اَٽڪل 50 يا 60 روپيا ملندا.“
2) ”تون اُنهن جيوَن تي ديا ڪندين ته پرڀوُ توتي ديا ڪندو.“

**سوال 5. ’پرنسيپال جشن واسواڻي‘ تي پنج جُملا لکو.**

## مشغولي - 1

**ٽڪر تي آڌارت عملي ڪم ڪريو.**

پيارو دادا جشن وديارٿي ..................... سفر پورو ڪيو.

**1. هيٺين لفظن لاءِ ٽڪر ۾ آيل لفظ ڳولهيو.**

| شيوا | سنت | جنتا |
|---|---|---|
| . . . . . | . . . . . | . . . . . |

**2. ڇوڪنڊن ۾ مناسب لفظ لکو.**

ساڌوُ واسواڻيءَ جوُن سِکيائون

........... 　 ........... 　 ...........

3. 'خ' اکر سان شروع ٿيندڙ ٽي لفظ لکو.

4. هيٺيان جملا سلسليوار لکو.

(I) جشن واسواڻيءَ کي 'ٽوُٽانت شانتي پُرسڪار' مليو.

(II) جشن واسواڻيءَ مئٽرڪ پاس ڪئي.

(III) ھُوميران ڪاليج جو پرنسيپال بڻيو.

(IV) ھُن بي.ايس.سي. پاس ڪئي.

5. هيٺين سوالن جا جواب لکو.

(I) جشن واسواڻيءَ ايم.ايس.سي. ڪھڙي وشيہ ۾ ڪئي؟

(II) نوڪريءَ جا ڪھڙا موقعا جشن واسواڻيءَ اڳيان موجود هئا؟

6. توهان ڪا ڊگري حاصل ڪري ديش ۾ نوڪري / ڪم ڪندا يا وديش وڃڻ چاهيندا؟

(1) اِنٽرنيٽ جي مدد وسيلي ڪنهن سنڌي صوفي سنت جي باري ۾ ڄاڻ حاصل ڪري لکو ۽ چٽر گڏ ڪريو.

(2) توهان گڏامن پسن ۽ پکين تي ديا ڪيئن ڪندا سمجهايو.

## مشغولي - 2

(I) خاڪو پورو ڪريو.




(II) مناسب لفظ لکو.

1. مڇين ڦاسائڻ جو ساڌن -

2. مڇيون ڦاسائيندڙ -

## مشغولي - 3

توهان هيٺ ڏنل حالتن ۾ ڇا ڪندا؟ متبدل جواب چونڊي سبب بہ ٻڌايو.

1. رستي تي توهان هڪ بيمار ڪُتو ڏسو ٿا ........

(I) يڪدم ڪُتي کي جانورن جي ڊاڪٽر وٽ وٺي وڃڻ جو بندوبست ڪندا.

(II) ڪنهن ماهر جي مدد وٺندا.

(III) جانور رکشا سنسٿا کي اطلاع ڪندا.

2. توهان جي دوست کي پئسن جي تڪڙي گهُرج ٿي آهي.

(I) توهان پئسن جي مدد ڪندا.

(II) توهان جو وشواس آهي ''وڌر دوستيءَ جي ڪينچي آهي''.

(III) توهان بئنڪ وغيره کان قرض ڏيارڻ ۾ مدد ڪندا.

3. توهان ويشنو ڪاڏو ڪائيندڙ آهيو پر توهاجو ويجهو دوست غير - ويشنو آهي. هن کان توهان کي اِهي ڪاڏا چڱاڻا آهن.

(I) سنتن جا اُپديش ٻڌائيندا.

(II) ماس کائڻ مان نقصان ٻڌائيندا.

(III) ڪاڏي جي ڳالهہ ۾ پنهنجا رايا نہ مڙهيندا.

4. توهان هڪ آدرش نگروسي ٿيڻ چاهيو ٿا.

(I) مهاپرشن جا ڪتاب پڙهندا.

(II) حاصل ڪيل گيان عمل ۾ آڻيندا.

(III) سنتن جي آشرمن ۾ ويندا.

5. توهان جي ڪلاس يا پاڙي ۾ ڪو اَپاهج آهي.

(I) توهان هر وقت سندس مدد ڪندا.

(II) توهان همدردي ڏيکاريندا.

(III) ضروري حالت ۾ ئي توهان مدد ڪندا.

# مُختصر خاڪو

ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي آزاديءَ جو پروانو هو. هُن آزاديءَ لاءِ هڪ پتنگ جيان سڀ ڪجهه قربان ڪري ڇڏيو. هوُ سنڌ پرڳڻي لاءِ آزاديءَ جو روح روان هئو. هُن جو جنم 25 ڊسمبر 1889ع تي حيدرآباد (سنڌ) ۾ ٿيو. شروعاتي تعليم ڪراچيءَ ۽ وڌيڪ تعليم حيدرآباد جي اين.ايڇ. اَڪادمي مان ورتائين.

چوئٿرام گدواڻيءَ ميٽرڪ پاس ڪرڻ ڪان پوءِ 'بوبڪ' نالي هڪ ننڍي ڳوٺ ۾ اَچي ماستري ڪئي. هوُ اُتي صبح جو سوير پرڀات ڦيري ۽ شاگردن ۾ اخلاق پيدا ڪرڻ لاءِ شراب جي خلاف پرچار پڻ ڪندو هئو. بعد ۾ حيدرآباد اچي ڊاڪٽريءَ لاءِ تياري ڪيائين. هُن قوم پرستن سان گڏجي برهمچريه آشرم برپا ڪيو.

1914ع ۾ لوڪمانيه تلڪ مانڊلي جيل مان آزاد ٿي سوراج سنگهه برپا ڪيو. هُن سنگهه جي سنڌ واري شاخ جي صدر جون جوابداريون ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻيءَ تي رکيون. هوُ 1915ع ۾ بمبئي ڪانگريسي اجلاس دوران مهاتما گانڌيءَ سان لهه و چڙهه ۾ آيو. هن گانڌيءَ کي پڻ سنڌ اچڻ جي دعوت ڏني؛ جنهن جي نتيجي ۾ هڪ سال اندر ئي مهاتما گانڌي 1916ع ۾ سنڌ جي دوري تي آيو. 1919ع ۾ رولٽ ايڪٽ خلاف هلچل ۾ بهرو وٺندي ڊاڪٽر صاحب ستياگرهي پڻ بڻيو.

سنڌ جو هيءُ ديش ڀڳت سپوت 13 سيپٽمبر 1957ع تي فاني دنيا کي الوداع ڪندي حق سان هڪ ٿيو.

ڏنل چاٽ موجب مختصر خاڪو تيار ڪريو :-

| | | |
|---|---|---|
| نالو | : | |
| جنم جي تاريخ | : | |
| جنم استان | : | |
| تعليم | : | |
| برهمچريه آشرم ٺاهڻ لاءِ سهيوگي | : | |
| مهاتما گانڌيءَ سان لهه وچڙهه | : | |
| حق سان هڪ ٿيڻ | : | |

# 5. سمجهوتو

منوهر چگهه

منوهر چگهه آڪاشواڻي ممبئي اِسٽيشن تي سنڌي سيڪشن ۾ پروگرام ايگزيڪيوٽو آفيسر طور خدمت انجام ڏيندي سنڌي ڪلچر کي فروغ ڏيڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪندي اُتان رٽائرمينٽ ورتي. هن جون ڪيترين ئي ڪهاڻيون ريڊيو تان نشر ٿي چڪيون آهن ۽ سندس ٻه ڪهاڻي سنگرهه ’نئون يگ‘ ۽ ’رات گُذري ويندي‘ لکيل آهن.

زندگيءَ جو ٻيو مطلب سمجهوتو آهي اِهو هن ڪهاڻيءَ ذريعي سمجهايل آهي.

شانتيءَ پنهنجي مڙس گوبندرام کي رنڌڻي مان سڏ ڪندي چيو، ”جلدي تيار ٿيو، فلائيٽ ته دهلي مان يارهين بجي پهچي ويندي. ائين نه ٿئي جو ويچاري نياڻي سنيتا هوائي اَڏي تي اوهان جو انتظار ڪندي رهي. ها سنيتا پهريون دفعو ساهرن مان ٿي اچي، ڪيس ٽيڪسيءَ ۾ گهر وٺي اچجو. متان ڪيس بس ۾ رلائيندا اچو. گوبندرام در جي چائنٺ تي پهچي مسڪرائيندي شانتيءَ کي چيو، ٻيو به ڪو حڪم آهي ڇا؟ سنيتا فقط تنهنجي ڌيءَ نه منهنجي به جگر جو ٽڪرو آهي. شانتي انوکي انداز سان پنهنجي گهوٽ کي ڏسندي رهي.

ٿيو ائين ئي. جيئن شانتيءَ سوچيو هو. گوبندرام جڏهن ناگپور هوائي اڏي جي ويٽنگ هال ۾ پهتو، تڏهن سنيتا پنهنجي پيءُ جو اوسيئڙو ڪري رهي هئي. هڪ پل لاءِ گوبندرام ته پنهنجي ڌيءَ کي سڃاڻي ئي نه سگهيو. هن جي ذهن ۾ پنهنجي نؤورني ڌيءُ جي هڪ تصوير هئي. سنيتا هڪ اوچي ساڙهيءَ ۾ هوندي. هوءَ ننهن کان چوٽيءَ تائين ڳهڻن ۾ سجايل هوندي، سندس مستڪ تي بنديا ۽ سينڌ ۾ سنڌور هوندو. چوٽيءَ ۾ گجرو هوندو، سوَ سيڪڙو ڀارتيه ناري منهنجي سامهون هوندي. پر هن جي سامهون هئي هڪ وديشي گڏي، مني اسڪرٽ-ٽاپ، ڪلهي تائين ڪٽ وار، وڏي ڪڙيءَ سان سئنڊل، چهري تي پائوڊر جو مکُ ۽ چپن تي گلابي لپسٽڪ. سنيتا پنهنجي پيءُ کي ڏسندي ئي هن جي آغوش ۾ سمائجي ويئي.

شانتي در وٽ بيهي چڱي وقت کان ٽيڪسيءَ جي اچڻ جو اِنتظار ڪري رهي هئي. جڏهن ٽيڪسي اَچي گهر جي ٻاهران پهتي، تڏهن شانتيءَ ڊوڙي وڃي پنهنجي جائيءَ سان ڀاڪر پائي ملي. ٻنهي جي اکين ۾ پيار جا ڳوڙها هئا. ماني کائڻ وقت جڏهن هڪ ٽيبل تي ٽيئي گڏجي وينا، تڏهن کلندي کلندي گوبندرام پنهنجي ڌيءَ کي چيو، ”پُٽ سنيتا! هوائِي اَڏي تي مان توکي پهريائين ته سڃاڻي ئي ڪونه سگهيس. مون ڪڏهن توکي ويسٽرن لِباس ۾ ڏٺو ئي ڪونه آهي.“
شانتي هڪ ٺهڪ ڏيئي کِلي ويني، پر سنيتا ٿورو گنڀير ٿي وراڻيو، ”پپا! ڇا ڪجي هيءُ سڀ ونود جو ضد آهي. ونود کي سلوار ڪرتو يا ساڙهي وڻي ئي ڪونه. دهلي ۽ ناگپور جي زندگيءَ ۾ ڏينهن رات جو فرق آهي. اَسان ٻنهي جي شام گذري ڪنهن نه ڪنهن ڪلب ۾ جتي اُها ئي ڊانس. ڀلا ساڙهيءَ سان ڊانس ڪيئن ٿئي؟
شانتي عجب ۾ پئجي ويئي. واڪو ڪيائين، ”سنيتا تون ۽ ڪلب ۾ ڊانس!“

سنيتا، ماءُ کي چيو، ”عجب ڇو ٿي کائين مما! ڊانس سکڻ لاءِ ونود هڪ مهيني لاءِ ماسٽر رکي ڏنو هو. اُن واتاورڻ ۾ پاڻ کي ٺهڪائڻ ڏاڍو ڏکيو هو. ڇا ڪجي. مِني ٻه مات، مُني ٻه مات.“

شانتيءَ ٺهر سان چيو، ”پُٽ! مان ته تنهنجي پيءُ کي شاديءَ کان اڳ ئي چيو هو ته غريب گهر جي ڇوڪريءَ کي شاهوڪار گهر ۾ وڃي پاڻ سان وڏو سمجهوتو ڪرڻو پوندو. سنيتا، ماءُ کي وچ ۾ روڪيندي چيو، ”مما! سوال غريبي ۽ اميريءَ جو نه آهي. شاديءَ کان پوءِ ساهري گهر ۾ ڇوڪريءَ کي پاڻ سان سمجهوتو

توڪرڙو پوي، نہ تہ زندگي زهر بڻجيو پوي.'' گوبندرام ڳالھ کي ختم ڪرڻ لاءِ ڏيءُ کان پڇيو، ”ونود ڪڏهن تو اچي؟'' سنيتا وراڻيو، ”اُن ڏينهن کان پوءِ. چار ڏينهن رهندو. مان تہ هن مهني جي پڇاڙيءَ تائين رهڻ جي موڪل وٺي آئي آهيان''.

رات جو جڏهن شانتي ۽ گوبندرام پنهنجي ڪمري ۾ اڪيلا ٿيا، تڏهن گوبندرام خوشيءَ جي احساس مان چيو، ”شانتي! مونکي تہ سنيتا تمام سُکي ٿي لڳي. شاديءَ وقت توکي اَجايو فِڪر هو.'' شانتيءَ مڙس کي روڪيندي چيو ”فڪر تہ مونکي اجا بہ آهي. هنن ٻن جُدا جُدا نهرين يعني ٻن جُدا ڪلچرس جي چڪيءَ ۾، ويچاري نياڻي نہ ڪٿي پيسجي وڃي! ڪهڙي حد تائين سمجهوتو ڪندي! خير! رکو سائينءَ تي سڀ چڱائي ٿيندي.

شانتي تہ پاسو ورائي سمهي پيئي، پر گوبندرام کي ڇهہ مهنا اڳ جو اُهو ڏينهن اکين اڳيان ڦرڻ لڳو، جڏهن هن جي گهر ٻاهران اچي هڪ ڪار بيٺي هئي ۽ سيٺ نارائڻداس ڪار مان لهي هيڏانهن هوڏانهن نهاري رهيو هو. گوبندرام ڀاڪر پائي کيس پنهنجي گهر وٺي آيو. ڏهہ سال اڳ ٻئي هڪ ئي آفيس ۾ ڪلارڪ هئا. نارائڻداس کي ڪا ڌنڌي جي لائين هٿ اچي ويئي. هن دهليءَ وڃي، پنهنجي پيڍي کولي، اَڄ هن وٽ سڀ ڪجهہ آهي. آفيس، ڪارخانو، بنگلو ۽ گاڏيون. گوبندرام اڄ بہ انهيءَ ئي آفيس ۾ آهي. ڪلارڪ مان وڌي هيڊ ڪلارڪ جي عهدي تي رسيو آهي. هن لاءِ سڀ قسمت جو کيل آهي. هوُ هر حال ۾ راضي آهي. ٻئي دوست گڏ ماني کائيندي هڪ ٻئي کي حال احوال ڏيئي رهيا هئا. ڪڏهن ماضيءَ ۾ ٿيل گھٽنائُن کي ياد ڪري ٽهڪ ڏيئي رهيا هئا تہ ڪڏهن ڏهہ سالن جي عرصي اندر هڪ ٻئي سان پورو سمپرڪ نہ رکڻ لاءِ هڪ ٻئي کي ڏوراپا ڏيئي رهيا هئا.

شانتي سامهون ويٺي ويٺي ٻنهي دوستن جي ڳالهين تي مسڪرائي رهي هئي. اوچتو در تي گھنٽي وڳي. در شانتيءَ ئي کوليو، هوا جي تيز جهوٽي جيان سنيتا ڀپا-ڀپا ڪندي اَندر لنگهي آئي. ٽيبل تائين پهچندي، ڪنهن ڌاريي ماڻهوءَ کي پيءُ سان گڏ ويٺل ڏسي، سنگمرمر جي مورتيءَ جيان ٻُت بڻجي بيهي رهي. بدن تي گُلابي سلوار ڪرتو، ڳلي ۾ گُلابي پوتي، لنبي چوٽي، جنهن کي هوءَ ٻنهي هٿن ۾ جهلي سهلائي رهي هئي، اکين ۾ انوکو تجلو، چپن تي مدهوش مسڪراهٽ، هڪ ڪڻ لاءِ ترسي شرمائجي تڪڙو ٻئي ڪمري ۾ هلي ويئي. هن جي واقفيت گوبندرام ئي ڏني. منهنجي ڌيءُ سنيتا آهي. هن سال B.Sc. پاس ڪئي اٿائين. هينئر ڪمپيوٽر ڪلاس ۾ داخلا ورتي اَٿائين. سوچيان پيو ڪو سٺو چوڪرو ملي تہ هن جي شادي ڪرائي ڇڏيان، پر اَدا اڄ ڪالھ گهوٽ ماءُ جا وات ڦاٽا پيا آهن. پل هاڻ ڪٿي نوڪري ڪري ۽ ڪجهہ ڏوڪڙ ڏيڻ لاءِ جمع ڪري، جڏهن نياڻيءَ جو ليک هوندو تڏهن سڀ ٿي ويندو، نارائڻداس جون نظرون دوست جي چهري تي هيون. جتي وشواس جي ريکائن جي پنيان صاف بيوسيءَ جون ريکائون بہ جهلڪي رهيون هيون.

نارائڻداس ڪجهہ سوچيو. دوست جي هٿ مٿان هٿ رکندي چيائين، ”ادا! جي تون چاهين تہ اسان جي دوستي رشتي ۾ بدلجي سگهي ٿي. منهنجو پُٽ ونود پنجويهن سالن جو آهي، ڌنڌي ۾ مون سان ٻانهن ٻيلي آهي. تنهنجي ڌيءُ مونکي هڪ ساڙهيءَ ۾ قبول آهي. مان فدا آهيان تنهنجي نيڪ نيت، سچائي ۽ سادگيءَ تي. تون چاهين تہ مان سياڻي ونود کي هٿ گهرايان. تون ڏس ۽ پاڻ فيصلو ڪر.'' نارائڻداس اهو سڀ چئي اُٿي ڪڙو ٿيو.

پَٽ جون ڳنڍيون آهن. ٻئي زال مڙس پريشان هئا. ٻئي هڪ ٻئي ڏانهن سوالي نگاهن سان نهاري رهيا هئا. ڳالھ جي شروعات شانتيءَ ئي ڪئي. ”اسان پورا پنا، هوُ ڪروڙ پتي. ٻنهي جو ڪهڙو ميل! رشتو سونهي هڪ جهڙن سان، اسان جي سنيتا سادي سودي، هوءَ ڪيئن نڀائي سگهندي اُن گهر جي رهڻي ڪرڻي سان! وڃهو لوٽو پاڻيءَ جو.'' گوبندرام نهر سان جواب ڏنو. ٻُڌ شانتي! نارائڻداس کي مان سڃاڻان. هوُ نيڪ اِنسان آهي. مون سان آفيس ۾ ڪلارڪ هو. هن جي

پلمانسائي ئي تہ ڏس! هوُ سنيتا کي هڪ ساڙهيءَ ۾ قبول ڪرڻ لاءِ تيار آهي.“ شانتيءَ وراڻيو، ”مان ڳالھ نارائڻداس جي نٽي ڪريان. ڇوڪرو ڪيئن هوندو اهو سڀ بہ سوچيو.

سنيتا ۽ ونود جي شادي ڇھ مهنا اڳ ٿي ويئي. نارائڻداس هٿ جوڙي گوبندرام کي چيو، ”دوست! وقت بدليو آهي. اسان کي بہ بدلجڻ گھرجي، ڏيتي ليتي بلڪل نہ، تو پنهنجي گھر جو املھ هيرو اسانکي ڏنو آهي ۽ بس.“

اڄ سنيتا ڇھن مهنن کان پوءِ پهريون دفعو پيڪي آئي آهي. پپا! اڄ صبح جو ونود جو فون آيو هو. اڄ شام ستين بجي واري فلائيٽ ۾ هوُ اچي رهيو آهي. اسان بيئي هن کي وٺڻ هلنداسين، آفيس مان جلدي اَچجو. ”نہ پُٽ! مان اَڄ آفيس ئي ڪونہ ويندس. ناني ماڻهو پهريون دفعو اَچي رهيو آهي. گھٽيئي ڪم ڪار آهن. مارڪيٽ مان خريداري ڪرڻي آهي. گھر جي صاف صفائي آهي، درين جا پردا بدلائڻا آهن. نوان صوفا پوش خريد ڪرڻا آهن“.

جڏهن ونود گھر پهتو تڏهن هن جي سَسُ سهري هن لاءِ ڏهن آڱرين تي ڏيئا باريا، پر ونود خاموش هو. نہ ڪِل نہ خوشي فقط سوال جو جواب. جڏهن رات جو ونود ۽ سنيتا ڪمري ۾ اڪيلا هئا، تڏهن سنيتا هن کان سندس رُکائيءَ جو سبب پُڇيو. ونود بنا ڪنهن پوميڪا جي جواب ڏنو ”مان هِت رهي ڪونہ سگھندس. ٻہ رستا آهن. هل تہ ڪنهن هوٽل ۾ هلي رهون يا سڀاڻي مان واپس هلي وڃان.“ سنيتا سمجھي ويئي، پر همت ڪري چيائين، ”هنن حالتن ۾ منهنجن مائٽن جي بي عزتي آهي. مهرباني ڪري مون تي، احسان ڪندي فقط ٻہ ڏينهن هت رهو، وري ڪڏهن بہ مان توهانکي هِت رهڻ لاءِ زور ڪونہ ڪندس.“ پر ونود جو ننو اکر نہ ٿي هو. ٻئي ڏينهن صبح جو جڏهن ونود جي هٿ ۾ شانتيءَ ڪافيءَ جو ڪپ ڏنو تڏهن سنيتا پنهنجي ماءُ کي چيو، ”مما! رات هنن کي آفيس مان فون آيو هو. هنن کي اڄ ئي منجھند واري فلائيٽ ۾ واپس هلي وڃڻو آهي.“ شانتي ۽ گوبندرام بہ هن کي ٻہ ڏينهن رهڻ لاءِ آزي نيزاري ڪئي پر اُن ڏينهن ئي هوُ واپس دهليءَ پهچي ويو.

اُن رات جڏهن سيٺ نارائڻداس پُٽ کي گھر ۾ ويٺل ڏٺو تڏهن حيران ٿي ويو. پُٽ کان پڇيائين، ”تون تہ چئن ڏينهن لاءِ ناگپور ساهري ويل هئين. هڪ ڏينهن ۾ واپس ڪيئن هلي آئين؟ سڀ ٺيڪ تہ آهي نہ؟ ونود جو بند ٽُٽي پيو. ”سڀ ٺيڪ وري خاڪ آهي. هنن جو گھر بہ ڪا رهڻ جي جاءِ آهي؟ نہ اي.سِي. نہ ميوزڪ سِسٽم، رُڳو هڪ پراڻي ٽي.وي. ۽ مڇرن جي يون يون. مونکي تہ سڄي رات ننڊ بہ ڪونہ آئي پوءِ وڌيڪ رهي ڇا ڪريان. سُڄن کي منهنجي لاءِ ڪنهن هوٽل ۾ رهڻ جو بندوبست ڪرڻ گھربو هو.“ نارائڻداس آپو وڃائي ويٺو. رڙ ڪري پُٽ کي چيائين، ”تون اُياڻين ڇا ٿي ٿو؟ تو هنن جو سِڪ پيار ڪونہ ڏِٺو، فقط پنهنجو سُک ۽ منورنجن ڏٺو. هنن جي غريبيءَ جي مذاق ٿو اُڏائين! اَڄ جي منهنجي محنت ۽ ايشور جي ڪرپا نہ هجي ها تہ تون بہ ناگپور جي ڪنهن چال ۾ رهيو پيو هجين ها. ياد رک تہ مان بہ گوبندرام سان گڏ ساڳيءَ آفيس ۾ ڪلارڪ هوس. تون هنن کي ناراض ڪري هِت هليو آيو آهين. تو اِهو بہ نہ سوچيو تہ سنيتا جي دل تي ڇا وهيو هوندو. عورت ڪڏهن بہ پنهنجي پيڪن جي بي عزتي برداشت ڪونہ ڪندي آهي. هن تہ هر حالت ۾ سمجھوتو ڪيو آهي. ڇا رهندي تنهنجي عزت سنيتا جي من ۾! اُهو انسان ئي ڪهڙو جو حالتن سان پاڻ کي نہ نهڪائي.“ اِهو سڀ چئي نارائڻداس هٿ لوڏيندو پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويو.

ونود يڪدم اُٿيو. فون تي ساهري گھر جو نمبر ڦيرايائين. فون سنيتا ئي کنيو. ”سنيتا! I am Sorry! مونکي ائين هلي اَچڻ نہ گھربو هو. ممي ۽ پپا کان منهنجي طرفان معافي وٺج. مان ٻئي هفتي واپس اَچان ٿو. چار ڏينهن گڏ رهي، دهليءَ گڏجي واپس ايندا سين.“

سنيتا جي اکين ۾ احسان جا ڳوڙها هئا. هن فقط چيو، Thank You!.

## لفظن جو خزانو

اوسيئڙو = اِنتظار
پلمانسائي = سُنائي
نئورني = نئين شادي ڪيل
آپو وڃائڻ = ڪاوڙجڻ

ڏوراپو ڏيڻ = مَهِڻو ڏيڻ
ٻانهن ٻيلي ٿيڻ = مددگار ٿيڻ
آزي نيزاري ڪرڻ = مِنٿون ڪرڻ

## اَڀياس

**سوال 1. هڪ يا ٻن سٽن ۾ جواب لکو.**

1) شانتيءَ پنهنجي گھوٽ کي جلدي تيار ٿيڻ لاءِ چو چيو؟
2) سنيتا ٻُت ٺهڻ جي ٻيهي رهي؟
3) شانتيءَ کي ڪهڙي ڳالھ جو فڪر هو؟

**سوال 2. ٿوري ۾ جواب لکو.**

1) شاديءَ کان پوءِ سنيتا ۾ ڪهڙو بدلاءُ آيو؟
2) گوبندرام ۽ نارائڻداس جي دوستي، رشتيداريءَ ۾ ڪيئن بدلجي وئي؟
3) ونود واپس ساهري گھر وڃڻ جو فيصلو ڇو ڪيو؟

**سوال 3. (I) صفتون ٺاهيو.**

| | |
|---|---|
| عجب | ...................... |
| رات | ...................... |
| هوا | ...................... |
| سال | ...................... |

**(II) ضد لکو.**

| | |
|---|---|
| غريبُ | ...................... |
| اَڳيان | ...................... |
| ٻاهر | ...................... |
| ڏکيو | ...................... |
| ختم | ...................... |
| اندر | ...................... |

**(III) عدد بدلايو.**

| | |
|---|---|
| شادي | ...................... |
| ڪارخانو | ...................... |
| ڳوڙهو | ...................... |
| آفيس | ...................... |

## مشغولي

**ٽُڪر پڙهي عملي ڪم پورو ڪريو.**

شانتيءَ نهر سان چيو، ''پُٽ! ............................ رکو سائين تي، سڀ چڱائي ٿيندي.

**(1) خاڪو پورو ڪريو.**

جُملو 1 : سوال اَميري غريبيءَ جو نہ آهي.
ڳالهائيندڙ : ................................
ٻڌندڙ : ................................

جُملو 2 : ونود ڪڏهن تو اَچي؟
ڳالهائيندڙ : ................................
ٻڌندڙ : ................................

جُملو 3 : مونکي تہ سنيتا سُکي ٿي لڳي.
ڳالهائيندڙ : ................................
ٻڌندڙ : ................................

جملو 4 : مان تہ تنهنجي پيءُ کي شاديءَ کان اڳ ئي چيو هو.
ڳالهائيندڙ : ................................
ٻڌندڙ : ................................

(2) **ڪردارن جا رشتا لکو.**

گوبندرام جي ........................ شانتي

شانتيءَ جو ........................ گوبندرام

ونود جي ........................ سنيتا

گوبندرام جي ........................ سنيتا

ونود جو ........................ گوبندرام

شانتيءَ جو ........................ ونود

(3) **’شاديءَ کان پوءِ ساهري گهر ۾ ڇوڪريءَ کي پاڻ سان سمجهوتو ڪرڻو پوي‘.**
اِن بابت پنهنجا ويچار لکو.

(4) **هيٺ ڏنل گول مان مناسب لفظ ڳولهي ليڪ ڏنل لفظن بدران ڪم آڻيو.**

ناهه، ڳٽني، پورو
ڏينهن، پلائي، چڪي

1) توکي اَجايو فِڪر هو.

2) رَکو سائينءَ تي سڀ ڇڏائي ڇڏيندي.

3) ساهري گهر ۾ ڇوڪريءَ کي پاڻ سان سمجهوتو ڪرڻو پوي.

4) گوبندرام ڳالهه کي ختم ڪرڻ لاءِ ڏيءَ کان پڇيو.

(5) **ڏنل سٽن ۾ سمايل جذبو چونڊي لکو.**

1) شانتيءَ تهر سان پڇيو (سُک، نفرت، صبر)

جواب :

2) گوبندرام خوشيءَ جي اَحساس مان چيو
(غم، جذبات، نفرت)

جواب :

3) رکو سائين تي، سڀ ڇڏائي ڇڏيندي.
(اُميد، پيار، خوشي)

جواب :

4) فڪر نه مونکي اَجا به آهي.
(چنتا، محبت، نفرت)

جواب :

(6) **ٽڪر مان ڳولهيو.**

1) هڪ انگريزي لفظ

2) اُبتڙ معنيٰ وارن لفظن جو هڪ جوڙو

3) هڪ عدد ڏيکاريندڙ لفظ

4) ’وِهه‘ جو ساڳيءَ معنيٰ وارو لفظ

(7) **’جيئڻ هڪ ڪلا آهي‘ اِن ڪلا ۾ ’سمجهوتو‘ جي اَهميت لکو.**

(8) **هيٺ ڏنل لفظن کي وڌندڙ سلسلي ۾ لکو.**

1) شادي، جنم، ننڍپڻ، بزرگ

2) شام، اَسر، رات، صبح

3) نهر، ندي، تلاءُ، سمنڊ

4) لفظ، اَکر، جملو، ليک

❖❖❖❖

# 6. اَمُلھہ سؤغات

دنيا جي مڙني خوبصورت رشتن مان ھڪ رشتو دوستيءَ جو بہ آھي. دوست، اسٽريٽ لائيٽ وانگر ھوندا آھن. ھوُ اسان جي جيون جي راھہ روشن ڪندا آھن. ان ريت اسانجو سفر آسان ٿي پوندو آھي. ھڪ صحيح ۽ سٺو دوست، اسان جي زندگي بدلائڻ ۾ اھم پومڪا تو نڀائي. ضروري نہ آھي تہ اوھان جا دوست پنھنجي سماجڪ دائري وارا ئي ھُجن. ڪيترائي پيرا پڳوان ڪين الڳ الڳ روپن ۾ موڪليندو آھي. پسون-پڪي بہ اوھان جا دوست ٿي سگھن ٿا. ڪيترائي پيرا اچانڪ اھڙا ماڻھو ملي ويندا آھن، جيڪي خود بہ ھڪ ايماندار دوست جي تلاش ۾ ھوندا آھن.

برطانيہ جي يونيورسٽي آف نوٽينگھم جي کوجنا موجب اُھي ماڻھو وڌيڪ خوش رھندا آھن، جن وٽ پراڻن دوستن جو تعداد وڌيڪ ھوندو آھي. کوجنا ۾ اھو بہ ڏٺو ويو آھي تہ جن ماڻھن کي ڏھ يا وڌيڪ دوست آھن، اُھي پنجن يا گھٽ دوستن وارن ماڻھن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ خوش رھندا آھن. کوجنيڪن موجب پراڻن ۽ قريبي دوستن جو ھئڻ شخصي خوشيءَ سان جڙيل آھي. زندگيءَ ۾ خوش رھڻ لاءِ صرف روپين جو ڍير، وڏا محلات، مھانگيون گاڏيون، اوچي پد جو حاصل ھئڻ ئي خوش رھڻ لاءِ ڪافي نہ آھن اِھي سڀ شيون ڪجھہ پلن لاءِ خوشي ٿيون ڏين. ليڪن دوست ھميشھہ اسانجي خوشيءَ کي قائم دائم رکڻ جو ڪم ڪن ٿا دوست اسان کي ڪجھہ بھترين ڏين ٿا. جيون جي بيٽري چارج ڪرڻ لاءِ دوستيءَ جي ضرورت ھوندي آھي. ھڪ بھتر ۽ سچو دوست اُھو آھي، جيڪو اوھانجي راھہ ۾ آيل مُشڪلات جو حل تو ڪيدي. ھڪ سچو دوست اھو آھي جيڪو اوھانجي دل جي ڳالھہ کي سمجھي ۽ سچڻ ٻڌي صحيح رستو ٻڌائي.

سٺو دوست حاصل ڪيئن ڪجي! ڪيئن ڳولھي ڪيدجي ۽ ڪيئن سڃاڻي سگھجي! دوستيءَ جي ڪا حد يا پيمانو نہ ھوندو آھي. سٺو دوست حاصل ڪرڻ لاءِ اوھان پنھنجي ميل جول رکڻ وارن مان انھن تي غور ڪيو، جن سان اوھان سھج نموني ڳالھائي ٻولھائي سگھندا ھجو. انھن جي ڳالھين تي اوھانکي خوشي ٿيندي ھجي يا اوھانجي پريشان ٿيڻ تي انھن جو من بہ اُداس ٿيندو ھجي. ضروري ناھي تہ اوھانجو دوست اوھانجو ھمردم ھجي، اوھانجي درجي جو ھجي، اوھان ٻنھي جو ڌرم يا ڀاشا ھڪ ھجي.

دوستي ڪڏھن بہ ڪنھن سان بہ ٿي سگھي ٿي. آفيس ۾ اوھانجي سيٽ پرسان ويٺل ڳڏ ڪم ڪندڙ بہ اوھان جو دوست ٿي سگھي ٿو. دوستيءَ کي لنبي وقت تائين قائم رکڻ لاءِ اوھان جي پريم ۽ وشواس جو ھئڻ بہ گھڻو ضروري آھي.

سٺا دوست اوھان جي جيون کي سڪيارٿو ٿا بڻائين. ھاڪاري توانائيءَ سان اُھي اوھانجي جيون جيئڻ جي حوصلا افزائي ڪن ٿا. جڏھن زندگيءَ ۾ رستا بند ٿي ٿا وڃن ۽ ڪا بہ اُميد باقي نٿي بچي تہ سٺا دوست ئي جيئڻ جو سھارو ٿا بڻجن. سٺا دوست اسان کي بُري وقت مان ٻاھر ڪيدي ٿا وٺن. دوستي خوشيءَ کي ٻيڻو ڪري ڊک کي ورھائي مصيبتون گھٽائيندي آھي. ھڪ سچو دوست ھر حال ۾ اوھانجو ساٿ ڏيندو آھي. بنا دوستن جي زندگي دشوار ھوندي آھي. اسانکي چاھي روٺو ھجي يا ڪلٺو، ٻنھي حالتن ۾ دوست ضروري آھن.

**(ھندواسي تان ورتل)**

## لفظن جو خزانو

مِڙَني = سيني، اَهم = مُکيہ تلاش = کوج ، جاچ کوجنيڪ = کوجنا ڪندڙ
هاڪاري توانائي = شفي بل قريبي = ويجھا سَڪيارتو = سَجايو دُشوار = مُشڪل

## اَڀياس

**سوال 1.** هڪ جملي ۾ جواب لکو.

1) ليکڪ ڪهڙي خوبصورت رشتي جو ذڪر ڪيو آهي؟
2) سبق ۾ آيل هڪ يونيورسٽيءَ جو نالو لکو.
3) دوست اسان کي ڇا ڏين ٿا؟
4) دوستيءَ کي لنبي وقت تائين قائم رکڻ لاءِ ڪهڙي ڳالهہ ضروري آهي؟

**سوال 2.** ٿوري ۾ جواب لکو.

1) دوست اسٽريٽ لائيٽ وانگر ڪيئن هوندا آهن؟
2) سچو دوست ڪير آهي؟
3) دوستيءَ لاءِ ڇا ضروري ناهي؟
4) سُٺا دوست ڪيئن مددگار هوندا آهن؟

**سوال 3.** خال پريو.

1) دوست هميشهہ اسان جي خوشيءَ کي .......... جو ڪم ڪندا آهن.
2) دوستيءَ جي ڪا حد يا .......... نہ هوندو آهي.
3) سچا دوست اوهان جي جيون کي .............. تا بڻائين.
4) اَسان کي چاهي روئڻو هجي يا .............. پنهي حالتن ۾ دوست ضروري آهن.

**سوال 4.** 1) اصطلاحن جي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻيو.

قائم دائم رکڻ ....................

ميل جولُ رکڻ ....................

غور ڪرڻ ....................

حوصلا اَفزائي ڪرڻ ....................

ساٿ ڏيڻ ....................

2) ضد لکو :

دوست ....................

پُراڻو ....................

خوشي ....................

ضروري ....................

هاڪاري ....................

3) صفتون ٺاهيو :

کوجنا ....................

جُڙَڻُ ....................

پريشاني ....................

دوستي ....................

دُنيا ....................

**سوال 5.** پنهنجي دوست بابت اَٺ جُملا لکو.

## مشغوُلي - 1

(1) تڪر پڙهي عملي ڪم ڪريو.

برطانيہ جي يونيورسٽي .............................. گھٽو ضروري آهي.

1. هڪ لفظ ۾ جواب لکو :

(I) يونيورسٽيءَ جو نالو = ☐

(II) هڪ ديش جو نالو = ☐

(2) خاڪا پورا ڪريو.




(3) بيان پورا ڪريو.

1. دوست اَسان کي ڪجهه ..................
2. دوستيءَ جي ڪا حد ......................
3. دوستي ڪڏهن به ......................
4. جن وٽ پُراڻن دوستن ................

(4) ڏنگين ۾ صحيح يا غلط لکو.

1. سچو دوست مشڪلاتن ۾ ڪم اَچي ٿو. ( )
2. سچو دوست اهنڪار ڪندو آهي. ( )
3. سچو دوست هر خيالي هئڻ گهرجي. ( )
4. سچو دوست اوگڻ ٻڌائيندو آهي. ( )
5. سچو دوست ڪنهن به ڌرم جو ٿي سگهي ٿو. ( )

(5) ’سچي دوست ۾ ڪهڙا گُڻ هئڻ گهرجن؟‘ اُن تي پنهنجا ويچار لکو.

(6) خاڪو پورو ڪريو.




(7) خاڪو پورو ڪريو.




(8) توهان ’فرينڊشپ ڊي‘ ملهائيندا آهيو اُن جي باري ۾ پنهنجا ويچار پيش ڪريو.

(9) ’دوست اُهو جو اوکيءَ ويل ڪم اَچي‘ سمجهايو.

## مشغولي - 2

(1) ٽُڪر پڙهو ۽ خاڪو پورو ڪريو.

ڪجهه شاگرد امتحان ۾ ناپاس ٿين ٿا، اهو هڪ مسئلو آهي. ان جا ڪيترائي ڪارڻ آهن. پڙهائيءَ ۾ گهٽ دلچسپي، سچو وقت ٽي.وي ڏسڻ يا موبائيل ۾ راند ڪرڻ، وقت وڃائڻ يا دوستن سان گپ شپ ڪرڻ ڪري اهڙا شاگرد امتحان لاءِ پوري تياري نه ٿا ڪري سگهن. نتيجي طور اُنهن کي ناڪاميابيءَ جو منهن ڏسڻو پوي ٿو.

اِها ڳالهه به ڌيان جوڳي آهي، مائٽن يا سيڪاريندڙن وٽان ڪين پوري رهنمائي نه ٿي ملي. اِهو به هڪ ڪارڻ ٿي سگهي ٿو. خراب سنگت ڪري به ڪي شاگرد پڙهائيءَ کي اهميت نه ٿا ڏين.



(2) مناسب لفظ چونڊي خال ڀريو.

.1

| | |
|---|---|
| اوندھہ | روشني |

1) ڪمري ۾ ................ سبب ڪجھ بہ نظر نہ پيو اَچي.

2) سچ جي ................... ۾ ٻوٽا پنھنجو کاڌو ٺاھين ٿا.

.2

| | |
|---|---|
| آزادي | غلامي |

1) ڀارت ديش کي سنہ1947ع ۾ ................... ملي.

2) ................ کان ھرڪو آزاد ٿيڻ چاھي ٿو.

.3

| | |
|---|---|
| خرچ | جمع |

1) اسان کي بچت جي عادت رکندي ڪجھ رقم ............... ڪرڻ گھرجي.

2) اسان کي ضرورت موجب ................ ڪرڻ گھرجي.

.4

| | |
|---|---|
| مشڪل | سولو |

1) دنيا ۾ ڪوبہ ڪم ................. ڪونھي.

2) ھڪ ٻئي کي مدد ڪرڻ سان ڏکيو ڪم بہ ............... ٿي پوندو آھي.

.5

| | |
|---|---|
| ٿڌو | گرم |

1) سنيال! چانھہ ڏاڍي .............. اَتيئي.

2) ................... پاڻي ڏندن تي خراب اَثر ڪري ٿو.

.6

| | |
|---|---|
| وڏو | ننڍو |

1) انب جو وڻ ............. آھي.

2) گُلاب جو ٻوٽو ............. آھي.



# 7. ملڪيت

ايشور چندر

ايشور چندر (1937-1992ع) سنڌي ڪهاڻي نويسن جي نئين پيڙهيءَ ۾ اهم جڳهه والاري ٿو. هن جي ڪهاڻين جا اَهم مجموعا آهن؛ ’ٿڌا چپ‘، ’مئل ماڪوڙا‘، ’پنهنجي ئي گهر ۾‘، ’سخت چهري وارو ماڻهو‘ ۽ ’موتي آيل ماضي‘.

هن ڪهاڻيءَ ۾ ٻڌايل آهي ته سرحدن جي آرپار رهندڙ عام ماڻهن جي دلين ۾ هڪ ٻئي لاءِ ڪيترو پيار سمايل آهي.

دروازو کولڻ سان اول ته مان ڏانهس نهاريندو ئي رهيس. پر پوءِ مان اجا سوال پڇڻ لاءِ پنهنجا چپ کوليان ئي کوليان، ان کان اڳ ئي هن شخص نهايت ادب وچان پڇيو ”اَسين اندر اچي سگهون ٿا؟“

”ها ها! ڇو نه! ڇو نه! اچو اچو!“ ايترو چوندي ئي منهنجي نگاهه ان عورت ڏانهن کڄي ويئي جا اُن شخص سان گڏ آئي هئي ۽ دروازي کان ڪجهه پريرو، چپ چاپ بيٺي هئي. مون اُن عورت ڏانهن نهاريو ته سندس هڪ هٿ نهايت نزاڪت وچان ٿورو مٿتي کڄي آيو پوءِ سندس چپن هلڪي آواز ۾ ’آداب‘ چوڻ جي انداز ۾ ڪجهه پڙڪيو. مونکي لڳو ته پڪ ئي پڪ، هوُ ڪنهن سني ۽ سيد ڪٽنب سان تعلق رکندڙ آهن.

مون به اکيون جهڪائي سندس ’آداب‘ کي عزت ڏني.

اندر اچي مون کين صوفا تي ويهڻ جو اِشارو ڪيو ۽ پوءِ سوالي نگاهن سان مان، ڏانهن نهارڻ لڳس.

منهنجين نگاهن ۾ لڪل سوال کي اُن شخص شايد ڀانپي ورتو. ان ڪري ٿورو مرڪي چيائين، ”توهان سان شايد هيءَ پهرين ملاقات آهي ...!“

مون صرف هاڪار وچان ڪنڌ لوڏيو. جڻ چوندو هجان، ”ها! شايد ....!“

اُن تي اُن شخص، وري به چپن تي ساڳي مرڪ آڻي چيو ”اسين شايد اجا هڪ ٻئي لاءِ اجنبي آهيون... نه ....؟ .... ۽ مان سمجهان ٿو، ته ملاقات يا سڃاڻپ وغيره کان اڳ سڀ انسان هڪ ٻئي لاءِ اجنبي ئي هوندا آهن ...“

مون به ٿورو مرڪي وري پنهنجا ساڳيا به لفظ دهرايا ”ها! شايد ....!“. ان تي، هن يڪدم پنهنجو تعارف ڏنو.

”خاڪسار کي محمد امين چوندا آهن .... ۽ هيءَ .... جيڪا مون سان گڏ آهي، منهنجي گهر واري آهي. فاطمه!“ ڪن ترسي هن وري مون کان سوال ڪيو ”توهان جو اسم شريف ....؟“

مون کيس پنهنجو نالو ٻڌايو، ته هن وري پنهنجي ڳالهه کي اڳتي وڌايو. ”اسين سرحد جي هُن پار کان آيا آهيون .... ورهاڱي کان اڳ اسين هتي ئي رهندا هئاسين .... صرف رهندا ئي ڇا ڄاوا - نپنا ئي هتي آهيون .... ان ڪري دل ته گهڻن سالن کان هئي، ته هڪ دفعو اُن گهر، اُنهن گهٽين مان گهمي اچون؛ جتي جي مٽيءَ ۾ يارن سان رانديون- رهاڻيون ڪيون هيونسين ... پر ادا! سرحدون بند هيون ... ان ڪري دل پليو وينا هئاسين .... هاڻي جڏهن ٻنهي ملڪن وچ ۾ سٺائو واءُ لڳو آهي، تڏهن وچي ٻنهي پاسن جا ماڻهو هڪ ٻئي سان مڪاميلو ڪرڻ لائق ٿيا آهيون ....!“

مونکي بيحد خوشي ٿي ته مان ان شخص سان

گذجي رهيو هوس جو منهنجي ملڪ مان آيو هو ۽ جنهن ملڪ جي مٽيءَ جو هڳاءُ اڄ به ڄڻ منهنجين نسن ۾ گهمي رهيو آهي. مون ان شخص کي ٻڌايو ته مان به سرحد جي هُن پار ڄائو هوس ... ۽ لڏپلاڻ ۾ اسين به پنهنجو ملڪ ڇڏي آيا هئاسين.

تنهن تي هن چيو، ”مون کي خبر آهي .... توهان جو در کڙڪائڻ کان اڳ، توهان جي پاڙي جي ئي ڇوڪري کان مون توهان بابت ٿوري ڄاڻ حاصل ڪري ورتي هئي .... تڏهن ته ايندي ئي مون، توهان سان هتي جي مڪاني ٻوليءَ ۾ ڪونه ڳالهايو ....! اسين به هاڻ اُتي توهان جي ٻولي ڳالهائڻ سکي ويا آهيون.“

اِن وچ ۾ منهنجو ڌيان اُن شخص جي زال ڏانهن هليو ويو؛ جيڪا چپ چاپ اسان ٻنهي جون ڳالهيون ٻڌي رهي هئي. هوءَ ويچاري ٻور نه ٿئي، ان ڪري ٻئي ڪمري مان مون پنهنجي زال کي سڏ ڪيو. هوءَ آئي ته مون کيس ٻڌايو، ته هيءُ ٻئي سرحد جي هُن پار کان آيا آهن.

منهنجي زال به ڏاڍي خوش ٿي ۽ محمد جي زال جي ڀر ۾ ويهي کيس ڪيڪاريائين. پوءِ هوُ ٻئي به پاڻ ۾ ڳالهيون ٻوليون ڪرڻ ويهي رهيون. هن جي ڳالهين مان خبر پيئي، ته من جي ڪا مُراد پوري ٿيڻ لاءِ هنن سکا ڪئي هئي، ته جي الله تعاليٰ سندن مراد پوري ڪئي، ته هوُ ٻئي هڪ ڏينهن خواجه صاحب جي درگاهه تي چادر چاڙهڻ ضرور ويندا.

۽ شايد ان ئي مقصد سان هوُ ٻئي هتي آيا هئا. اسان اجا ڳالهيون ئي ڪري رهيا هئاسين، جو ان وچ ۾ منهنجي ڌيءَ مهمانن لاءِ ڪجهه چانهه ناشتو کڻي آئي.

هوُ ٻئي چانهه پيئندا رهيا ۽ وچ وچ ۾ اسان جي ڪمري مان آڳنڌ وغيره کي ڌيان سان ڏسندا رهيا. هوُ شخص رکي رکي ڪڏهن پنهنجن اڇن وارن تي هٿ ڦيري رهيو هئو ته ڪڏهن وري اکيون بند ڪري ڄڻ ڪجهه سوچڻ پئي لڳو.

جڏهن ٻنهي ڄڻن چانهه پي لاٿي، ته مون اُن شخص کان پڇيو: ”ناچيز لائق ڪا خدمت هجي ته حڪم ڪريو ....!“

مونکي لڳو، ته ٿوريءَ دير لاءِ هوُ شخص ڄڻ ڪنهن ٻيءَ دنيا ۾ وڃي پهتو هو. منهنجي سوال تي هن ڄڻ ٿورو ڇرڪ ڀري چيو، ”نه ... نه ... خدمت وغيره ڪاٻه ڪانهي .... اسين ته بس، ائين ئي توهان کي ٿوري تڪليف ڏيڻ هلي آياسين ....!“

مان سمجهي نه سگهيس ته هوُ آخر چوڻ ڇا ٿو چاهي؟ ... يا وري، جي آيو آهي ته ڪهڙي ڪم سان؟ ... هن شايد منهنجي من جي حالت ڄاڻي ورتي. چيائين، ”اسين توهان جو مڪان ڏسڻ آيا آهيون ....!“

مان وائڙو ٿي ويس ته منهنجي مڪان ۾ اهڙي ڪهڙي خاص ڳالهه آهي، جو هوُ اُن کي ڏسڻ ٿا چاهين.

هن شخص وري ڳالهائڻ شروع ڪيو، ”حقيقت ۾ لڏپلاڻ کان اڳ، اسين هن مڪان ۾ ئي رهندا هئاسين .... اسان جي عمر جو هڪ لنبو عرصو، هنن ديوارن ۾ ئي گذريو آهي، .... الائي ڇو، سالن کان مونکي اِها آنڌ مانڌ ستائي رهي هئي، ته وڃي اُن آڱڻ جي مٽيءَ کي هڪ دفعو پنهنجن هٿن سان ڇهان، جنهن تي شام جو ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهي، اسين گهر وارا خواه دوست دڙا رهاڻيون ڪندا هئاسين.“ ايترو چئي هوُ شخص صوفا تان اُٿي ٻاهر اڱڻ ۾ ٽهلڻ لڳو. پنيان سندس گهر واري به اُٿي آئي. رکي رکي هوُ شخص اسان جي گهر جي ڀتين کي ائين ڇهي رهيو هئو، جيئن ڪو ڏاڏو، سالن ڪانپوءِ پرڏيهه مان موٽي آيل پنهنجي پوٽي کي ڇهندو هجي. هن جي زال به حسرت ڀريل نگاهن سان مڪان جي چوطرف نهاريندي رهي.

ڪجهه دير بعد، اُن شخص وري ڳالهائڻ شروع

ڪيو، ”سچ پڇو! ... اسان ته اُتي ائين سمجهي وينا هئاسين، ته اسانجو مڪان ڪنهن ڊاهرائي پٽ ڪيو هوندو ... ۽ پوءِ، اُتي پنهنجي مرضيءَ مطابق ڪو بنگلو وغيره نهرايو هونداڻين ... حقيقت ۾ اسان جو مڪان ڏاڍو پراڻو هئو ....!“

مون به سندس ڳالھ جي پنيرائي ڪندي چيو، ”ها، اسان جڏهن هيءُ مڪان ورتو هو، تڏهن سچ پچ ڪافي پراڻو پئي لڳو. پر پوءِ، هزارن به پيسا لڳائي، اسان اِن جي مرامت ڪرائي ... ادل! ملڪ ڪهڙي ۾ به رهجي، اجهو ته سڀ ڪي ڪپي ...!“

هن جي اکين ۾ هلڪا لڙڪ اُڀري آيا. پريل آواز ۾ چيائين، ”مونکي ائين پيو لڳي، ڄڻ منهنجي اُگهاڙي مڪان کي توهان ڪپڙا پهرائي ڇڏيا آهن.“ هن ممتا وچان وري گهر جي پٽين تي هٿ ڦيرڻ شروع ڪيا. پوءِ مون کان پڇيائين، ”توهان اُتي ڪٿي رهندا هئا؟“

مون ڪيس پنهنجي ڳوٺ جو نالو ٻڌايو، ته وري پيو سوال ڪيو، ”اُتي توهان وٽ پنهنجو مڪان وغيره به هوندو؟“

پنهنجو پاڻ هڪ ٿڌو شوڪارو منهنجي وات مان نڪري ويو. چيم، ”ها! هئو!“ پوءِ مون ڪيس ٻڌايو ته ڪيئن اسين پنهنجي گهر کي سينگاري رکي آيا هئاسين، ته واپس ته اچڻو ئي آهي ... سوچيو هئوسين، ته هيءَ لڏپلاڻ ته سڀ عارضي آهي.

اِن ڳالھ جو هُو ڪهڙو جواب ڏئي؛ اِهو سوچي هُو ڄڻ منجهي بيهي رهيو. هن کي به شايد ساڳيو ئي احساس ٿيو ته، تڏهن ڀلا ڪنهن تي ڄاتو ته سرحدن جا ليڪا اڃا به گهرا ڪيا ويندا ۽ سرحدن جي، ڪَنڊن واريون تارُون، ائين اِنسانن کي پنهنجي مٽيءَ کان وڇوڙي ڇڏينديون.

هن جي نظر پوءِ آڱڻ ۾ لڳل نِم جي وڻ ڏانهن کڄي ويئي. ٿورو مرڪي چيائين، ”نِم جي وڻ مان روز تازيون ڏاريون پٽي، اسين ڏندڻ ڪندا هئاسين.“ ايترو چئي، هڪ ننڍڙي ڏاري پٽي، اُن جا پن الڳ ڪري، هن ڏاريءَ کي چٻاڙڻ شروع ڪيو. پر وري ٿورو جذباتي ٿيندي چيائين، ”سواد ۾ ڪوبه فرق ڪونهي ... اُتي جي نِم جو به ساڳيو ئي سواد آهي. جهڙو هن نِم جو آهي ...!“ ڪِن ترسي، هن وري هلڪو ڪِلي چوڻ شروع ڪيو، ”توهانکي هڪ مزيدار ڳالھ ٻڌايان! اسان جي ڳاڏي جڏهن سرحد تي پهتي، تڏهن منهنجي نگاھ الائجي ڇو آسمان ڏانهن کڄي ويئي. اُن وقت مان سوچڻ لڳس ته سرحدن جا هيءُ ليڪا آسمان ۾ ڇو ناهن؟ پکي پکڻ هڪ ملڪ کان ٻئي ملڪ ڏانهن اُڏامي رهيا هئا. اُنهن لاءِ به سرحدن جا ليڪا ڪونهن. پوءِ ڀلا اسان اِنسانن جي وچ ۾ اِهي ليڪا ڪنهن پيدا ڪيا آهن؟“

ڪوبه جواب نه ڏيئي، مون صرف ٿورو مُرڪي ڏنو.

تڏهن وري، ڳالھ جو رخ بدلائڻ جي خيال کان، مون کين چيو، ”ٻُڌو! هڪ عرض آهي. اُميد ته توهان اِنڪار نه ڪندا.

هن يڪدم ڦڙتيءَ وچان جواب ڏنو، ”نه! نه! توهان حڪم ڪريو ...!“

تڏهن مون وري وينتيءَ ڀرئي لهجي ۾ کين چيو، ”منهنجي ملڪ مان آيا آهيو ... مهمان ته آهيو .... پر گڏو گڏ ڄڻ اسان جا پنهنجا به آهيو! آيا آهيو ته هڪ ويلو اسان وٽ ماني کائي وڃو ....!“

هن ٿوري لاچاري لهجي ۾ چيو، ”نه! توهان هريرو اها تڪليف ڇو ٿا ڪريو؟“

مون چيو، ”اِن ۾ تڪليف جي ڪا ڳالھ ڪانهي ... الائجي ڇو، مونکي خوشي ٿي رهي آهي ... ڏسو نه! روٽي تيار ٿئي پيئي ... توهان لاءِ ڪا خاص ته رڌائي ڪانه اَٿم ....!“

منهنجي زال به فاطمه تي روٽي کائڻ لاءِ زوربار آڏڻ لڳي. تڏهن هنن به وري ڪو اِنڪاري ضد نه ڪيو.

اَندر ڪمري ۾ ايندي ايندي، هن هڪ دفعو رنڌڻي ڏانهن ليئو پاتو ۽ پوءِ رنڌڻي جي دريءَ ڏانهن يڪ ٽڪ نهاريندو رهيو. ڪجهه ترسي هن مون کان پڇيو، ”رنڌڻي کي توهان پڪي نهرايو آهي. يا بس صرف مٽان ئي مرامت ڪرائي اَٿوَ؟“

مون چيو، ”صرف مٽان ئي مرامت ڪرائي اَٿئون.“

هوُ اِن ڳالهه تي بس ٿورو مرڪيو ۽ پوءِ سڀ اندر ڪمري ۾ هليا آياسين.

جيسين رسوئي تيار ٿئي،تيسين اسين پاڻ ۾ ڳالهيون ڪندا رهياسين. هنن جي ڳالهين مان لڳو ته بئي ڏينهن هوُ هتان روانا ٿي ويندا ۽ پوءِ بيا ڪجهه شهر گهمندا پنهنجي ماڳ موٽي ويندا.

روٽي کائڻ وقت بيئي چڻا خاموش رهيا. مونکي لڳو، محمد چڻ ڪنهن گهري ٽُبيءَ ۾ پئجي ويو هئو.

روٽي پاڻي کائي، هنن اسان کان موڪلائڻ چاهيو. ان ننڍڙي ملاقات ۾ اسان بنهي ڪٽنبن جي وچ ۾ ايتري ته پنهنجائپ پيدا ٿي ويئي هئي، جو ويندي ويندي هوُ اسان کي به نيند ڏيندا ويا. ته ڪڏهن اسان جي ملڪ اچو... توهانجي ته پنهنجي مٽي آهي.

جواب ۾ مون بس کين ايترو ئي چيو، ”جيڪي اَن جل جي اختيار، ادا!“

ٿورو ترسي ۽ ڪجهه هڪڪندي هن وري چيو، ”ادا! پنهنجي نِم جون ڪجهه ٽاريون مونکي ٽوڙڻ ڏيندا؟.... مان بطور يادگار اِهي پاڻ سان کڻي وڃڻ تو چاهيان.“

مون چيو، ”ها! ها! ڇو نه ! ڀلي کڻي وڃو ....!

هن اُٺي نِم جون ڪجهه ٽاريون ٽوڙيون ۽ ائين سنڀالي هٿن ۾ ڪنيائين، ڄڻ ڪو ڪچڙو ڪومل ٻار هٿن ۾ کنيو هجيس. ان بعد هوُ وڃڻ لڳا.

اسين بيئي زال مڙس، پوءِ کين ٻاهرئين دروازي جي چائنٺ تائين اُپڙائڻ وياسين. منهنجي ڏيءَ به ٻاهر نڪري آئي.

هنن بنهي هڪ دفعو سڄي مڪان کي وري غور سان ڏٺو. ڪجهه دير ائين ئي مڪان کي ڏسندا رهيا.

پوءِ وري ڄڻ ڪنهن ننڊ مان سجاڳ ٿيندي، محمد چيو، ”ڏسو! توهان اسانکي ڪيڏو نه مانُ ڏنو .... اسانجي ڪيڏي نه مهمان نوازي ڪئي .... سچ پُڇو، مان سڄو وقت اِهو ئي سوچيندو رهيس، ته پاڻ ۾ ته ڪو نفاق آهي ئي ڪونه .... پوءِ هيءُ سڀ ويڇا ڪنهن وڌا آهن اَسان ۾! .... ڪنهن وڌا آهن!“

هوُ بيحد جذبات ۾ اَچي ويو هو. اُن ڪري مون چپ رهڻ ئي واجب سمجهيو.

تڏهن وري هن منهنجي ڏيءَ کي پاڻ ڏانهن سڏ ڪري سندس کُلهي تي هٿ رکي، مون ڏانهن مخاطب ٿي چيو، ”ادل! هيءَ توهان جي ئي نه، اسان جي به نياڻي آهي ... ويندي ويندي هڪ نذرانو تو ڏيانو ... موٽائجو نه!“ ڪجهه دير ترسي هن وري چيو، ”توهان جي رنڌڻي جي دريءَ هيٺان جيڪو ٽاڪ آهي، اُن کي پڪائجو ... ملندو .. لڏپلاڻ وقت، ويندي ويندي اَسان اُتي پنهنجي ڪجهه ملڪيت لڪائي، پٽ کي لنبائي ويا هئاسين! توهان جي بي-اِنتها سڪ ۽ توهان جو قرب ڏسي سوچيم ....!“ هوُ اڃا وڌيڪ چوي ئِي چوي؛ اُن کان اڳ مون کيس چئي ڏنو، ”ادا! توهان جي ملڪيت آهي، توهان کڻي وڃو .... اسان کي بئي جو نه کپي ....!“

پر هن يڪدم منهنجي ڏيءَ کي ڀاڪر ۾ ڀري چيو، ”توهان کي خدا جو قسم آ .... منهنجو عرض قبول ڪريو! ادل، ڏيءَ جي شاديءَ تي اُهو سڀ ڪجهه، اسان جي طرفان پنهنجي نياڻيءَ کي ڏجو ....!“

ايترو چوندي ئي لڙڪ ٽپ ٽپ ڪري هن جي اکين مان وهڻ لڳا. فاطمه جي اکين مان به لڙڪ لڙي آيا! پوءِ ٻنهي يڪدم منهن ڦيرائي تڪڙا تڪڙا قدم پرڻ شروع ڪيا.

اسين ڏسندا ئي رهجي وياسين.

جڏهن هوُ اکين کان اوجهل ٿيا تہ ڏٺم، زمين تي هنن جي لڙڪن جي آلاڻ اڃا بہ موجود هئي. مون کي لڳو، ڄڻ پنهنجي لڙڪن جي ملڪيت هوُ منهنجي چانئٺ پاهران هاري ويا هئا.

## لفظن جو خزانو

آداب = ڪيڪار، آجيان
پاڻيڙ = ڇاڻي وٺڻ
خاڪسار = خسيس
دل پلڻ = سهسائڻ
بي انتها = بيحد
لهجو = ڍنگ، نمونو

اِسم شريف = نالو
تعارف = سڃاڻپ
رهاڻيون = ڳالهيون
هٻاءُ = خوشبوءِ
حسرت = آرزو، تمنا

جذبات = اُمنگ، پاونا
عارضي = ٿوري وقت لاءِ
مخاطب ٿيڻ = روبرو ڳالهائڻ
ٿبيءَ ۾ پوڻ = سوچ ويچار ڪرڻ
سٽائو واءُ لڳڻ = حالتون سڌرڻ
سڪا ڪرڻ = باس باسڻ

## اَڀياس

**سوال 1. ٿوري ۾ جواب لکو.**

(I) سرحد جي هُن پار کان آيل جوڙي جي کهڙي آجيان ٿي؟
(II) محمد اَمين ۽ فاطمہ ليڪ جي گهر ۾ ڇو جذباتي ٿيا؟
(III) ’ملڪيت‘ سِرو ڪيتري قدر ٺهڪندڙ آهي؟

**سوال 2. هڪ ٻن سٽن ۾ جواب لکو.**

(I) محمد اَمين ۽ فاطمہ ڪهڙي درگاهہ ڏسڻ آيا هئا؟
(II) اَجنبيءَ نِمُر جون ڳاريون ڇو ڪنيون؟
(III) محمد اَمين ۽ فاطمہ ڪهڙي ملڪيت ڇڏي ويا هئا؟

**سوال 3. ساڳي معني وارن لفظن جا جوڙا ملايو.**

| | |
|---|---|
| 1. مرڪ | 1) نالو |
| 2. خاڪسار | 2) ڏاريو |
| 3. اجنبي | 3) مشڪ |
| 4. اِسم شريف | 4) خسيس |

**سوال 4. (I) ضد لکو.**

لکل ......................
شروع ......................
ڳوٺ ......................
واجب ......................
تڪڙو ......................
ٿڌو ......................
اندر ......................

**(II) صفتون ٺاهيو.**

مزو ......................
سواد ......................
سوال ......................
دل ......................

**(III) جنس بدلايو.**

ڏيءَ ......................
زال ......................
ڇوڪري ......................

(IV) عدد بدلايو.

سرحد ......................

عورت ......................

نگاهه ......................

دروازو ......................

چادر ......................

(V) اصطلاحن جي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻيو.

ستائو واءُ لڳڻ ......................

مخاطب ٿيڻ ......................

سُڪا ڪرڻ ......................

سوال.5 ڪنهن ڪنهن کي چيو آهي.

1) سوچيو هئوسين هيءَ لڏپلاڻ ته سڀ عارضي آهي.

2) اسين اندر اچي سگهون ٿا.

3) جيڪي اَن جل اختيار ادا!

## مشغولي

ٽڪر پڙهي عملي ڪم ڪريو.

مان وائڙو ٿي ويس ته ...................... ته هيءَ لڏپلاڻ سڀ عارضي آهي.

(1) ذيل ست سان واسطيدار سِٽ ٽڪر مان ڳولهيو.

(I) مان سندس ڳالهه مڃيندي چيو.

(II) اهو ورهاڱو ته ٿوري وقت لاءِ آهي.

(III) رهڻ جي جڳهه ته سيني کي گهرجي.

(IV) مان عجب ۾ پئجي ويس.

(2) وقت سان لاڳاپو رکندڙ لفظ ڳولهي چؤڪنڊي ۾ لکو.

وقت

(3) هڪ سٽ ۾ جواب لکو.

(I) محمد امين پٽين کي ڇو ڇُهي رهيو هئو؟

(II) محمد امين کي ليکڪ جي گهر ۾ ڪم ڪرائڻ بابت ڇا چيو ويو؟

(III) محمد امين لڏپلاڻ کان اڳ ڪٿي رهندو هئو؟

(4) ٿوري ۾ جواب لکو.

(I) محمد امين جي جذبات جو ذڪر ڪريو.

(II) ورهاڱي وارين لڏپلاڻ جي تڪليفن جو ذڪر ڪريو.

(5) هڪ لفظ ۾ جواب لکو.

(I) ديوارون

(II) مڪان

(III) ڏيهه جو ضد

(IV) ڳوڙها

(V) 'ٿڌ' جي صفت

(VI) انگريزي لفظ

(VII) 'شهر' جو ضد

(VIII) پريشاني

(6) 'مرامت' لفظ ۾ ڪم آندل اکر ڳولهي نوان لفظ ٺاهي سگهجن ٿا. مثال :

رات - رت - مت - رام - ممت

اهڙي نموني 'لڏپلاڻ' لفظ ۾ ڪم آندل اکر ڳولهي نوان لفظ ٺاهيو.

(7) خاڪو پورو ڪريو.

محمد اَمين جون مڪان بابت ذڪر ڪيل ڳالهيون

(8) سوالن جا جواب لکو.

(I) محمد اَمين پنهنجي مڪان بابت ڇا سمجهي وينو هو؟

(II) مونکي اِئين پيو لڳي، ڄڻ منهنجي اُگهاڙي مڪان کي توهان ڪپڙا پهرائي ڇڏيا آهن. محمد اَمين ائين ڇو چيو؟

(9) ٽڪر مان مناسب لفظ ڳولهي چوڪنڊا پورا ڪريو.

| | |
|---|---|
| حسرت پريل | اَکين ۾ هلڪا |
| | |
| گهر وارا خواه | عمر جو هڪ لنبو |
| | |

(10) مناسب بيان لکو.

جُملو : 1. توهان اُتي ڪٽي رهندا هئا؟

ڪنهن : ...............................

ڪنهن کي : ...............................

جُملو : 2. اَدل! ملڪ کهڙي ۾ به رهجي اَچهو تہ سڀ کي کپي!

ڪنهن : ...............................

ڪنهن کي : ...............................

(11) ورهاڱي بابت ٻڌل ڪنهن به گهٽنا جو ذڪر پنهنجن لفظن ۾ ڪريو.

(12) 'پنهنجو گهر گروهٔ جو در' سمجهايو.

## وڌيڪ ڄاڻ

ديش جو ورهاڱو سنہ 1947ع ۾ ٿيو. جنهن سبب عوام جي وڏي تعداد کي لڏپلاڻ ڪرڻي پيئي. سنڌ مان ڪيترائي هندو سنڌي پنهنجون ملڪيتون ڇڏي هندوستان جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ جذب ٿيندا ويا.

ورهاڱي بابت وڌيڪ ڄاڻ لاءِ اوهين هينيان ڪتاب پڙهي سگهو ٿا.

1. The making of Exile : Sindhi Hindus and Partition of India.
   By : Nandita Bhavnani
2. Unbordered Memories : Sindhi Stories of Partition.
   By : Rita Kothari

وڌيڪ ڄاڻ اوهين انٽرنيٽ تان پڻ حاصل ڪري سگهو ٿا.

www.partition1947.sindhibooks



# 8. تماڪ يا صحت

سمپاڊڪ منڊل

سمپاڊڪ منڊل طرفان تيار ڪيل هن ليک ۾ تماڪ سبب صحت تي ٿيندڙ نقصانن بابت ٻڌايو ويو آهي. پارت سرڪار پڻ اُن نسبت ٽي.وي. تي اِشتهارن ۽ اخبارن وسيلي سماج ۾ جاڳرتا آڻي رهي آهي.

(پروفيسر ڪلاس ۾ داخل ٿئي ٿو ۽ سڀ ٻار اُٿي بيهن ٿا)

پروفيسر : اڄ مان ڏاڍو خوش آهيان! مون توهان کي هڪ ڪم سوئنپيو هو. اُهو توهان دل سان ڪري رهيا آهيو.

گذريل هفتي اَسان تماڪ واهپي جي خراب اثرات بابت تفصيل سان ڳالهه ٻولهه ڪئي هئي.

تماڪ ۾ نڪوتين سمايل ٿئي ٿي جيڪا اُتيجڪ ڪندڙ (Stimulant) ٿئي ٿي. اِن جو گهڻو واهپو زهريلو اثر ڪري ٿو. تماڪ ڇڪڻ سبب ساهه کڻڻ جي نلين جي سوڄ (Bronchitis)، معدي ۽ ڊيوڊينم ۾ ڦٽ (Ulcer) ٿين ٿا. هن جي ڪارڻ دل جي بيمارين ۽ ڦڦڙن جي ڪئنسر ٿيڻ جو اِمڪان وڌي وڃي ٿو. تماڪ ڇڪڻ يا چٻاڙڻ سبب وات جي ڪئنسر ٿي سگهي ٿي.

آءٌ اڄ توهان جا رنگ برنگي پوسٽر ڏسي گد گد آهيان. پوسٽرن ۾ تماڪ جي استعمال خلاف الڳ الڳ نعرا ڏنل آهن. دل ڏوڏيندڙ خوفناڪ نتيجن وارا بيان آهن. توهان جيڪو پوسٽر ٺاهڻ جو ڪم ڪيو آهي، اُن ڪيرون لهڻيون!

اَڇو تہ اِنهن پوسٽرن جي ڇاڻ وٺون. وينا تون ٻڌاءِ.

وينا : سر! هيءُ ڏسو!



## تماڪ خلاف ڏينهن

توهان سگريٽ نہ پيئندا آهيو

پر سگريٽ توهان کي

پيئندو آهي!



پروفيسر : واهه وينا! تنهنجي اِن ننڍڙي پيغام ۾ گهرو مطلب سمايل آهي. مڪيش! تون ٻڌاءِ!

مُڪيش : سر! تماڪ واپرائڻ ڏاڍي خراب عادت آهي. اِن سان اَسان جي جسم جي سمورن عضون تي بدترين اَثر پوي ٿو. اِن لاءِ مون هيءُ پوسٽر ٺاهيو آهي :



## تماڪ ۽ اَسان جا عضوا



### مغز

تماڪ ۾ نڪوٽين موجود آهي، جا مغز اندر ڪيميائي تبديل آڻي ٿي، جيڪا هر گهڙيءَ ان لاءِ چڪ پيدا ڪري ٿي ۽ اُن جو اِستعمال ڪندڙ عادتي بڻجي پوي!

### دل

- نڪوٽين دل جي رت واهڻن کي سوڙهو ڪري ٿي ۽ دل اندر رت جو داب وڌي وڃي ٿو.
- تماڪ رت جي شريانين ۾ رنڊڪ وجهندي دل جي بيماري پيدا ڪري ٿو ۽ هارٽ اٽئڪ جو اِمڪان رهي ٿو!

پاڻ بچايو تماڪ کان دور رهو!

### چمڙي ۽ وار

سگريٽ / بيڙي ڇڪڻ سان چمڙيءَ ۾ گَهنج پوَن ٿا ۽ ننڍي عمر ۾ ئي وار پڻ ڇڻجن ٿا!

### وات ۽ ڏند

تماڪ جي استعمال سان ڏند خراب ٿين ٿا. وات مان اهڙي بدبوءِ اَچي ٿي. ڪينسر جهڙي خوفناڪ بيماري پڻ ٿي سگهي ٿي!

پروفيسر : مڪيش! تنهنجي پوسٽر اَسان جون اکيون کولي ڇڏيون آهن. سمجهدار ماڻهو ته هميشه تماڪ کان پري ئي رهندو.
پرميلا! تو ڪهڙو سنديش ڏنو آهي؟

پرميلا : سر! منهنجي سنديش ۾ فقط هڪ ئي سِٽ آهي!

**تماڪ يا صحت**
**توهان کي ڇا کپي!!!**

پروفيسر : پرميلا! تمام سٺو! تنهنجي هِڪ سِٽ گهاگهر ۾ ساگر آهي!
روهت! تو ڇا ناهيو آهي؟

روهت : سر! مون ’پرتگيا‘ ناهي آهي!

## پرتگيا

نہ! نہ! نہ!
ڪڏهن بہ نہ!
نہ مان سگريٽ ڇڪيندس!
نہ مان بيڙي پيئندس!
نہ مان تماڪ کائيندس!
نہ مان گٽڪو کائيندس!
نہ! بلڪل نہ!

پروفيسر : آءٌ چاهيندس تہ سڀ شاگرد روهت جي ’پرتگيا‘ مون سان گڏ دهرائين.

(شاگرد اُٿي بيهي پرتگيا ڪن ٿا)

پروفيسر : اڄ مون کي پورو وشواس آهي تہ توهان ڪڏهن بہ تماڪ نہ واپرائيندا ۽ گهر گهر ۾ اهو نياپو پهچائيندا. سڀ صحتمند هوندا تہ ديش صحتمند ٿيندو.

ياد رکو! 31 مي ءِ ’وشو تماڪ خلاف‘ ڏينهن آهي. پوري دنيا ۾ ان لاءِ ڪاريہ ڪرم ڪيا وڃن ٿا. مول مقصد آهي ’تماڪ واهپي خلاف لڙائي ءِ ۾ جيت!‘

## اَڀياس

سوال 1. هڪ سِٽ ۾ جواب لکو.

(I) پروفيسر ڳڊ ڳڊ چو ٿيو؟

(II) وينا جي پوسٽر جو نعرو لکو.

(III) تماڪُ واپرائڻ سان مغز تي ڪهڙو اَثر ٿئي ٿو؟

(IV) پرميلا پوسٽر ۾ ڪهڙي سِٽ لکي؟

سوال 2. خال ڀريو.

(I) اڇو تہ اُنهن پوسٽرن جي ................ وٺون.

(II) تماڪُ واپرائڻ تمام خراب ................ آهي.

(III) تنهنجي اِن ننڍڙي .................... ۾ گَهرو مطلب سمايل آهي.

(IV) .................. ماڻهو تہ هميشہ تماڪ کان پري رهندو.

سوال 3. ٿوري ۾ جواب لکو.

(I) تماڪ جي واهپي مان ڪهڙا نقصان آهن؟

(II) توهان کي ڪهڙو پوسٽر وڻيو ۽ چو؟

سوال 4. صفتون ٺاهيو.

ڪم ....................

اثر ....................

بيان ....................

جاڙ ....................

## مشغولي - 1

(1) ڏنل خاڪو پورو ڪريو.

| | | |
|---|---|---|
| | | |
| | پوسٽر ٺاهيندڙ شاگرد | |
| | | |

(2) ’سمجهدار‘ لفظ ۾ ’دار‘ پڇاڙي آهي.

ڏنل چوڪنڊي مان اِهي لفظ چونڊيو، جن سان ’دار‘ پڇاڙي لڳائي سگهجي ٿي.

هوا - خراب - شان - مال - تماڪ
خود - جان - وفا - وزن - ڪم

(3) ’خوفناڪ‘ لفظ ۾ آيل ’ناڪ‘ پڇاڙي ءِ جهڙا ڪجهہ ٻيا لفظ ٺاهيو.

(4) ڏنل چوڪنڊي مان صحت سان لاڳاپو رکندڙ مناسب لفظ چونڊي لکو.

سج جي روشني - تازي هوا - ڪسرت - جهڳڙو
تماڪ - ڪاوڙ - آرام - ميوو - تڪڙو کائڻ

(5) آمدرفت جا نيم نہ ٽوڙڻ لاءِ ’پرتگيا‘ جو پوسٽر ٺاهيو.

(6) موبائيل فون جي غلط استعمال سبب ڪهڙا نقصان آهن؟

(7) ’رت-دان ڏينهن‘ بابت پوسٽر تيار ڪريو.

## مشغولي - 2

(1) جوڙا ملايو :

| | |
|---|---|
| .1 پرجاوادي ڏينهن | .1 30 جنوري |
| .2 يوگ ڏِوس | .2 12 جنوري |
| .3 ٽيچرس ڊي | .3 31 ميءِ |
| .4 آزادي ڏينهن | .4 8 مارچ |
| .5 نئشنل ووٽرس ڊي | .5 29 آگسٽ |
| .6 انترراشٽريہ مهلا ڏِوس | .6 5 سيپٽمبر |
| .7 انترراشٽريہ تماڪ خلاف ڏِوس | .7 21 جون |
| .8 شهيدي ڏينهن | .8 25 جنوري |
| .9 قومي راند ڏينهن | .9 26 جنوري |
| .10 نئشنل يوٿ ڊي | .10 15 آگسٽ |

(2) www.http.gov.inquittobacco تي وڃي تماڪَ جا بُرا اَثر پڙهو ۽ اُهو سنديش سيني تائين پهچايو.

(3) ديش تماڪ مُڪت ٿئي، اِن لاءِ توهان ڪهڙيون ڪوششون ڪندا؟

## وڌيڪ ڄاڻ

تماڪ واهپو روڪڻ لاءِ ڀارت سرڪار ڪيترائي قدم کنيا آهن. جيئن تہ :-

1. Enactment of the "Cigarettes and other Tobacco Products (Prohibition of Advertisement and Regulation of Trade and Commerce, Production, Supply and Distribution) Act, (COTPA) 2003".
2. Ratification of WHO Framework Convention on Tobacco Control (FCTC).
3. Launch of the National Tobacco Control Programme (NTCP) in the year 2007-08.
4. Issuance of the Food Safety and Standards (Prohibition and Restrictions on Sales) Regulations, 2011 dated 1st August 2011, under the Food Safety and Standards Act, 2006, which lays down that tobacco and nicotine shall not be used as ingredients in any food products.
5. Notification to regulate depiction of tobacco products or their use in films and TV programmes.
6. Public awareness campaigns through a variety of media.
7. Increase in the Central Excise Duty and decrease in the dutyfree allowance of cigarettes and other tobacco products.

# 9. ساٽيھ جي سِڪ

ليکراج 'عزيز'

شري ليکراج کشنچند 'عزيز' ڪي.سي. ڪاليج بمبئيءَ ۾ سنڌيءَ جو پروفيسر ٿي رهيو آهي. سنڌيءَ توڙي پارسيءَ جو چڱو ڄاڻو آهي. هُو برک شاعر آهي، پر نثر ۾ به ڪي مضمون لکندو رهندو آهي.

جهڙيءَ طرح هڪ مصيبت زده ئي ڄاڻي ٿو ته مصيبت ڇا آهي ۽ وره جي واڍوڙئي کي ئي خبر آهي ته وڇوڙو ڪهڙي بلا آهي، تهڙيءَ طرح ساٽيھ جي سِڪ جو به اُنهيءَ کي ئي پرو هوندو، جنهن گهر کان پري گهاريو هوندو. ساٽيھ جي سڪ يا وطن جي حب اَهڙي آهي، جو ڏيساورن ۾ هزارين دولتون ملن، بي اِنتها نعمتون ۽ طرح طرح جا عيش ۽ آرام ميسر هجن، تڏهن به اُهي وطن جي بکن، ڏکن ۽ ڏاکڙن سان به مَٽ ٿي نه ٿا سگهن. ٻيو ته بجاءِ خود رهيو پر وطن ۾ به سڀني کان اُها گهٽي پسند ايندي ۽ اُهو پاڙو وڌيڪ پيارو لڳندو جتي پنهنجو گهر هوندو؛ مڙني گهرن کان اُهو گهر وڻندو، جتي ماڻهو پلجي وڏو ٿيو هوندو ۽ ڪُلِي ماڳن کان اُهي ماڳ مٺا لڳندا جن سان نسبتون رهيون هونديون. ولايتن ۾ ڪهڙيون به خوشيون حاصل ٿين ۽ ڪهڙيون به شگفتيون صحبتون ملن، ته به وطن جي سڪڻيءَ سنگت ۽ غريباڻي گذران جي به تل نه تري سگهنديون. ڄڻ ته قدرت وطن جي خاڪ ۽ پاڻيءَ کي ڳوهي هي قالب ٺاهيو آهي، جو پرديس ۾ ڪيترن سکن هوندي به ساٽيھ جي سڪ دل تي داغ بڻجي ٿي پوي ۽ وطن کان ٻاهر جڏهن ڪڏهن به وطن جو ذڪر ٿئي ٿو يا يادگيري پوي ٿي، يا وطن جي ڪا شيءِ ڏسجي ٿي ته اُهو داغ چٽ ۾ اهڙو زور سان چٽڪي ٿو، جو سندس تاب کان ٻيون سڀ فرحتون غائب ٿيو وڃن.

قدرتي طور جسم لاءِ وطن جي هر شيءِ مفيد آهي؛ آبهوا، کاڌو پيتو، ويندي دوا درمل تائين سندس اَثر رهي ٿو. ڏٺو ويو آهي ته جڏهن ماڻهو ڏيهه ڏوري وطن ورندو آهي؛ تڏهن جيئن جيئن وطن کي ويجهو پوندو ويندو آهي، تيئن تيئن سندس دل جي درياهه ۾ اُهي اُمنگن جون ڇوليون اُٿنديون آهن، جو ڪيترو به گهرو گنڀير سياڻو وارو اِنسان هوندو، تڏهن به هڪواري اُهي نظارا جن سان آشنا هوندو، سي جڏهن نظر چڙهندس، تڏهن بي اختيار دل مان نڪري ويندس : ڪجهه وقت پنهنجن سان وڃي رلي ملي اَچان. ڪيترين حالتن ۾ اِئين به ٿيو آهي ته جي زماني جي گردش کان پنهنجي وطن جو فقط گهر ڇڏي ٻيءَ جاءِ ۾ رهڻو پيو آهي ۽ پوءِ جي گهر جي ڪنهن پاڻيءَ سان بختياوري ڪئي آهي ته جيسين پنهنجا اَباڻا ڪک موٽي خريد نه ڪيا هوندائين، تيسين سک نه ستو هوندو.

اَلبت وطن کان ٻاهر نڪرڻ کانپوءِ ئي هرڪنهن شيءِ جو مان ۽ ملهه ٿئي ٿو. فقط موتيءَ جو مِثال وٺو ته اُهو سمنڊ جي تري ۾ سپ جي پيٽ ۾ رهي ٿو؛ پر جڏهن سپ کي غواص ٻاهر ڪڍي، سندس پيٽ چيري موتي ڪڍي ٿو، تڏهن ئي اُن جو اَگهه پار ٿئي ٿو ۽ محبوبن جي ڳچيءَ جو سينگار بڻجي ٿو. ڪيترين حالتن ۾ آزمايو اَٿن ته موتيءَ جو رفته رفته آب تاب جهڪو ٿي وڃي ۽ وري به سمنڊ جي پاڻيءَ اندر رکڻ سان منجهس ساڳي چمڪ ڏمڪ پيدا ٿيو پوي.

اِيران جي بادشاهه شاپور دوم جي ڳالهه ڪندا آهن ته روم ۾ گرفتار ٿي اچڻ بعد هن جي طبيعت عليل ٿي پيئي. روم جي شهزادِي جا مٿس عاشق هئي، سا جيل ۾ لکي اَچي سندس تيمارداري

ڪندي هئي پر جيئڻ پوءِ تيئڻ هوُ ويو پوڙهو پوندو. نيٺ نراس ٿي، شهزاديءَ سُلطان شاپور کان پڇيو ته تنهنجو ڪهڙو علاج ڪجي، جو وري نوبنو ٿين؟ تنهن تي جواب ڏنائين ته جيڪڏهن سنگهڻ واسطي ايران جي مٽي ۽ پيئڻ واسطي ايران جو پاڻي ملندم ته منهنجي اَگهائي موڪلائي ويندي. ٿورن ڏينهن کان پوءِ شهزاديءَ پاڻي ۽ مٽي آڻي ڏنيس ۽ چيائينس ته هيءَ دجله نديءَ جو پاڻي آهي ۽ هيءَ اُصطخر (شهر جو نالو) جي مٽي. جيتوڻيڪ شهزاديءَ اِهو فريب اِنهيءَ واسطي ڪيو هو ته من بادشاهه جي صحت ۾ ڪو فرق پوي؛ پر تنهن هوندي به ساڳيءَ جي سڪايل کي فقط وهم ۽ گُمان جي بنياد تي وطن جي مٽي ۽ پاڻي استعمال ڪرڻ سان شفا ملي ويئي.

اَسان جي سنڌ جي ماروئيءَ جي ڪهاڻي ڪنهن کان ڳجهي ڪانهي. مارو ماڻهو ڏڪ تي گذران ڪندڙ، پيٽ بکيا هئا. ته به جڏهن ماروئيءَ کي عمر زوريءَ نيئي ڪوٽن ۾ قابو ڪيو، تڏهن هوءَ ڪيس اِئين پيئي چئي ته تنهنجن پلاڻن کان منهنجي اَباڻي رب چڱي آهي؛ تنهنجي ڪٿوريءَ کان ساڳيءَ جي ڪهه سرس ٿي پانيان؛ بيشڪ هي اُهو تلهو آهي جتي پنڌ کان ٿڪجي ساهي پٽيندا هئاسون؛ هوءَ اُها ندي آهي جتي ساوڻ ۾ ترڻ جون موجون وٺندا هئاسون وغيره؛ ۽ جيئن اَصلي ماڳن کي ويجهو پوندو ويندو؛ تيئن هڪ قسم جي فرحت بخش بيقراري طاري رهنديس، جيستائين ڪو گهر رسي.

ملير جي جاين کي، ڪيرن ۽ گولاڙن کي، اَباڻن جي لسيءَ ۽ مهيءَ کي سارينديءَ ساڻيهه ساڻيهه پڪاريندي، ڏينهن رات هڪ ڪري چڏيائين ۽ وطن جي ورونهن، پيار ۽ محبت تي ڪوبه حرف اَچڻ ڪونه ڏنائين.

پڇاڙيءَ ۾ عمر کي هيئن به چيائين ته جيڪڏهن هتي ڪوٽن ۾ مري ويس ۽ منهنجو لاش ملير جي پاڪ زمين ۾ دفنايو ويندو ته جيڏي مهل مون تي ٿر جي ٿڌي مٽي پوندي، تيڏي مهل مئي به جيئري ٿي پونديس.

واجهائي وطن کي، آءٌ جي هت مياس،
گور منهن جي سومرا، ڪج پنوهارن پاس،
ڏج ڏاڏاڻي ڏيهه جي، منجهان ولڙين واس،
ميائي جياس، جي وڃي مڙهه ملير ڏي.

## لفظن جو خزانو

پرو = سماءُ
شفا = صحت
شگفته = تازگي
ولڙيون = وليون
ڪُلي = سيپئي
عليل = بيمارُ
آشنا = سڃاڻپ
مُياس = مري وڃڻ
ميائي = مري ڪري
جياس = جيئرو ٿيڻ
واڍوڙئي = ستايل
بخت ياوري ٿيڻ = نصيب ورڻ
تيمارداري ڪرڻ = سنڀال لهڻ
وره = فراق، وڇوڙو
غواص = ٽوبو

# اَڀياس

**سوال 1. هڪ سٽ ۾ جواب لکو.**

1) ساٽيهه جي سڪ جو ڪنهن کي پرو هوندو؟
2) ماڻهو جڏهن ڏيهه ڏوري وطن ورندو آهي ته اُن کي ڇا محسوس ٿيندو آهي؟
3) وطن کان پري ٿيندي ڪهڙو نتيجو نڪري ٿو؟

**سوال 2. ٿوري ۾ جواب لکو.**

1) ساٽيهه جي سڪ ڇا آهي؟
2) موتيءَ ۾ وري ساڳي چمڪ ۽ ڏمڪ ڪيئن پيدا ٿئي ٿي؟
3) مارئيءَ پنهنجي وطن جي پيار تي ڪيئن ڪوبه حرف اَچڻ نه ڏنو؟

**سوال 3. ساڳيءَ معنيٰ وارن لفظن جا جوڙا ملايو.**

| (A) | (B) |
|---|---|
| 1. مفيد | 1. سات |
| 2) ماڳ | 2. سوڪڙي |
| 3) نعمت | 3. رستو |
| 4) صحبت | 4. فائديمند |

## مشغولي - 1

**سبق پڙهي عملي ڪم پورو ڪريو.**

**(1) هيٺيان جملا پورا ڪريو.**

(I) وطن اُهو ٿَلهو آهي جِتي ................
(II) وطن هڪ ندي آهي جِتي ................

**(2) موتيءَ بابت چار جملا لکو.**

**(3) جوڙا ملايو.**

| | |
|---|---|
| 1. آب | 1) پيٽو |
| 2. ڪاڙو | 2) درمل |
| 3. دوا | 3) ڏمڪ |
| 4. چمڪ | 4) هوا |

**(4) بيشڪ = بي + شڪ**

اهڙي نموني 'بي' اَڳياڙي وجهي لفظ لکو.
مثال : بيوس، بي هوش

**(5) ڏنگين ۾ ڏنل هدايتن موجب جملا لکو.**

(I) قدرتي طور جسم لاءِ وطن جي هر شيءِ مفيد آهي.
(ليڪ ڏنل لفظ بدران ٻيون لفظ ڪم آڻيو)

(II) جيئن اصلي ماڳن کي ويجهو پوندو ويندو، تيئن هڪ قسم جي فرحت بخش، بيقراري طاري رهندس.
(جملا ملائي هڪ جملو لکو)

**(6) ٻن دوستن جي گُفتگُو پوري ڪريو.**

رام: مونکي ته بس، پنهنجو ئي وطن وڻندو آهي.
شيام : دوست سچ ٿو چوين، پنهنجي ديش جي مٽيءَ ۾ جا ڳالهه آهي، اُها ڪٿي به ڪانهي.
رام : ..........

(7) خاڪو پورو ڪريو.




(8) وطن سان حب جو ڪوئي مثال ڏيو.

(9) مسافريءَ ڪان موٽڻ وقت پنهنجي گهر ايندي توهان کي ڇا محسوس ٿيندو آهي؟

## وِندُر

ڪلاس جي شاگردن کي ٻِن گروپن ’الف‘ ۽ ’ب‘ ۾ ورهايو. ’الف‘ گروپ کي هڪ هڪ سِٽ ۾ لکڻ لاءِ چئو.

مثال

1) مان ڊاڪٽر ٿيڻ چاهيان ٿو.

2) مان پائلٽ ٿيڻ چاهيان ٿو.

3) مان ڪليڪٽر ٿيڻ چاهيان ٿو. وغيره.

گروپ ’ب‘ کي هڪ هڪ سِٽ لکڻ لاءِ چئو.

مثال

1) ڇاڪاڻ تہ مان ديش جي سيوا ڪرڻ چاهيان ٿو.

2) ڇاڪاڻ تہ مان پيسا ڪمائڻ چاهيان ٿو.

3) ڇاڪاڻ تہ مان وديش وڃڻ چاهيان ٿو. وغيره.

پوءِ گروپ ’الف‘ مان ڪوبہ شاگرد ۽ گروپ ’ب‘ مان ڪوبہ شاگرد گُهرائي سِٽون پڙهڻ لاءِ چوندا. ڏسندا تہ ڪلاس ۾ سڀني کي ڏاڍو مزو ايندو.

**ياد رکو کِلڻ تمام ضروري آهي.**



❖❖❖❖❖

# 10. نہ کسيو مُنهنجو خزانو

آرتوار جو ڏينهن، بلڪل فُرصت جو ڏهاڙو. پائوُ پريتمداس کي ٻيو ڪو ڪم نہ سُجهيو تہ وينو پُراڻا پوتا ڪڍي واچڻ. سوچيائين کهڙيون ڪم جون شيون رکان کهڙيون ڦِٽي ڪريان. جوءِ جا روز روز سُهما ٻُڌي پائوُ تنگ ٿي چُڪو هو. چوڻ لڳو ماڊرن سڄ سجاوت جي چڪر ۾ گهر جي ڀاتين کي منهنجي پُراڻين پر اهم چيزن لاءِ ڪيتري نہ چِڙ آهي!

’پري ٻيڙيءَ ۾ واٽيو ڳوُرو‘ سو ادا سيني جي لاءِ منهنجا ڪتاب منهنجوُن سوکڙيون، پاکڙيون، ٽرافيوُن، گفٽ آرٽيڪلس، عطر ڦليلن جون خالي شيشيوُن، بسڪوٽن جا طرحين طرحين وارا خالي ڊبا، اڪيوُن چرخ ڪندڙ بال پينين، پينسلين جا بنڊل، پينٽنگہ ڪلرن جا ٽيوُب ۽ ڊبليون، جُدا جُدا سائيز جا برش (ڇو جو ڪنهن زماني ۾ چترڪاريءَ جو شونق هئم) 20 سال جهوُني وايولن،سي.ڊي - ڊي.وي.ڊيءَ جون ڊسڪوُن، ڪئلينڊرن مان ڪنيون ڪيل الڳ الڳ تصويروُن، اسڪروُ ڊرائيور، ڪوڪا، ڪليوُن، ڪُنڊا ڪڙيون جهڙيون علحديوُن شيون شامل هيوُن.

اِن کان سواءِ پراٽيوُن واچوُن، گهڙيون گهڙيال، جهانجهہ، ڪنجريوُن سنڌ جون ڪنيون ڪيل پرت پريل ٽوپيون، صاحبلوڪي ٽوپلا (گنجي ٽپڻ کي سينگارڻ لاءِ) زري جون پٽيون، چشما، شالوُن، پکروُن، ڏياريءَ جا چٽيل ڏڪيل ڏيئا مطلب تہ هر اُها شيءِ جا نہ صرف ڏسڻ ۾ موهيندڙ هئي پر عُمدا شو پِيس هئي. اهي شيون منهنجي لاءِ ساهہ کان بہ وڌيڪ پياريوُن هيوُن. ٻڌايو تہ انهن شين کي مان ڪِن ڪچري ۾ ڪيئن ڦِٽي ڪريان؟ هڪ هڪ شيءِ منهنجي يادگيريءَ سان جُڙيل آهي. اهو منهنجي لاءِ املهہ خزانو آهي. هڪڙو اڳيئي مانڊَمَ جو مريض، ٻيو سڀ شيون مٽي ۽ دز سان پريل، ادا منهنجوُن تہ ’ٻہ ٻہ ويوُن تہ ڇهہ ٻہ ويوُن‘ ڪُڇا تہ پوندو گار جو ڏوڙيو، سو ٻيلي ’مِني ٻہ مات، مُني ٻہ مات‘ ڪٽي ڪپڙي ٽڪر وينس صفائي ڪرڻ. پنهنجي سامان جي چنڊچاڻ ڪري چمڪائي ڇڏيو.

پهريائين هڪدم ضروري ڪارائتين ۽ قيمتي شين کي سنڀالي هڪ بئگہ ۾ رکيم ۽ ٻيون جيڪي ايتريوُن ڏانو جوُن نہ هيوُن، ڪڍي ڪيم ٻاهر. چاهيان تہ اهي شيون شو پِيس ڪري پٽين تي يا گلاس جي ڪبٽن ۾ ٺاهي سينگاري رکان ها. پر ادل اُتي نِت نوان اڄڪلهہ جي اسٽائيل وارا قيمتي گفٽ پيس، ڪراڪري ۽ گُڏا گُڏيوُن اڳوات ئي پيا آهن. مان جڏو جيو، مُدي خارج پيرسن، هڪ ننڍي بستري تي پيو هوندو آهيان.

مٽي ۽ دز جي ڪري اڇي ڪنگهہ کُلي، دم ڪري سهڪو بہ ٿيو پر ’ڪُڇان جهڙي پِت.‘ صدوريءَ کي منهنجي ڪنگهڪار جو پرلاءُ پيو مائي رنيوُن ڪندي اچي ڏمري. چي، ”اڃا اهو سلهہ جو خزانو سانڍي رکو، ڦٽو تہ ڪجهہ ڪَندَءُ ڪونہ، مورڳو منهنجي لاءِ مٽي جو سوُر، هاڻي اُٿو گلئڪوڊن جا ٻہ چمچا پي وڃي آرام ڪريو.“ جواب ڇا ڏيان، ٻہ ٻُجا هٽي ڪرمن کي پنهنجو پاڻ کي گارين جو ڏوڙيو وسائڻ شروع ڪيم، ڇو ٿو سانڍيان هيءُ سچو خزانو؟ جنهنجو قدر ئِي ڪونهي اُنکي ڇو رکي وينو آهيان؟

اڃا ڦَتَ تازا تازا ئي هئا تہ صدوريءَ ٻُرڪيو لوُڻ، چيائين تہ ”ڪبٽ ۾ جيڪي توهانجي ماءُ جون جهوُنيوُن شيون جڳهہ والاري وينيون آهن اُنهن جو ڇا ٿا ڪريو؟“ ڪُجهہ ڊِرو ٿي نماڻائيءَ سان چيومانس، ”پاڳن پري، اما جو رکيل ايراني غاليچو،

امرتسري ڪمبل، شاديءَ جي منڊپ ۾ چٽيل رنگين دلڙي، ڪن جوُن ڊُريوُن ۽ نڪ جي ياقوتي نٿ اهي ڪهڙيون ٿيون تنهنجي وڏي جڳهه والارين؟ اهي اَما جي آسيس آهن، برڪت آهن.'' وڏواتي منهنجي صدوري پلا چو ٿي شانت ٿئي، اُلٽو پڙڪو ڏيئي وراٽيائين، ''ماءُ چڏي به اهو ئي ڪباڙ جو خزانو ويئي اَتوَ نه، ڪي سونا ڳهڻا، روڪڙ ته ڇڏيا ڪونه اَٿائين، اُهي ته ڏيئي ويئي پنهنجي ڌيئرن کي، باقي سڪٽين شين جي سنڀال لاءِ نوڪر ڪري ويئي اسانکي.''

دم جو دؤرو اڳيئي هو ويتر جو مليا اهي ڏنگيندڙ مهڻا سو منهنجو ته پارو ئي چڙهي ويو، نه ڪيم هم نه تم، رڙ ڪري ٻڌايومانس اُهي ست سُريوُن جو مرڻ تائين ياد رکندي. اندر جي ٻاهه ته ڪڍيم، مائي به وِسي ٿي ويئي پر منهنجو اچي دم جو دؤرو وڌيو. بس ساهه نه هيڏي نه هوڏي، سڄو بدن پگهرجي ويو. شڪل پيلي جهڙي هئڊ ٿي ويئي. هيءَ حالت ڏسي، صدوري ته ويئي وسامي، رڙ واڪا ڪري روئڻ لڳي، پُٽ کي رڙ ڪري سڏيائين، ڇورو ڊوڙندو آيو. منهنجي حالت ڏسي هوُ به ڊرو ٿي ويو.

يڪدم ڪپڙا پائي آيو، جيئن تيئن وڏئوُن ڪار ۾ ۽ وٺي آيا 'هولي فئملي اسپتال' ۾، آءِ.سي.يوُ ۾ پرتي ڪيائون، ٻه ٽي ڏينهن اها ڏڪٽي رهي ته اچ ٿو وڃا يا سُپاڻي. پر ڪُپڙيءَ ۾ ڪٽا اڃا ڪي باقي هئا.

سائينءَ جي رحمت ٿي، سوُريءَ مان ڪنڊو ٿي ويو، ست ڏينهن اسپتال ۾ رهيم، هڪ لک ويهه هزار ٻل نڪتو، گهر آياسين، اچڻ سان پڇيومانس، ''منهنجو سانڍيل سامان پل ڦٽو ڪري ڇڏيو، صدوريءَ هٿ ٻڌي چيو، ''مون ته توبهه ڪئي منهنجن وڏن جي توبهه توهانجي هر شيءِ سنڀالي رکي اَٿئوُن. وري نه ڪڏهن توهانکي ٽوڪينداسين، اهو خزانو رکيو ئي پيو هجي.

توهانجون يادگيريوُن سدا جُڙيل هُجن، پر هن اياڳيءَ کي وري ڪڏهن رِڻ ۾ رولي وڃڻ جو نه سوچجو.''

**(سنت ڪنوررام هفتيوار اجمير تان ورتل)**

## لفظن جو خزانو

ڏهاڙو = ڏينهن

ڏمرجڻ = ڪاوڙجڻ

سهما = ٺوڪ، جهٽڪون

چنڊ چاڙهڻ ڪرڻ = جاچ ڪرڻ

رِڻ ۾ رولڻ = دربدر ڪرڻ، پٽڪائڻ

ڪُپڙيءَ ۾ ڪٽا هئڻ = زندگي باقي هئڻ

مِني به مات، مُني به مات = بِلڪُل چُپ رهڻ

سوريءَ مان ڪنڊو ٿيڻ = تڪليف جو گهٽجڻ

ٻه ٻه وڃڻ ڇهه به وڃڻ = حاصل ڪيل شيءِ وڃائڻ

# اَڀياس

**سوال 1. هڪ يا ٻن سٽن ۾ جواب لکو.**

1) پريتمداس ڪنهن جا سُهما ٻُڌي تنگ ٿي چُڪو هو؟
2) پريتمداس جوُن سانديل چار شيوُن ٻُڌايو.
3) گهر وارن کي پريتمداس جي پراڻين شين لاءِ چِڙ ڇو هئي؟

**سوال 2. ٿوري ۾ جواب لکو.**

1) پراڻيوُن شيون ڦِٽي ڪرڻ تي پريتمداس جي دل ڇو نہ هئي؟
2) پريتمداس جي حالت نازڪ ڇو ٿي ويئي؟
3) جهونيوُن شيون سانڍڻ بابت پنهنجو رايو لکو.

**سوال 3. مناسب بيان لکو.**

جُملو : 1) ”اجا اهو سِلهہ جو خزانو سانديي رکو.“
ڪنهن : ..............................
ڪنهن کي : ..............................

جُملو : 2) ”اهي اَمان جي آسيس آهن.“
ڪنهن : ..............................
ڪنهن کي : ..............................

جُملو : 3) ”باقي سڪڻين شين جي سنڀال لاءِ نوڪر ڪري ويئي آسان کي.“
ڪنهن : ..............................
ڪنهن کي : ..............................

**سوال 4. جِنس بدلايو.**

ماءُ ....................
پُٽ ....................
پيڻ ....................
ڏاڙ ....................

**سوال 5. عدد بدلايو.**

شيشيون ....................
دٻو ....................
سوُڪڙي ....................
ڪوڪا ....................
ٽوپي ....................

**سوال 6. اصطلاحن جي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻيو.**

1) سوُريءَ مان ڪندو ٿيڻ.
2) ڪُپڙيءَ ۾ ڪٽا هُئڻ
3) رِڻ ۾ رولڻ
4) چند چاڙهڻ ڪرڻ
5) رنيوُن ڪرڻ

**سوال 7. هينين جون صفتون ٺاهيو.**

صفائي ....................
آرام ....................
بيهوشي ....................

## مشغولي - 1

**تڪر پڙهي عملي ڪم ڪريو.**

پهريائين هڪ دم ضروري
.......................... اُن کي ڇو رکي وينو آهيان؟

**(1) هيٺ چوڪنڊن ۾ مناسب لفظ لکو.**

اَڄڪلهہ
اِسٽائيل
واريون
شيون

(2) ڏنگين ۾ ڏنل هدايت سمجهي جُملا وري لکو.

(I) متي ۽ دز کري اَچي ڪنگهه ڪُلي.
(زمان مستقبل ۾ بدلايو)

(II) دم کري سهڪو به ٿيو.
(زمان حال ۾ بدلايو)

(III) صدوريءَ کي منهنجي ڪنگهڪار جو پرلاءُ پيو.
(ليڪ ڏنل لفظن بدران مناسب لفظ ڪم آڻي جملو وري لکو)

(IV) مورڳو منهنجي لاءِ متي جو سوُر ..............
(جملو پورو ڪريو)

(3) مثال سمجهي گولن ۾ مناسب لفظ ڀريو.




(4) خاڪو پورو ڪريو.

(I) ڪنهن چيو : پريتمداس
ڪنهنکي : پاڻ کي
بيان : ..............................

(II) ڪنهن چيو : پريتمداس جي زال
ڪنهنکي : پريتمداس کي
بيان : ..............................

(III) ڪنهن چيو : .....................
ڪنهنکي : .....................
بيان : چو ٿو سانديان سچو هيءُ خزانو

(IV) ڪنهن چيو : پريتمداس جي زال
ڪنهنکي : ..............................
بيان : منهنجي لاءِ متي جو سوُر

(5) هيٺين جملن کي هاڪاري، ناڪاري، سوالي ۽ عجبي جملن ۾ ورهايو.

1) قيمتي شين کي سنڀالي هڪ ٻئگ ۾ رکيم.
..............................................

2) چو ٿو سانديان هيءُ سچو خزانو!
..............................................

3) متي ۽ دز جي کري اچي ڪنگهه ٿي.
..............................................

4) اُن کي چو رکي وينو آهيان؟
..............................................

5) پيون جيڪي ايتري ڏانو جوُن نه هيوُن.
..............................................

(6) هيٺ ڏنل خاڪو ڀريو.

| | لفظ | معني | جملو |
|---|---|---|---|
| 1) | دز | ............ | .......................... |
| | در | ............ | .......................... |
| 2) | سوُر | ............ | .......................... |
| | سُر | ............ | .......................... |
| 3) | قدر | ............ | .......................... |
| | قادر | ............ | .......................... |
| 4) | پَرَ | ............ | .......................... |
| | پِرُ | ............ | .......................... |

(7) ڏنل چؤکنڊي مان ٻڌايو ته ڪهڙي شيءِ گهر جي وال يونٽ ۾ نه رکبي آهي؟




(8) گهر جي ڪمرن کي ڊڪ رکڻ لاءِ ڪهڙين شين جي گهرج هوندي آهي؟

(9) اوهان پنهنجي گهر ۾ رکيل پراڻين شين جي لسٽ ٺاهيو.

## اِي-ميل

اڄ جي اِن ٽيڪنيڪي زماني ۾ اِي-ميل (e-mail) جي تمام گهڻي اهميت آهي.

اِي-ميل مطلب اليڪٽرانڪ ميل. اِن رستي توهان ڪوبه نياپو، چٽر، گانا، ويڊيو ڪهڙي به ڌورانهن هنڌ ڏانهن موڪلي سگهو ٿا. ۽ عجب جي ڳالهه آهي ته اِهي سڀ سيڪنڊن ۾ پهچي وڃن ٿا.

اَسان اِي-ميل ڪيئن موڪلي سگهون ٿا؟ سڀ کان پهرياڻين اِي-ميل موڪليندڙ کي پنهنجي اِي-ميل آءِ.ڊي (e-mail-id) ٺاهڻي آهي. اُن لاءِ ڪيترائي ماڌيم آهن مثال جي-ميل، ياهوُ، ريڊف، هاٽ، پروٽان، اي.او.ايل، زوهو وغيره. اِنهن مان ڪوبه ماڌيم چونڊي، پنهنجي اِي-ميل آءِ.ڊي ٺاهي سگهجي ٿي. مثال : abc@gmail.com

پوءِ اِها سچاٽپ ڪم آٽي، اِي-ميل جو استعمال ڪري سگهجي ٿي. ياد رکو جنهن شخص ڏانهن توهان اِي-ميل موڪلڻ چاهيو ٿا اُن جي آءِ.ڊي توهان کي هئڻ گهرجي.

اِي-ميل جو نمونو :



# نظم

# 1. پيريءَ جو پريم

كمل ’پياسي‘

كمل كيولراماڻي ’پياسي‘ (جنم 1929ع) كوتائون، ڪهاڻيون ۽ مضمون لکندو رهيو آهي. مکيه طور هو شاعر طور ڄاتو ۽ سڃاتو وڃي ٿو. هن ڪويتا ۾ پيريءَ جي پريم جو بيان ڪيل آهي.

منهنجي ياد ستايو هوندءِ،
دور رهي پڇتايو هوندءِ،
منت منت کي سمجهي مهنو،
ڏينهن صديءَ جان گهاريو هوندءِ،
صحت، عمر سرير به آخر ليکو پنهنجو پڇندو،
وڏي عمر ۾ رهڻ ڏکيو آ هڪ ٻئي لاءِ اڪيلو.

پيريءَ جو آ پريم سٺائو،
هر ڪِنَ خيالن کي مڇلايو،
ويجهو ويهي هڪ ٻئي سامهون،
تو پرمايو مون مشڪايو،
وڏڙن، ٻيڙن اِنسانن ۾، اُدما ۽ احساس گهٽا،
گهنجيل چمڙي پوءِ به دل ۾ سانديل ٿن وشواس گهٽا.

وڇڙو آهي، وڇڙو پوندو،
سڏ سماج کي ڏيڻو پوندو،
رلي مِلي سيني سان هردم،
گڏ رهي ٽيڻو پوندو،
حالت آهر دل وڏيءَ سان، ڪڏهن اڪيلو گهاريندا سين،
ٻارن جي سُک سهنج جي خاطر ٻيو نه ڪجهه ويچاريندا سين.

## لفظن جو خزانو

پيرِي = ٻُڍاپو    مڇلائڻ = ڦتڪائڻ    پرمائڻ = پنيلائڻ، منجهائڻ    آهر = موجب

# اَڀياس

سوال 1. هڪ جملي ۾ جواب لکو.

1) ڏينهن جي ڪنهن سان ڀيٽ ڪيل آهي؟
2) ڪهڙو پريم سٽائو آهي؟
3) شاعر ڪنهن کي سڏ ڏنو آهي؟

سوال 2. خال ڀريو.

1) منهنجي .................. ستايو هونديءَ.
2) تو ............. مون مشڪايو.
3) ............. سماج کي ڏيڍو پوندو.

سوال 3. ٿوري ۾ جواب لکو.

1) شاعر وڏي عمر لاءِ ڇا چيو آهي؟
2) احساس ۽ وشواس گهٽا ڪنهن ۾ هوندا آهن؟
3) گڏ ٽيڪ مان ڪهڙا فائدا آهن؟

سوال 4. سِٽون پوريون ڪريو.

1) صحت، عمر ..............................
2) وڏڙن، ٻيڙن ..............................
3) حالت آهر ..............................

سوال 5. بيت جي پرک ڏنل مُدن مُوجب ڪريو. (ڪي به چار مُدا لکو)

1. بيت جو نالو ........................
2. شاعر جو نالو ........................
3. وشيہ ........................
4. وٽندڙ سٽون ........................
5. هم آوازي لفظن جا مثال ........................
6. سنديش ........................
7. شاعر بابت ........................

## مَشغوُلِي - 1

شعر بند پڙهي عملي ڪم ڪريو.

منهنجي ياد ....................... هڪ ٻئي لاءِ اڪيلو

1) هيٺ ڏنل خاڪو پورو ڪريو.




2) وڌندڙ سِلسِلي ۾ لفظ ڳاهي لکو.

(I) صدي ...........................
(II) منٽ ...........................
(III) ڏينهن ...........................
(IV) مهينو ...........................

3) هڪ سٽ ۾ جواب لکو.

1. منٽ - منٽ لاءِ ڇا چيل آهي؟
2. ڪير پنهنجو ليکو پُڇندو آهي؟
3. هڪ سؤ سالن جي عرصي کي ڇا چئبو آهي؟
4. شاعر لاءِ وڏي عمر ۾ رهڻ ڏُکيو ڇو آهي؟

4) وڏي عُمر ۾ ماڻهوءَ کي ڪيئن جيئڻ گهرجي؟

(5) ’سرير‘ لفظ ۾ س، ر، ي، ر اکر سمايل آهن. اِنهن اکرن مان لفظ ٺاهي هيٺ جملن ۾ خال پريو.

1. مان ڪالهه هڪ .................. صوف آندا.
2. ٻين جي .............. نه ڪريو.
3. مونکي ته اَنب جي ................ وڻندي آهي.
4. وڻشالي ته سدا .............. جي سور جو ٻهانو ڪندي آهي.

(6) اڪيلي رهڻ بابت پنهنجا ويچار لکو.

(7) ’پ‘ سان شروع ٿيندڙ ڪي ٻه ٽي لفظ لکو.

(8) اڄڪلهه ٻڍا آشرم ڇو وڌي رهيا آهن؟

## مشغولي - 2

بيت جون سِٽون پڙهي عملي ڪم پورو ڪريو.

1. ماٺِ ۾ گلشن ٽڙي ۽ ماٺِ ۾ گُل ڦل ڪلي،
آ اِها چوٽي چوڪي جا ماٺِ ۾ محفل هلي.

2. ٿي ماٺِ ۾ ڌرتي هلي، ماٺِ ۾ سِجُ چنڊُ ڦرن،
ٿا ٻنا آواز جي، قانوُن قدرت جا ڇُرن.

3. تو ماٺِ ۾ مالڪ هلي، ماٺِ ۾ ڪَرِ بندگي،
هُلَ هنگامي کان پري، ڪاٽِ پنهنجي زندگي.

(1) هڪ سٽ ۾ جواب لکو.

(I) بيت لاءِ نهڪندڙ سرو ڏيو.
(II) ڇا کان پري رهڻ گهرجي؟
(III) بندگي ڪيئن ڪرڻ کپي؟
(IV) ڪهڙي چوٽي چوڪي آهي؟

(2) گولن ۾ مناسب لفظ پريو.

(I) آسماني جسم -
(II) باغاتي جسم -

(3) ڏنگين مان صحيح جواب ڳولهي خال پريو.

(I) قانون، قدرت، ..................
(قلم، ڪسارو)

(II) ماٺِ، محفل، ..................
(چغلي، مُشڪ)

(III) چوٽي، چوڪي، ..................
(چهرو، پهاڪو)

(IV) هُل، هنگامو، ..................
(گوڙُ، هوڏ)

(4) ’ماٺ‘ مان ڪهڙا فائدا آهن؟

(5) گول مان ’ماٺِ‘ سان لاڳاپو رکندڙ لفظ ڳولهيو.

ڇُپ، گوڙُ، آواز، ٻکيڙو،
سانتِ، ڏاڍو، خاموشي،
ٺاپُرَ، تيز، ڏيرج، هنگامو،
غصو، سَنِ، صبر، سناٽو،
ٻائيتال، ماٺار، آرام.

❖❖❖❖❖

# 2. ساميءَ جا سلوڪ

سامي چينراءِ لنڊ

چينراءِ لنڊ ’سامي‘ جو جنم شڪارپور (سنڌ) ۾ سن 1843ع ۾ ٿيو ۽ 107 ورهين ۾ سنساري چولو ڇڏيائين. ’ساميءَ جا سلوڪ‘ پستڪ، سنڌين جو املهه آتمڪ خزانو آهي.

سارو جڳ انڌو، ٿيو مايا جي موهه ۾
وڃي ويٺا پاڻ کي، ٻنا سمجهه سنڌو،
ڪو عاشق چڙهيو اچ تي، جاڻي ڌوڙ ڌنڌو،
واري ڪپٽ ڪنڌو، سامي مليو سروپ سان.

ڇريا سي ڇپئجن، جي مرم نه رکن من ۾
ڳالهيون ويدن جون ٻڌي، در در ٻڪ ٻڪن،
نانا جُڳتن سان ڪري، ڊپ درشتانت ڏين.
سامي ڪين ڏسن، جاڳي جوت سروپ کي.

پاري ۾ پاڻي، ٿيئن وياپڪ وسي سڀ ۾
سوڪم سنڌ پرين، جي، ڪنهن جاڻائي جاڻي،
سامي سماڻي، تنهنجي سرت سروپ ۾

جوڳي سنياسي، بيراڳي، پانڊڙ گهڻا،
نانا بيکہ جڳت ۾، سيوڙا، اُداسي،
تنين ۾ ڪو هڪڙو، درسن جو پياسي،
جنهنجو ڦند ڦاسي، سامي ڪٽيو ست گروءَ.

## لفظن جو خزانو

سنڌو = حد | اَڇ = نرملتا | ڇاڱائي = ڇاڱو | سُرتِ = هوش
ڪپت = ڳُهرج | ڪنڌو = حساب | بيک = ويسڌاري
مَرمُ = درد | نانا = انيڪ | سيوڙا = جين مت جي ساڌن جو هڪ قسم
دِرشٽانت = مثال | وياپڪ = سمايل

## اَڀياس

**سوال 1. هڪ جملي ۾ جواب لکو.**

1) سارو جڳ انڌو ڪيئن ٿيو؟
2) شاعر ڪنهن کي چريو چيو آهي؟
3) ڪيرُ هرهنڌ وياپڪ رهي ٿو؟
4) ڪيرُ درشن جو پياسي آهي؟

**سوال 2. سِٽون پوريون ڪريو.**

1) ڳالهيون ويدن ..................................
2) پاري ۾ پاڻي ..................................
3) تنيِن ۾ ڪو هڪڙو ..............................

**سوال 3. خال ڀريو.**

1) ڪو ................ چڙهيو اَڇ تي، ڇاڱي ڏوڙ ڏنڌو.
2) چريا سي چئجن،
جي ................. نہ رکن مَن ۾.
3) پاري ۾ ........... تيئن وياپڪ وسي سڀ ۾.
4) جوڳي، سنياسي، بيراڳي، ................... ڳهٽا.

**سوال 4. ٿوري ۾ جواب لکو.**

1) سامي صاحب مايا بابت ڇا چيو آهي؟
2) شاعر گياني ماڻهن لاءِ ڇا ٿو ٻڌائي؟

## مشغولي - 1

**شعر بند پڙهي عملي ڪم ڪريو.**

سارو جڳ انڌو .................... جوت سروپ ڪي.

1) **هيٺيان جملا پورا ڪريو.**

(I) واري ڪپت ڪنڌو ........................
(II) چريا سي چئجن ........................
(III) وجهي وينا پاڻ کي ........................

2) **سٽن جو نثري روپ لکو.**

(I) سارو جڳ انڌو، ٿيو مايا جي موه ۾
(II) چريا سي چئجن، جي مرم نہ رکن من ۾

3) **هڪ لفظ ۾ جواب ڏيو.**

(I) ڪايا جو هم آوازي لفظ =
(II) سنسار جو ساڳيءَ معنيٰ وارو لفظ =
(III) شاعر جو نالو =
(IV) 'سياڻو' لفظ جو ضد =

4) لاڳاپو رکندڙ سٽون ڳولهي لکو.

(I) وڏن ڳرنٿن جون ڳالهيون ٻُڌي اجايو ڳالهائن ٿا.

(II) سچو سنسار پيسي جي چار ۾ ڦاٿو.

5) سروپ سان ملڻ لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟

6) جڳت ۾ الڳ الڳ ويس وڳا ڌارڻ ڪندڙن جا ڪهڙا نالا ڏنا ويا آهن؟

7) 'پاري ۾ پاڻي' چئي سامي صاحب ڪهڙي ڳالهه سمجهائي آهي؟

## وڌيڪ ڄاڻ

سنڌي ادب ۾ ساميءَ جا سلوڪ پنهنجي هڪ الڳ هستي رکن ٿا. 'ساميءَ جا سلوڪ' عنوان سان ڪيترائي ڪتاب لکيل آهن.

1. ساميءَ جا سلوڪ - يوجراج ناگراڻي
2. سامي - ليکراج 'عزيز'
3. شاهه-سچل-سامي - محمد ابراهيم جويو
4. سامي هڪ ويدانتي شاعر - ڊاڪٽر وندنا رامواڻي




❖❖❖❖❖

# 3. سُهڻي تُنهنجي سونهن

لڪشمڻ دُبي

شري لڪشمڻ اَمرومل دُبي جو جنم 15 مارچ سنہ 1942ع تي سنڌ ۾ ٿيو. هن صاحب سنڌي ۽ هنديءَ ۾ ڪيترائي سُهڻا ڪوتا سنگره ڏنا آهن. سندس ڪتابن ۾ مکيہ آهن 'اَت ئي پهر اُباٽڪو' ۽ 'اجا ياد آهي' جنهن تي مرڪزي ساهتيہ اڪادميءَ جو اِنعام مليل اَٿس. هنديءَ ۾ بہ تي غزل سنگرهہ ڇپيل اَٿس.

سُهڻي تُنهنجي سونهن جي سامهون لفظ بڻيا لاچار اجايا!
تون مرڪين مان مري وڃان شل، سڀ منهنجا اشعار اَجايا!

مور نہ مونسان ملي سگهيس مان اُلجهي - اُلجهي آياسن ۾
جڳن - جڳن کان جنڊڙيءَ جوتيا وهمن جا واپار اجايا!

او پرمتڙا! پاڻُ پسي ڏس، پنهنجو مت ڪجهہ ڪونہ اٿئہ!
سونهن سنڌءُ جي ڏسي سگهين تون، پو هي سڀ سينگار اجايا!

ڪو وِرلو ئي ويراڳي آ، من ماري جنهن مات ڪيو!
توبن ۽ تلوارن جهڙا من سامهون هٿيار اجايا!

جي دل ۾ ٿئي اُلفت اونهي، ويچو پڻ ڪجهہ رکجانءِ يار
ڪيسين تون قربن ۾ ڪُسجي سهندين پيو آزار اجايا!

جي هوندو گهر خالي تُنهنجو ڪوبہ اچي والاريندو،
'لڪشمڻ' جي هن خالي من ۾ وينا هي ويچار اجايا!

## لفظن جو خزانو

اشعار = 'شعر' لفظ جو جمع
آزار = مُصيبت
ويڇو = فرق
اونهو = ڳَهرو
آيِاس = احساس
پَرمتڙيو = ٻئي جي چئي تي هلندڙ
مَنُ ماري مات ڪرڻ = نفس کي قابو ڪرڻ

## اَڀياس

سوال 1. هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو.

1) شاعر، پرمتڙئي کي ڇا ٿو چوي؟
2) شاعر ويڇو رکڻ لاءِ ڇا چيو آهي؟

سوال 2. سِٽون پوريون ڪريو.

1) مُوڙ نہ مون سان ...................... واپار اجايا
2) ڪو ورلو ٿي ...................... هٿيار اجايا
3) جي هوندو گهر خالي ............ ويچار اجايا

سوال 3. خال ڀريو.

1) تون ...................... مان مري وڃان شل،
سڀ منهنجا اشعار اجايا.
2) سونهن سنڌ جي ڏسي سڳهين تون،
پو هي سڀ ...................... اجايا.
3) ڪيسين تون قربن ۾ ...........................
سهندين پيو آزار اَجايا.

سوال 4. 'سُهڻي تُنهنجي سونهن' ڪوتا جو تاتپرج لکو.

## مشغولي

شعر بند پڙهي عملي ڪم ڪريو.

ڪو ورلو ٿي ويراڳي آ ................................
................................ وينا هي ويچار اجايا.

(1) سمجهايو.

جي دل ۾ ٿئي اُلفت اونهي،
ويڇو پڻ ڪجھ رکجئن يار.

(2) ڏنگين مان هم آواز لفظ چونڊي خال ڀريو.

(I) دل ...................... (مغز، مِل)
(II) اجايو .................. (بيڪار، سجايو)
(III) يار ...................... (دوست، ڪار)
(IV) من ...................... (دل، تن)

(3) ليڪ ڏنل لفظن بدران گول مان مناسب لفظ چونڊي جملا وري لکو.

ڳهري، مشڪل، تڪليفون
مفاصلو، پيار

(I) ويڇو پڻ ڪجھ رکجئن يار.
(II) سهندين پيو آزار اجايا.
(III) ڪيسين تون قرب ۾.
(IV) ٿئي اُلفت اونهي.

(4) ’مؤر نہ مون سان مِلي سگھيس مان‘ جو مطلب بيت جي آڌار تي وستار سان سمجھايو.

(5) ’خالي گھر‘ ۽ ’خالي من‘ لکندي شاعر ڇا ٿو چوڻ چاهي؟

(6) ’توبون ۽ تلوارون‘ پُراڻن هٿيارن جا نالا آهن. اڄڪلھ ڪم ايندڙ ٻن جديد هٿيارن جا نالا لکو.

(7) بيت ۾ ڪم آندل ’سينگار‘ لفظ جا ٻہ هم آوازي لفظ ڳولهي لکو.

(8) هيٺ ڏنل خاڪو پورو ڪريو.

| سوال | جواب 1 | جواب 2 |
|---|---|---|
| 1. هٿيارن جا قسم | .................................. | .................................. |
| 2. ’اُ‘ سان شروع ٿيندڙ لفظ | .................................. | .................................. |
| 3. ’پيار‘ جا ساڳي معني وارا لفظ | .................................. | .................................. |
| 4. ٻہ دفعا ڪم آندل ساڳيو لفظ | .................................. | .................................. |



# 4. غزل

هوندراج ’دکايل‘

هوندراج ’دُکايل‘ (1910-2003ع) مشهور شاعر ڪشنچند ’بيوس‘ جي شاگردن مان هڪ آهي. هُن جو سمورو ڪلام ’سنگيت اَنجلي‘ مجموعي ۾ گڏ ڪيل آهي. هن کي دهلي سنڌي اڪادميءَ طرفان 2003ع ۾ ٻارهن لک روپين وارو ملينيم اوارڊ ڏنو ويو هو.

هوائن ۾ هلچل مچائي سگهان ٿو،
ٿي طوفان جڳ کي هِلائي سگهان ٿو!

جدا ڪين مونکان ذرو برق بجلي،
پهاڙن کي تائي تپائي سگهان ٿو!

ڪرڻ لاءِ بيابان کي خود خيابان،
بنا آب، بادل وسائي سگهان ٿو!

نه اهڙي ڪا حڪمت ڳجهي آهه مونکان،
جو چاهيان ڪري ۽ ڪرائي سگهان ٿو!

مدار آ اَمن-جنگ جو ڪل ئي مونتي،
دنيا کي رکي، مان بچائي سگهان ٿو!

هي خفقان گرهن جو باطل ڀڄائي،
سچائيءَ جو جلوو پسائي سگهان ٿو!

دکايل! رکي هٿ جي هوُ مونتي تورو،
زماني ۾ واڄٽ وڃائي سگهان ٿو!

## لفظن جو خزانو

هلچل = تحريڪ
تائِڙُ تپائڻ = رِجائڻ
بيابانُ = رڻ پٽ
برق = بجلي
خيابان = ساوڪ
اَمنُ = شانتي
خفقانُ = سؤداءُ
باطُل = ڪُوڙُ
واجٽ وڄائڻ = وڏو ڪم ڪرڻ
جلوو = جهلڪ

## اَڀياس

**سوال 1. هيٺين سوالن جا جواب هڪ جملي ۾ لکو.**

1) شاعر جڳ کي ڪيئن هِلائي سگهي ٿو؟
2) ڪوي بيابان کي ڇا ٿو ڪرڻ چاهي؟
3) شاعر پنهنجي مٿان ڪهڙي ذميواري کڻي ٿو؟

**سوال 2. ٿوري ۾ جواب لکو.**

1) گرهن جي خفقان بابت ڇا چيو ويو آهي؟
2) 'نه اهڙي ڪا حڪمت' ان سٽ جي سمجهاڻي ڏيو.
3) شاعر ڪيئن واجٽ وڄائڻ ٿو چاهي؟

**سوال 3. خال ڀريو.**

1) ................ ۾ هلچل مچائي سگهان ٿو.
2) بنا آب، .................. وسائي سگهان ٿو.
3) سچائيءَ جو .............. پسائي سگهان ٿو!

**سوال 4. سِٽون پوريون ڪريو.**

1) جُدا ڪين مونکان ....................
2) نه اهڙي ڪا ....................
3) هي خفقان ....................

## مشغولي - 1

**هيٺ ڏنل شعر بند پڙهي عملي ڪم ڪريو.**

ڪرڻ لاءِ بيابان ....................................
مان بچائي سگهان ٿو!

1. **هيٺ ڏنل بيانن سان واسطو رکندڙ سٽون چونڊي لکو.**

(I) منهنجي اِڇا شڪتي مضبوط آهي.
(II) سنسار جو مان ئي رکوالو آهيان.
(III) بنا لفظن ليک لکي سگهان ٿو.
(IV) سوڪ ۾ ساوڪ آڻي سگهان ٿو.

2. **اُبتڙ معنيٰ وارا لفظ گولن ۾ ڀريو.**



3. **'حڪمت' لفظ جا اکر اِستعمال ڪري نوان لفظ ٺاهي سگهجن ٿا.**

چوکنڊي ۾ صحيح لفظ لاءِ ✓ ۽ غلط لفظ لاءِ ✗ ڏيو.

| | |
|---|---|
| مت | حڪ |
| ڪم | ڪمت |
| حَت | تحق |
| مُڪ | تم |

4. سِت سمجھايو.
بِنا آب، بادل وسائي سگھان ٿو.

5. شاعر ۾ ڪھڙي حڪمت آھي؟

6. اَمن - جنگ جو ڪُل مدار ھُئڻ سبب ڪوي ڇا ٿو ڪرڻ چاھي؟

7. توھان ھمت سان ڪھڙا ناممڪن ڪم ممڪن بڻائي سگھو ٿا؟

## مشغولي - 2

1. خال ڀريو.

(1) بِنا گُلن ................ ٺاھي سگھان ٿو.
(مالھا، مورت)

(2) بِنا ٻجن ................ پوکي سگھان ٿو.
(ٻوٽا، کيتي)

(3) بِنا پَرن ..................... سگھان ٿو.
(ڊوڙي، اُڏامي)

(4) بِنا رنگن چتر ................. سگھان ٿو.
(رنگي، چِٽي)

## وڏيڪ ڄاڻ

(1) اَسان جي اَندر جيڪڏھن اِڇا شڪتي آھي تہ اَسين ناممڪن کي بہ مُمڪن بڻائي سگھون ٿا. اچو تہ اھڙن ڪجھ واقعن مان ڪجھ سمجھون.

1. ڊِواڪر شرما کي توھان سڃاڻيندا ھوندا. ھُن ٽيليويزن تي گيت ڳائي عوام جي دل جيتي آھي. ننڍي ھوندي ڪان ئي سندس اکين ۾ اونداھي اچڻ لڳي ۽ وڌندي سؤ سيڪڙو ڌائين پھتي. پر ڊِواڪر ھماليہ جيان اٽل اِرادو رکندڙ ھو.
CBSE جي ٻارھين درجي جي ميرٽ لسٽ ۾ اَچي ثابت ڪيو تہ اسان جي شرير ۾ پل کو نقص بہ ھجي، پوءِ بہ ايمانداري ۽ مضبوط قوت اِرادي سان ڪاميابي ماٺي سگھجي ٿي.
اھڙا ٻيا بہ انيڪ مثال اوھان کي انٽرنيٽ تي ملي سگھن ٿا.

2. ’ڪي سڌاڪرن‘ اُتر ڪيرل ۾ ڪنھنگڙ شھر ۾ ھڪ ننڍڙو لاٽريءَ جو دوڪان آھي. ھن کي ھڪ ڏينھن ڪنھن گراھڪ فون ڪري ڏھ لاٽريون رکڻ لاءِ چيو. ان ڏينھن سڌاڪر ڏٺو تہ اُنھن مان ھڪ ۾ ھڪ ڪروڙ روپيہ نڪتا ھئا.
سُڌاڪر اُن گراھڪ کي فون ڪري گھرايو ۽ کيس اھا خوشخبري ٻڌائي! جيڪڏھن ھوُ چاھي ھا تہ پاڻ اُھي ھڪ ڪروڙ روپيہ لمائي سگھي ھا ۽ ان گراھڪ کي ڪا خبر بہ ڪونہ پوي ھا!

https://www.thebetterindia.com

# 5. ڪِپي ٽِپي

گووردَن شرما ’گهايل‘

گووردَن شرما ’گهايل‘ اَسي سالن جو جوان شاعر ۽ ٻولي، ادب ۽ ثقافت جو خدمتگار آهي. بطور تعليمدان، اديب، پترڪار ۽ ڪلاڪار نالو ڪڍيو اٿس. سنڌي ۽ هنديءَ ۾ ڪيترائي ڪتاب هن جي نالي سان جُڙيل آهن. هن کي سرڪاري ۽ غير سرڪاري انعام اڪرام بہ عطا ٿيل آهن.

جنهن زندگيءَ ۾ سُک پيي، دُک پيي ھُجن هزارين
مونکي تہ هر جنم ۾، سا زندگي ڪپي ٽپي.

دنيا ۾ روشنيءَ جي، ڪا ڪوتِ ناهي ليڪن،
دل کي ڪري جا روشن، سا روشني ڪپي ٽپي.

ڪيئي لکيا تو شاعر! اَفسانہ عشق جا پر،
قومي خيال واري، اَڄ شاعري ڪپي ٽپي.

جنهنجو نہ واسطو ڪو، هن جسم سان رهي پر،
رِيجهائي روح کي جا، سا عاشقي ڪپي ٽپي.

ياري اُها ڪپي جا، هر راز کي سنڀالي،
جنهن تان وڃان مان صدقي، سا دوستي ڪپي ٽپي.

ستڪرم تي هلي جا، اِنصاف کي نہ ڪُچلي،
سا زندگي ڪپي ٽپي، سا زندگي ڪپي ٽپي.

جا ساٿ زندگيءَ پر، مونسان نباهي ’گهايل‘
اهڙي ڪا هر خيالِ ۾ هڪ ساهڙي ڪپي ٽپي.

## لفظن جو خزانو

قومي = ديش سان لاڳاپو رکندڙ | روح = آتما | صدقي = قربان | نڀاهڻ = پورو ڪرڻ
ريجهائي = خوش رکي | راز = ڳُجهه | ستڪرم = سُٺن ڪمن

## اَڀياس

**سوال 1. هڪ جملي ۾ جواب لکو.**

1) شاعر کي هر جنم ۾ ڪهڙي زندگي کپي؟
2) ياري ڇا سنڀاليندي آهي؟
3) 'کپي ٿي' لفظ ڪيترا ڀيرا ڪم آندل آهي؟

**سوال 2. خال ڀريو.**

1) جنهن زندگيءَ ۾ سُک پيي، ................ هُجن هزارين.
2) دل کي ڪري جا ................ سا روشني کپي ٿي.
3) ستڪرم تي هلي جا ................ ڪي نه ڪُڇلي.
4) ................ روح کي جا، سا عاشقي کپي ٿي.

**سوال 3. سِٽون پوريون ڪريو.**

1) ڪيئي لِکيا تو ................................
2) جنهنجو نه ................................

**سوال 4. هن ڪويتا ۾ شاعر ڪهڙين سناين ڏانهن ڌيان ڇڪايو آهي؟**

## مشغولي - 1

**شعر بند پڙهي عملي ڪم پورو ڪريو.**

جنهنجو نه واسطو ڪو ........................
سا زندگي کپي ٿي.

**1. سٽن مان مناسب لفظ ڳولهي جواب لکو.**

(I) 'بندگيءَ' جو هم آوازي لفظ - ........................
(II) 'دشمني' جو ضد - ........................
(III) 'آتما' لاءِ ٻيو لفظ - ........................
(IV) 'دوستي' لاءِ ٻيو لفظ - ........................

**2. 'ستڪرم' ۾ 'ست' لفظ اَڳياڙي آهي. اهڙي** نموني هيٺ ڏنل چوڪنڊي مان اُهي لفظ ڳولهيو جن ۾'ست' اَڳياڙي لڳائي سگهجي ٿي.

ڪار، مارگ، واه، رنگي،
ڏکيو، سنگ،
گُرو، راه، ساه

**3. هيٺ ڳول مان مناسب لفظ ڳولهي خال ڀريو.**

عاشقي
ياري، زندگي
دوستي

1) ڳجهن کي سنڀاليندڙ .................... جي ضرورت آهي.
2) ستڪرم تي هلندڙ ................ گهرجي.
3) روح کي خوش ڪندڙ ................ کپي.
4) ................ تي صدقي وڃان.

4. بيت جي ڏنل سٽن جي هيٺين مُدن موجب اوڪ ڊوڪ ڪريو.

1) بيت جو نالو ..........................

2) شاعر جو نالو ..........................

3) وڏندڙ سٽ ..........................

4) سَتڪرم تي هلي جا، اِنصاف ڪي نہ ڪُڇلي'
ست جي معنيٰ سمجهايو.

..........................

5. ليڪ ڏنل لفظ بدران برئڪيٽ مان مناسب لفظ ڪم آڻي جملو وري لکو.

1) ريجهائي روح کي جا
(سرير، آتما، اِنسان)

2) ياري اُها ڪيي جا
(دشمني، پيار، دوستي)

3) هر راز کي سنپالي
(ڳنڍي، ڳُجهہ، شيءِ)

4) جنهن تان وڃان مان صدقي
(جان، خوش، قربان)

6. هيٺ ڏنل ڪرمن مان ستڪرم ڳولهي لکو.

1) غريب دوست لاءِ پڪنڪ جا پئسا ڀرڻ.

2) پکين جو آکيڙو ڊاهڻ.

3) ٻڍا آشرم ۾ ٻُڍن سان وڃي روح رهاڻ ڪرڻ.

4) نوڪرياڻيءَ کي ٽائيم تي نہ اچڻ ڪري گهٽ وڌ ڳالهائڻ.

5) دِويانگ ٻار کي چيڙائڻ.

6) زخمي ٻليءَ جي دوا درمل ڪرڻ.

❖❖❖❖❖

# 6. ڪو ڪيئن چوي

سچل سائين

سچل سائين (1829-1739ع) جو اصل نالو عبدالوهاب هئو. هن جو جنم خيرپور رياست جي ڳوٺ درازن ۾ ٿيو. هڪ دفعي شاه عبداللطيف جو درازن ۾ اچڻ ٿيو، تہ هُن ٻانڀڙا پائيندڙ ٻار کي ڏسندي ئي چيو تہ ”اسان جيڪو ڪُنو چاڙهيو آهي، اُن جو ڍڪڻ هيءُ نينگر لاهيندو.“ موجوده ڪافيءَ ۾ سچل سائين چوي ٿو تہ ڪو ڪيئن چوي ڪو ڪيئن چوي، آءُ جو ئي آهيان سو ئي آهيان.

ڪو ڪيئن چوي ڪو ڪيئن چوي
آءُ جو ئي آهيان سو ئي آهيان.

1. ڪو پنت چوي ڪو سنت چوي
ڪو باغ بهار بسنت چوي
ڪو ميراثي ڪُلونت چوي
آءُ جو ئي آهيان سوئي آهيان.

2. ڪو مُلان چوي ڪو قاضي چوي
ڪو مفتي چوي ڪو غازي چوي
ڪو روزه دار نمازي چوي
آءُ جوئي آهيان سوئي آهيان.

3. ڪو صورت ۾ اِنسان چوي
ڪو شِر پريو شيطان چوي
ڪو بزرگ ڪو مستان چوي
آءُ جوئي آهيان سوئي آهيان.

4. ڪو حالي چوي ڪو قالي چوي
ڪو خاص الخاص خيالي چوي
ڪو ازلي مست موالي چوي
آءُ جوئي آهيان سوئي آهيان.

5. ڪو خاص چوي ڪو عام چوي
ڪو پختو چوي ڪو خام چوي
ڪو ’سچوُ‘ سچو نام چوي
آءُ جوئي آهيان سوئي آهيان.

## لفظن جو خزانو

پنت = پنڊت
ڪُلونت = خانداني
مُفتي = قانون ٻڌائيندڙ
اَزل = ڪائنات جي شروعات

ميراثي = ڳائڪ
قاضي = جَجُ
قالي = ڳياني
ملنگ = درويش

روزه دار = روزو رکندڙ
نمازي = نماز پڙهندڙ
سُرڪرڻ = برابري ڪرڻ
غازي = جيت حاصل ڪندڙ
خاص الخاص = وڏي خاصيت رکندڙ

## اَڀياس

سوال 1. هڪ جملي ۾ جواب لکو.

1) سچل سائين پاڻ بابت ڇا چيو آهي؟
2) ميراثي ڪُلونت ڇا ڪندا آهن؟

سوال 2. ڏنل سِٽن جي سمجهاڻي لکو.

1) ڪو پنت چوي ................ ڪلونت چوي.
2) ڪو صورت ۾ ................... مستان چوي.
3) ڪو حالي ....................... موالي چوي.

سوال 3. خال ڀريو.

1) ڪو ............... ڪلونت چوي.
2) ڪو صورت ۾ ............... چوي.
3) ڪو مفتي چوي ڪو ............... چوي.

(2) گول مان مناسب لفظ چونڊي هم آوازي لفظ پورا ڪريو.

انُتُ ماضي
لوئي
جسونت رسونتي

(I) پنت، سنت ......................
(II) قاضي، غازي ......................
(III) جوئي، سوئي ......................
(IV) بسنت، ڪلونت ......................

(3) ’آءٌ جوئي آهيان سوئي آهيان‘ ڪوتا ۾ شاعر ڇاتو چوڻ چاهي؟

## مشغولي - 1

ڏنل شعر پڙهي عملي ڪم ڪريو.

ڪو پنت چوي ...................... نمازي چوي.

(1) هڪ لفظ ۾ جواب لکو.

(I) فيصلو ڪندڙ -
(II) خانداني -
(III) پنڊت -

## مشغولي - 2

ڏنل سِٽون پوريون ڪريو.

(I) ڪو راجا چوي ڪو ................. چوي.
(II) ڪو دشمن چوي ڪو ............... چوي.
(III) ڪو سُکي چوي ڪو .................. چوي.
(IV) ڪو نندو چوي ڪو .................. چوي.
ڪو پنت چوي ........................ سوئي آهيان.

(4) ڏنل بيت جي سٽن ۾ ’ت‘ پڇاڙي وارا لفظ گهڻا آهن؟

(5) ڏنل بيت جي سٽن ۾ ’چوي‘ لفظ گهڻا دفعا آيل آهي؟

# اَدب

# ٻولي ۽ ناٽڪ

## سنڌي ٻولي

سنڌي ٻولي تمام قديم ٻولي آهي. سنڌو نديءَ تي رهندڙ ماڻهو خاص اِها ٻولي دل سان ڳالهائيندا هئا. وقت گذرندي سنڌ تي ڪيترن ئي غير سنڌي قومن عرب ارغون، مُغل، انگريز وغيره حڪومتون ڪيون تنهن ڪري عربي، فارسي ۽ انگريزي ٻوليءَ جو سنڌي ٻولي مٿان ڪافي اَثر ٿيو. جڏهن سنڌ سن 1843 ع ۾ اَنگريزن جي قبضي هيٺ آئي تہ سنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري ٻولي تسليم ڪيو ويو.

سنڌي سڀيتا ساري سماج جي گڏيل زندگيءَ جي ريت آهي. هڪ پيڙهيءَ کان ٻي پيڙهي کي حاصل ڪيل اُن ريت کي سڀيتا چئجي ٿو. سڀيتا جي سڃاڻپ جا تتو آهن لوڪن جا ويس، وڳا، زيور، سجاوٽ، وهنوار، واڻي ۽ ويساهہ. رواج، ريتيون ۽ رسمون، ناچ، گيت، چتر، هنر ۽ ڪاريگري.

سنڌي سڀيتا پراچين ڪال کان وٺي هڪ اُسريل ۽ شاهوڪار سڀيتا مڃي ويندي آهي.

## سنڌي اَدب

ادب جو سڌو واسطو ٻوليءَ سان آهي. سونهاري سنڌي ٻوليءَ جو ادب بہ مالدار آهي.

اَدب جا ٻہ روپ آهن. هڪ تخليقي روپ جنهن ۾ ڪويتا، ڪهاڻي، ناول، ناٽڪ، مضمون وغيره اَچي وڃن ٿا. ٻيو آهي تحقيقي روپ جنهن ۾ اَدب جي اُصولن ۽ اُنجي ٻين اِسمن بابت چند ڇاڙ ڪئي ويندي آهي. اَدب جي اِن روپ کي تنقيد چئجي ٿو.

**تخليقي روپ** کي ٻن ڀاڱن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. نثر ۽ نظم. نثر ۾ ليک، ڪهاڻيون، ناٽڪ، ناول وغيره اَچي وڃن ٿا. نظم ۾ بيت، گيت، ڏوهيڙا، لاڏا، ترائيل، غزل، پنجڙا وغيره اَچي وڃن ٿا.

## سنڌي اَدب جا دؤر

سنڌي اَدب جا ٽي دور ليکيا وڃن ٿا.

(1 **اوائلي دؤر (712-1522ع)** : اَوائلي دؤر جو پهريون ڀاڱو سن 712ع يا اُن کان ٿورو اڳہ شروع ٿئي ٿو. اِهو دؤر سن 1050ع جي آسپاس ختم ٿئي ٿو. سن 1050ع ۾ عرب صوبيدارن کان واڳ سنڌي سومرن جي هٿ ۾ آئي. ٻيو ڀاڱو سن 1050 کان 1350ع تائين آهي. جڏهن سنڌ ۾ سمن ۽ سومرن جو راڄ هو. اِنهن ٻنهي جي گڏيل راڄ کي ديسي راڄ چوندا هئا. اِن دؤر جي پڇاڙي سن 1522ع ۾ ٿي جڏهن سنڌ تي حملاور شاهہ بيگہ ارغون جو مؤت ٿيو ۽ سندس پُٽ شاهہ حسين سڀ کان آخرين سمي حاڪم جام فيرو کي پوريءَ طرح هارائي سنڌ تي قبضو ڪيو. اِن ريت ٽيون ڀاڱو سن 1350ع کان 1522ع تائين هليو.

(2 **وچون دؤر (1522-1843ع)** : سنڌي اَدب جو وچون دؤر سن 1522ع کان 1843ع تائين آهي جڏهن اَنگريزن سنڌ فتح ڪئي. اِن دؤر ۾ سنڌ جا حاڪم ارغون، ترخان، مغل، ڪلهوڙا ۽ ٽالپر هئا.
سن 1843ع کان اڳہ سنڌ ۽ پنجاب کي ڇڏي ڀارت جي ٻين پرانتن ۾ اَنگريزن جي حڪومت قائم ٿي چُڪي هئي. اَنگريزن سن 1843ع ۾ سنڌ فتح ڪئي.

(3 **هاڻوڪو دؤر** : سنڌي اَدب جي هاڻوڪي دؤر جي شروعات سن 1843ع کان ٿي ۽ اِهو دؤر اڄ تائين هلندو اَچي ٿو.

هاڻوڪي دؤر جا بہ پاڱا آهن. پهريون پاڱو 1843ع کان 1947ع تائين ۽ ٻيون پاڱو سنہ 1947ع کان اَڄ تائين آهي.

اَچو تہ نثر جي خاص انگ ناٽڪ بابت ڄاڻ حاصل ڪريون.

## ناٽڪ

ناٽڪ اِنسان جي خصلت ۽ فطرت جو گهڻي حد تائين ترجمان آهي. سنڌي ناٽڪ جي اوسر واري تاريخ مان اِهو معلوم ٿئي ٿو تہ ناٽڪن جو بنيادي مقصد تعليم ۽ تهذيب جو پرچار هوندو هو. اِنسان جي جذبن ۽ احساس وارن اظهار جي اَداڪاري کي يوناني ٻوليءَ ۾ ’ڊرومنن‘ ڪري ڪوٺيو ويندو هو. جنهن مان ’ڊرامو‘ لفظ نڪتو ۽ اُن جي معنيٰ آهي ’ڪَرڻ‘ يا ’ڪَري ڏيکارڻ‘. ڊرامي جي وسيع دائري کي ناٽڪ چئجي ٿو. ناٽڪ جو لاڳاپو اِسٽيج سان آهي.

ناٽڪ اَدب جي هڪ صنف آهي. ائين چوڻ غير واجب نہ ٿيندو تہ ناٽڪ اِنسان جي حقيقي زندگيءَ جو اَهم حصو آهي. ناٽڪ جي اِها خوبي آهي جو اِهو پڙهيل توڙي اَڻ پڙهيل لاءِ وندر ميسر ڪري ٿو.

## ناٽڪ جا مُکيہ اَنگ

ناٽڪ جا مُکيہ اَنگ آهن لفظ، ويس وڳا، اِشارا، ڪردارن جي اَداڪاري، نقل ۽ ڀاونائن جو اِظهار. اِها سموري پيشڪش اِسٽيج تي ٿئي ٿي.

ناٽڪ تڏهن ناٽڪ آهي جڏهن لکيل مواد يعني اِسڪرپٽ جو عملي روپ اسٽيج تي اَچي ٿو. اِنڪري ناٽڪ نويس کي اِسٽيج جي بناوت بابت پورو پورو ڌيان رکڻو پوندو آهي. ناٽڪ نويس جا پورڪ آهن اَداڪار، سنگيتڪار ۽ هدايتڪار. ناٽڪ کي لکيل صورت ۾ ايتري اهميت نہ آهي پر اسٽيج تي اُنجي اَدائگي سان ئي ناٽڪ جو مقصد برثواب ٿئي ٿو. اَوائلي زماني ۾ اِسٽيج لاءِ خاص سهوليتون غير موجود هيون پر جديد زمان ۾ روشني ۽ آواز ذريعي سٺي نموني ناٽڪ پيش ڪيو وڃي ٿو.

## ناٽڪ جو اِتهاس

ناٽڪ جو آغاز اِنسان جي تهذيب جي شروعات کان ئي لاڳاپو معلوم ٿئي ٿو. اُن جي ثابتي پنج هزار سال آڳاٽي ’موهن جي دڙي‘ واري سڀيتا مان ملي ٿو. جهڙوڪ نرتڪي (نرت جي اَداڪار يا ناچڻي) اِنهن جسمن ۾ آڳاٽي نرتڪي يا ناچ-ناٽڪ جا اَهڃاڻ نظر اَچن ٿا.

اهڙيءَ طرح قديم سنڌي راڳ ’ڏس ۽ بيان‘ وارين ڪافين جو ذڪر هتي تمام ضروري آهي. ڳائڻ وقت اَداڪار هٿن جي اِشارن ۽ آواز جي لاهين ۽ چاڙهين سان بيان ڪندو هو. مثال ليلا چنيسر جو داستان پيش ڪرڻ وقت فنڪار قِصي کي سانگہ واري سٽاءَ ۾ پيش ڪندو هو.

دستوري نموني ناٽڪ جي تاريخ باقاعدگيءَ سان اُڻويهين صدي عيسويءَ جي وچ ڌاري وڌڻ شروع ٿي.

## سنڌي ناٽڪ جا دؤر

- پهريون دؤر (1880-1920ع)

سنہ 1880ع کان سنہ 1920ع تائين سنڌي ناٽڪ جو پهريون دؤر ليکيو وڃي ٿو. مرزا قليچ بيگ سنہ 1880ع ۾ ’ليلا مجنون‘ ناٽڪ لکيو. جيڪو هڪ راڳ-ناٽڪ جي روپ ۾ هو.

سنہ 1868ع ۾ ڪوڙومل چندنمل کلناڻي، ’رتناولي‘ ناٽڪ لکيو جيڪو اَصل ۾ سنسڪرت جي مشهور ناٽڪ نويس راجا هرش ديو جو لکيل هو.

سنہ 1894ع تائين سنڌي ناٽڪ ڇپيل صورت ۾ پڌرا ٿيا. پر پوءِ جلد ئي سنڌي ناٽڪ کي اِسٽيج جي زينت بڻايو ويو.

● پيون دؤر (1920-1947ع)

پهرين مهاڀاري لڙائي بعد سماجي حالتن ۾ ڪافي تبديليون آيون. اِن دؤر ۾ انيڪا مسئلا پيدا ٿيا. شهري رهڻي-ڪهڻي، شاهوڪار-غريب، زميندار-هاري وچ ۾ طبقاتي ڪشمڪش جهڙن مسئلن جو اَثر سنڌي اَدب مٿان پيو. جنهن ڪري سنڌي ناٽڪ حقيقت نگاري جي دؤر ۾ داخل ٿي ويا. هن دؤر ۾ ترجمن کان وڌيڪ اصلي ناٽڪن جنم ورتو. سماجي مسئلا جهڙوڪ ڏيتي ليتي، غريب مٿان ظلم، شرابخوري وغيره تي ناٽڪ پيش ڪيا ويا.

ڏيتي ليتي موضوع تي ٻه ناٽڪ 'گُلاب جو گل' ۽ 'موتئي جي مُکڙي' ڏاڍا مشهور ٿيا.

ناٽڪ جي ٻئين دؤر ۾ وڏن ناٽڪن جي بدران ننڍا ناٽڪ يعني يڪ فعلي ناٽڪ ايڪانڪي لکيا ويا. اِنهن ننڍن ناٽڪن جو عرصو ڏهن کان پندرهن منٽ هوندو آهي جن ۾ هڪ نظارو يا ٻه نظارا ٿي سگهن ٿا. مکيه ناٽڪ جو عرصو ٽن ڪلاڪن تائين محدود هوندو آهي. جنهن ۾ ٻه اَنڪ يا وڌيڪ اَنڪ ٿي سگهن ٿا. ننڍا ناٽڪ لکڻ ۾ منگهارام ملڪاڻي وڏو جس کٽيو.

● ٽيون دؤر (1947 کان اَڄ تائين)

هن دؤر جي شروعات ڀارت جي ورهاڱي سان ٿي. اَخبارن، رسالن ۽ اَدبي ميڙن ۾ مقالا پڙهي سنڌي ناٽڪ کي نئين سِر اُڀارڻ لاءِ نوجوان فنڪارن ۾ نئون روح ڦوڪيو ويو. ڀارت ۾ سنڌي ناٽڪن جي دؤر ۾ نوَن ڪلاڪارن ۾ جذبي اُڀارڻ ۽ سُڄاڳي آڻڻ ۾ منگهارام ملڪاڻي، رام پنجواڻي، چيناند ناگراڻي، جيون گرسهاڻي، گوبند مالهي، پريم پرڪاش، رام هگوراڻي، مدن جُماڻي، ڪرشن کٽواڻي ۽ تيرٿ بسنت جو هٿ رهيو.

ٽئين دؤر ۾ سنڌي فنڪارن کي همٿائڻ ۾ هندي فلمي جڳت جو مشهور اَداڪار بلراج ساهني سچ پچ جس جو ڀاڳي آهي. ڀارت جي آزاديءَ کان اڳ سنه 1943ع ۾ اِنڊين پيپولس ٿيئٽر اَئسوسيئشن **(IPTA)** جو جنم ٿيو. اِن سنسٿا جو مکيه مقصد هو ته ڪلا رستي آزادي هلچل ۾ تيزي آڻجي. اِن سنسٿا ۾ بلراج ساهني مکيه ميمبر هو.

اِن سنسٿا سان ايشور ناواڻي (ڀڳونتي ناواڻي جو ڀاءُ) ۽ مدن جُماڻي پڻ لاڳاپو رکندڙ هئا. مدن جُماڻي ڪيترن ئي ڊرامن لاءِ لکت دستاويز **(Script)** تيار ڪندو هو. اتفاقي واقعي ۾ هڪ دفعي بلراج ساهنيءَ مدن جُماڻيءَ کان سنڌي ڊراما بابت پڇيو ته اُها ڪٿي پهتي آهي؟ بس پوءِ ڇا! مدن جُماڻي، گوبند مالهيءَ سان گڏجي سنڌي ناٽڪن کي اسٽيج تي آڻڻ لاءِ سرتوڙ ڪوشش ڪئي. ناٽڪن کي عوام تائين عملي روپ ۾ پهچائڻ لاءِ تمورتي ايس.پي.مينگهاڻي، مدن جُماڻي ۽ رميش ڄاڄاڻي ڀاڻ پتوڙي تمام گهڻي ڪاميابي حاصل ڪئي.

سنڌي ناٽڪ جي ترقي لاءِ آزاديءَ کان پوءِ سڄي ڀارت ۾ ڪيترين ئي ناٽڪ منڊليون برپا ٿيون.

## ناٽڪ جا قسم

مَواد جي نظر کان ناٽڪ جا چار قسم آهن.

ا) سماجي

٢) مزاحيه

٣) منووگياناڪ

۴) طنزيه

## ڪجھ مشهور ناٽڪ

1. بگڙيل گھر (گوورڌن ڀارتي)
2. مون کي ڪنوار کپي(هريڪانت جيٺواڻي)
3. رات هڪ طوفان جي (موتي پرڪاش)
4. آيو نئون زمانو (رام پنجواڻي)
5. ڪاڪو ڪلومل (مدن جُماڻي)
6. پڪنڪِ (پريم پرڪاش)
7. آشيانو (ڪرشن کٽواڻي)
8. شادي نہ ڪر (واسديو نرمل)
9. گھر جمائي (رميش چاچاڻي)
10. منهنجا من ڪبوتر (هوندراج بلواڻي)
11. ڪٿي آيو خير سان (رام گيانچنداڻي)
12. اَمِي يا ممي (گوپال پنجواڻي)
13. ميران (تيرٿ بسنت)
14. تو بن زندگي اَڌوري (منوهر نهالاڻي)
15. تنهنجو سو منهنجو (گوبند مالهي) ايڪانڪي
16. سوري سڌ ڪيو (ڪيرت ٻاٻاڻي) ايڪانڪي
17. جيون ڇهڇٽا (منگھارام ملڪاڻي) ايڪانڪي
18. ميونسپل ڪائونسلر (ايم.ڪمل) ايڪانڪي
19. چورنگي (ڄيٺانند ناگراڻي) ايڪانڪي
20. پيار، شادي ۽ سپنا (موهن ڪلپنا)

ناٽڪ سيني ڪلائن جو سنگم آهي. اِن ۾ گيت، سنگيت، گفتگو، اَداڪاري، نرتيہ جھڙا عناصر موجود آهن. اَسان ٻولي ۽ ناٽڪ بابت ڪافي ڄاڻ حاصل ڪئي آهي. اَچو تہ مثال طور ’ٻولي‘ ۽ ’رڪڙي‘ ايڪانڪي پاٺن جو بہ اَڀياس ڪريون.



# 1. ٻولي

ڳالهائڻ جي خصلت وڏي ۾ وڏي نعمت آهي. اِها وصف ئي انسان کي جانور کان الڳ ڪري ٿي. اِنسان ڳالهائڻ جي ڪلا سبب ئي اوسر جا ڏاڪا مٿي چڙهيو آهي. ٻولي، مختلف اِنسانن منجهه رابطي جو وسيلو آهي. هرهڪ قوم کي الڳ الڳ ٻولي هوندي آهي. ان لاءِ چيو ويندو آهي ته ٻولي ئي قوم جي نشاني ۽ سڃاڻپ آهي.

ٻولي، آوازن جي جوڙجڪ ڪندي اکر ٺاهيندي آهي. ڪجهه اکر گڏجي هڪ مخصوص لفظ ٺاهين ٿا ۽ لفظن مان جملا تيار ٿين ٿا. اِنساني معاشري کي سمجهڻ لاءِ ٻولي هڪ اهم وسيلو آهي. ٻوليءَ جي مدد سان ان مخصوص سماج جا ماڻهو پاڻ ۾ ويچارن جي ڏي وٺ ڪن ٿا. اِهو هڪ اهڙو ماڌيم آهي، جيڪو معنيٰ، مقصد ۽ ويچار ظاهر ڪرڻ ۾ هڪ هٿيو ٿي ڪم اچي ٿو. ٻولي، انسان جي مشغولين جو مرڪز آهي. چيو ويندو آهي ته جيستائين ڪنهن به مخصوص ٻوليءَ جي ڳالهائڻ وارا هڪ فرد به زنده آهن ته اُها ٻولي جيئري ليکي ويندي ۽ ان جي بيهڪ اُسرڻ جا آثار هر وقت موجود رهن ٿا.

هر ٻوليءَ کي پنهنجو سرشتو آهي، جنهن ۾ ڪابه تبديل نٿي آڻي سگهجي. اِنساني زندگيءَ ۾ ٻولي اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. ٻوليءَ ذريعي انسان پنهنجي ڏک سک، احساس ۽ جذبن جو اظهار ڪري سگهي ٿو.

ٻوليءَ وسيلي ڪهڙي به قسم جي مواد کي تحرير ڪندي محفوظ ڪري سگهجي ٿو. اِن سبب ٻوليءَ جو واسطو تاريخ سان به آهي. موهن جو دڙو جي کوٽائيءَ مان لڌل مهرون ثابت ڪن ٿيون ته پنج هزار سال اڳ اُتي ويدڪ ڪريائون پڻ ڪيون وينديون هيون.

ودوانن موجب سنڌي ٻوليءَ ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڏيڍ لک لفظ آهن. اڪثر ريت سنڌي لفظن جو سنسڪرت سان لاڳاپو آهي، جيتوڻيڪ عربي ۽ پارسي ڳالهائيندڙ قومن جي حڪومتي ۽ ادبي اثر هيٺ ان ۾ عربي ۽ فارسي لفظ پڻ سمايل آهن.

**10 اپريل 1967ع ڀارت جي سنڌين لاءِ ادبي ۽ سانسڪرتڪ لحاظ کان انتهائي اهميت وارو آهي. ان ڏينهن ڀارت جي صدر ڊاڪٽر راڌا ڪرشنن سرڪاري بل تي صحي ڪيئي ۽ سنڌي ٻوليءَ کي ڀارت جي جوڙجڪ ۾ ديش جي ٻين چوڏهن ٻولين سان گڏ پندرهين قومي ٻوليءَ طور درجو ڏنو ويو.**

## لفظن جو خزانو

| | | | |
|---|---|---|---|
| **مخصوص** = خاص | **تحرير ڪرڻ** = لکڻ | **رابطو** = سمپرڪ | **فرد** = ماڻهو |
| **خصلت** = خاصيتون | **مُعاشرو** = سماج | **وصف** = گُڻ اوگُڻ جو بيان | |

# اَڀياس

**سوال 1. هڪ ٻن سٽن ۾ جواب لکو.**

1) ماڻهو ڇا جي مدد سان ويچارن جي ڏي وٺ ڪن ٿا؟
2) موهن جو دڙو جي کوٽائيءَ مان لڌل مهرون ڇا ثابت ڪن ٿيون؟
3) سنڌيءَ ۾ ڪهڙين ٻولين جا لفظ ملن ٿا؟
4) ٻوليءَ کي قوم جي سڃاڻپ ڇو چيو ويندو آهي؟

**سوال 2. ٿوري ۾ جواب لکو.**

1) ٻوليءَ جي اهميت پنهنجي لفظن ۾ بيان ڪريو.
2) 10 اَپريل 1967ع سنڌين لاءِ ڪهڙي اهميت رکي ٿي؟

**سوال 3. (I) ضد لکو.**

زندگي ..............................

سک ..............................

ظاهر ..............................

پنهنجو ..............................

ودوان ..............................

**(II) عدد بدلايو.**

جانور ..............................

ٻولي ..............................

مُهر ..............................

ڏاڪو ..............................

## مشغولي

**ٽُڪر پڙهي عملي ڪم ڪريو.**

هر ٻوليءَ کي پنهنجو سرشتو ...................... فارسي لفظ پڻ سمايل آهن.

**سوال 1. ڏنگين مان مناسب لفظ ڳولهي خال ڀريو.**

(I) ............ موجب سنڌي ٻوليءَ ۾ گهڻ ۾ گهڻ ڏيڍ لک لفظ آهن.
(عالمن، عام ماڻهن)

(II) هر ٻوليءَ کي پنهنجو ................ آهي.
(وجود، سرشتو)

**سوال 2. هرهڪ سوال جا ٻه جواب لکو.**

1) ٻولين جا نالا

........................ ........................

2) ٻه وڏا عدد

........................ ........................

3) ’ت‘ سان شروع ٿيندڙ لفظ

........................ ........................

4) ٻه اَثر

........................ ........................

**سوال 3. خاڪو پورو ڪريو.**



**سوال 4. جوڙا ملايو.**

| | |
|---|---|
| اِنساني | مهرون |
| لڏل | زندگي |
| ويدڪ | اَٿر |
| ادبي | ڪريائون |

**سوال 5. اسان کي پنهنجي مادري زبان ۾ ڳالهائڻ گهرجي. اِن بابت پنهنجا ويچار لکو.**

## وڌيڪ ڄاڻ :

### ڀارت جي جوڙجڪ جو اَٺون شيڊول

ڀارت جي جوڙجڪ (آئين) ۾ اَٺون شيڊول حوالو آرٽيڪل (1) 344 ۽ 351 ۾ ڪيترائي ٺهراءَ موجود آهن. آرٽيڪل (1) 344 موجب ڀارت جو صدر هڪ ڪميشن ٺاهي سگهي ٿو، جنهن ۾ هڪ چيئرپرسن ۽ واسطيدار ٻولين جا عيوضي ميمبر طور نامزد ڪيا ويندا آهن. اٺين شيڊول موجب هيٺين ٻولين کي تسليم ڪيو ويو آهي.

(1) آسامي (2) بنگالي (3) گجراتي

(4) هندي (5) ڪَنڙ (6) ڪشميري

(7) ڪونڪني (8) مليالم (9) منيپوري

(10) مراٺي (11) نيپالي (12) اوڙيا

(13) پنجابي (14) سنسڪرت (15) سنڌي

(16) تَمِل (17) تيلگوُ (18) اُردو

(19) بوڊو (20) سنٿالي (21) مئٿلي

(22) ڊوگري

اِن مان چوڏهن ٻولين اول ئي جوڙجڪ ۾ شامل ڪيل هيون. سن 1967ع ۾ جوڙجڪ جي ايڪويهين اصلاح موجب سنڌي ٻولي به جوڙي ويئي. بعد ۾ جوڙجڪ جي ايڪتهرين اصلاح موجب 1992ع ۾ ڪونڪني، منيپوري ۽ پنجابي؛ 2004ع ۾ ٻيانويهين اصلاح موجب ڊوگري، مئٿلي، بوڊو ۽ سنٿالي ٻولين کي به جوڙجڪ ۾ جاءِ ڏني ويئي.



# 2. رڪڙي

پوپٽي رامچند هيرانندائي (1924-2005) سنڌي ادب جي ناميارين ۾ بي باڪ ليکڪا طور مشهور آهي. هوءَ پختي مضمون-نگاره هئڻ کانسواءِ ناول نويس، ڪهاڻيڪار، شاعره ۽ سمالوچڪا پڻ هئي.
هن جا ذڪر جوڳا ڪتاب آهن : 'زندگي جي قوتڙي' (ڪهاڻي سنگره)، 'ٻولي منهنجي ماءُ' (مضمون)، 'جيءَ ۾ جهوري، تن ۾ تات' (ناول)، 'پاشا شاسترَ' (ڪوجنا) ۽ 'منهنجي حياتيءَ جا سونا روپا ورق' (آتم ڪٿا). پوئين ڪتاب تي ڪيس ساهتيه اڪادمي پرسڪار پڻ مليو آهي.
هن ڪهاڻيءَ ۾ رڪڙي بابت ڄاڻ ڏنل آهي.

(ڪردار : موهني، گُلاب، ڪملا، وِملا، رميش)

**موهني** : اڙي وموُ! تڪڙو تڪڙو ڪيڏانهن پيئي وڃين؟ ترس ته مان به تي گڏجي هلان ٿا.

**وملا** : ڇو، اڄ تون به اسڪول ڪين ويئي آهين ڇا؟

**موهني** : اَئي اَلا! اڄ رڪڙي جو ڏڻڏ آهي. ڀائرن کي رُساڻو آهي ڇا؟

**وملا** : پر تون ڪنهن کي تي رکڙي ٻڌين؟ توکي ته ڀاءُ آهي ئي ڪين؟

**موهني** : منهنجو ماروت گوبند آهي نه؟ اُن کي.

**وملا** : پر تون ڇو تي هن وٽ وڃين؟ ڀاءُ ته پاڻ ڀيڻ وٽ رکڙي ٻڌائڻ ايندو آهي نه؟

**موهني** : ها پائي، هونئن ته هوُهميشه پاڻ اسان وٽ ايندو آهي ۽ اَڇي منهنجي ڀيڻ ڪلا ڪان رکڙي ٻڌائيندو آهي. پر ڪلا شادي ڪري ٻاهر هلي ويئي آهي ۽ گوبند به ڪرايو آهي آپريشن، اِن ڪري ٻنهي مون کي لِکيو ته اِهو ناتو تون ئي نباهه.

**وملا** : ها، آهي ته سچي ڳالهه. ڀاءُ ڀيڻ وٽ اَچي يا ڀيڻ ڀاءُ وٽ ڳالهه مڙيو ئي ساڳي. پر تون هئين رُکي رُکي وڃين ڪيئن پيئي؟ رکڙي ته ڪٽي پرس ۾ وڌي هوندءِ، باقي ٻيون شيون؟

**موهني** : ٻيون وري ڪهڙيون شيون؟

**وملا** : ڇو؟ ڀاءُ جو وات مٺو ڪين ڪندينءَ؟ ڀائڙي جي آرتي ڪين اُتاريندينءَ.

**موهني** : آرتي؟ اِها ته مون کي خبر ئي ڪينهي. ڇا اصل ڏيئو ٻاري آرتي ڪبي آهي؟ اَئي رام شل پلو ٿيئي! پوءِ ته تلڪ، اگربتي، ڌوپ، گُل، چانور سڀ کپندو!

**وملا** : تڏهن وري ڇا؟
(گُلاب ۽ سندس ڀيڻ ڪملا جو اچڻ)

**گُلاب** : اگربتي، گُل، چانور ... ڇو پائي اڄ خرچيون ڪمائڻ تي ڪمر ڪشي اَٿوَ ڇا؟

**وملا** : ڇ ... ڇ ... تون ته ڏاڍو ڪنو آهين. اسين پيئون ڳالهيون ڪريون ڀاءُ ڀيڻ جي پوتر ناتي جون ۽ تون پيو اِن پوترتا کي گندو ڪرين!

**ڪملا** : ڇو پائي، ان ۾ گندي ڪرڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟ ڏس مون ڪيتريون رکڙيون ڪنيون آهن! سونهري، چانديءَ جي تارن واريون، گول گول، مور جي

كنين جهڙيون سهڻيون، ننڍڙيون، وڏيون ... اچ سيني سوُن ماساتن، پاءُ جي مترن مطلب تہ ڍير سارن پائرن کي رڪڙيون ٻڌندي آهيان جيڪي شاهوڪار آهن، انهنکي مهانگيون پنجين ستين رپئي واريون ٻڌان جيئن خرچي گهٽي ملي ۽ جيڪي ....

**موهني** : تون تہ ڪا چري ٿي ڏسجين!

**وملا** : شرم بہ نہ ٿو اچيئي!

**ڪملا** : ان ۾ شرم جي ڪهڙي ڳالهہ آهي؟

**گُلاب** : هن کي پاءُ معنيٰ خرچي ئي سمجهہ ۾ ٿو اچي!

**وملا** : ڪملا! تون پاءُ ڀيڻ جي رستي کي پيار ۽ سنيهہ جو رستو نہ ٿي سمجهين؟

**گُلاب** : هنکي ”ٻي - جائي“ جو قدر ئي ڪينهي.

**ڪملا** : اڙي. تون هي ڪهڙا جهونا لفظ پيو ڳالهائين.

**گُلاب** : ڏٺو؟ هن منهنجيءَ صدوريءَ ڀيڻ کي اها بہ خبر ڪينهي.

**وملا** : ڪملا! اڪر پيچڻ سک نہ؟ ابو معنيٰ پيءُ ۽ جائو معنيٰ جاول يعني پٽا ڪان جاول يعني پاءُ!

**ڪملا** : اَئي اَلا! اهڙو سولو!

**موهني** : سؤلي جي سکي! هيڏي ساري ڏکھ تي آهين پر لفظ پڇي معنيٰ ڪيڻ نہ ٿي اچيئي! چڱو ٻڌاءِ ’رکشا-ٻنڌن“ معنيٰ؟

**ڪملا** : ان جي وري ڪهڙي معنيٰ ٿيندي؟ رڪشا-ٻنڌن معنيٰ رڪشا-ٻنڌن!

**گُلاب** : (ويچارا ڏيئي) رڪشا ٻنڌن معنيٰ رڪشا ٻنڌن! اڙي مورک! رڪشا معنيٰ رکيا معنيٰ سنڀال ۽ ٻنڌن معنيٰ ناتو. يعني اِهو ڏينهن جڏهين پاءُ ڀيڻ جو ناتو پڪو ٿئي!

**ڪملا** : سنڀال! تون منهنجي ڪهڙي سنڀال ڪندين؟

**موهني** : ڪملا! تون اتهاسڪ آکاڻيون پڙهين ئي ڪين چا؟ تون همايون بادشاهہ ۽ راڻي ڪرڻاوتيءَ جي ڳالهہ نہ پڙهي آهي؟

**ڪملا** : هاڻي پائي اڻين پروليون نہ سلايو تنهن کان ڪٿي ٻڌايو.

**موهني** : ٻڌ. هڪ دفعي راجپوت راڻي ڪرڻاوتيءَ تي هڪ مصيبت ٻري آئي.

**ڪملا** : ٻري آئي معنيٰ؟

**موهني** : مٿان اَچي ڪڙڪي.

**ڪملا** : اَڇا!

**موهني** : ڪرڻاوتيءَ سوچيو، هن وڏيءَ مصيبت کي تہ مان منهن ڏيئي نہ سگهنديس. سو هن مغل بادشاهہ همايون کي ٿالهيءَ ۾ رڪڙي موڪلي خط لکيو تہ ”هندستان ۾ اهو رواج آهي تہ پاءُ ڀيڻ جي عزت جي رکيا ڪندو آهي. مان هيءَ رڪڙي موڪلي توکي پاءُ بڻايان ٿي. تو جهڙو بادشاهہ پاءُ مونکي ملندو تہ مون کي خطرو ئي نہ ٿو ٿي سگهي.“ همايون بادشاهہ ڪيس جواب موڪليو تہ مون رڪڙي ٻڌي هاڻي مان لشڪر وٺي ڀيڻ جي مدد ڪرڻ اَچان ٿو. ان طرح هڪ مسلمان بہ رڪڙيءَ جي ڌاڳن ۾ پاءُ جي پڪي پريت وجهي ڀيڻ جي رڪشا ڪئي.

**ڪملا** : مار! اِها تہ ڏاڍي وڏي ڳالھ ٻڌايئہ! مون کي تہ ڪنھن ڪونہ ٻڌايو آھي تہ ڀاءُ کو اھڙو ٿيندو آھي! منھنجو ڀاءُ پلا آھي گھمڻ ۽ وڙھڻ ۾ پورو سو ...

**ڳُلاب** : تو ڪڏھن ڪجھہ مون کان پڇيو بہ آھي؟ اسين آھيون شڪارپوري ڏياريءَ کان پوءِ ھڪ ڏينھن ڀيڻ ڀاءُ وٽ وڃي کيس ٽلڪ ڏيندي آھي.

**وملا** : ھتي پڻ ھڪڙو ''ڀائو-ٻيج'' نالي ڏڻ آھي.

**ڪملا** : اھا ''ڀائو-ٻيج'' وري ڇا آھي؟

**ڳُلاب** : اڙي سنڌي آھين نہ؟ ڪڏھين ٿتين جا نالا ڪين ٻڌا اٿيئي؟ ايڪم، ٻيج، ٽيج، چوٿ، پنجم، ڇٽ ...

**ڪملا** : (ڪنن تي ھٿ رکي) بس ... بس ... ھاڻي پندرھن ٿتيون ڳڻيندين ڇا؟

**ڳُلاب** : شاباس! مسين مسين تي ڪا سمجھہ ڏيکارين! مون سمجھيو تہ منھنجي بہ ھاڻ ويئي پت ...

**ڪملا** : تون بہ ڪڏھين ڪٿي پيار، ميناج، نھر ۽ ڏيرج سان ڳالھہ ٻڌائين ... رڳو پيو وڙھين ...

**ڳُلاب** : اڙي پڳلي! نمڪ نہ ھجي تہ ڳالھہ نمڪين ڪيئن بڻجي؟ توکي چيڙائڻ ۾ مون کي ڪيڏو نہ مزو ايندو آھي، اھا توکي ڪھڙي خبر؟

**ڪملا** : اڙي ڳُلوُ! مان بہ ڪوڙ پچ ۾ پيئي وڙھڻ ... وڙھڻ چوان. جنھن ڏينھن تون مونکي نہ چيڙائين تنھن ڏينھن مون کي تہ بک ئي ڪين لڳي!

(سيئي کِلن ٿا)

چڱو ٻڌاءِ، 'ٽلڪ' ڏينھن ٽلڪ نہ ڏيانءِ تنھن جي معنيٰ تہ توکي پيار ئي نہ ٿي ڪريان؟ تون اکرن واري ٻولي سمجھين ٿو پر دل جي ٻولي نہ ٿو سمجھين؟

**ڳُلاب** : اڙي نہ ... نہ ... مان تہ سمجھندو آھيان.

(ڳُلاب جي دوست رميش جو اچڻ)

**رميش** : اَڙي ھي دليون ۽ ٻوليون ... ڪھڙيون ڳالھيون ويٺا ڪريو؟

**ڳُلاب** : رميش! اَڄ وِملا پنڊتياڻي اسان کي رکشا-بنڌن جي مھما ويٺي ٻڌائي.

**موھني** : سچ، توھان تہ وچ ۾ اَچي منجھايو. وملا مون کي آرتيءَ بابت ويٺي سمجھايو. ھا ... تہ وملا! پوءِ ڇا ڪبو.

**وملا** : ٿالھيءَ ۾ ڪچا چانور، سندور، ڏيئو، مصري يا مٺائي ۽ ناريل رکبو.

**ڪملا** : (وچ ۾) ناريل کان سواءِ ڪم نہ ھلندو؟

**رميش** : ڪڏھين بہ نہ ھلندو. ناريل کوپرو آھي ۽ کوپري سان ئي اسانجي کوپري ڪم ڪندي.

**ڪملا** : پوءِ ڇا ڪبو؟

**وملا** : ڀاءُ جي آرتي ڪبي.

**ڪملا** : پھرين ٽلڪ ڏبو يا پھرين آرتي ڪبي؟

**موھني** : ۽ چانور انجو ڇا ٿيندو؟

**وملا** : چانور آڱرين سان ڪٽي ڀاءُ جي مٿان گھوري ڦٽا ڪبا ۽ چئبو، منھنجي ڀاءُ جون سڀ تڪليفون دور ٿين.

**ڳُلاب** : آ ھا ... ائين ٻڌاءِ نہ! مان بہ چوان تہ ڪملا رڳو ڪرائيءَ ۾ مون کي ڌاڳو پيئي ٻڌي ۽ مان امتحان ۾ مارڪون گھٽ پيو کڻان.

کملا : هل ڪوڙا! ڪنهن ۾ مارڪون گهٽ ڪنيون اٿيئي؟

گُلاب : پر ٻه جيڪر چانور گهورين ته اڃا ٻه وڌيڪ مارڪون ملن نه؟

کملا : جڏهن مئٽرڪ جو امتحان ڏيندين تڏهن چانور گهورينديس تو مٿان.

گُلاب : (چوٽي پٽي) ته هونئن نه گهورينديندين ءِ؟

کملا : چوٽي ڇڏ نه ته رکڙي به نه ٿي ٻڌانءِ ... هل.

رميش : گُلاب! هڪڙي ڳالهه چوانءِ؟ تون رکڙي ته ٻڌائين ٿو پر ڪملا جي رکشا ڪري سگهين ٿو؟

گُلاب : مطلب؟

رميش : ڇا اهڙي ضعيف ۽ ڪمزور بدن سان ڪنهن جي به رکشا ڪري سگهندين؟ منهنجو ڏورو ڏس.

(ٻانهن موڙي ڏورو ڏيکاري ٿو)

موهني : اڙي واه! مان ته جهٽ پٽ توکي رکڙي ٻڌي ٿي ڇڏيان. هوُ مئو سامهون وارو ڊبلروٽيءَ وارو آهي نه؟ چپن تي چپ ڦيرائي، اکين جا تارا متي موڪلي اٿين تو نهاري جو ...

رميش : اڄ رکڙي ٻڌ ۽ پوءِ سُپاٽي مون سان گڏ هلي هنجي دڪان وٽان لنگهه.

کملا : اڙ ... ڙ ... ڙ گلوُ يعني ڪ منهنجا ياءُ گُلاب! تون به ڏوري وارو ٿيءُ نه ...

گُلاب : مان کسرت ڪرڻ ۽ ملايون کائڻ شروع تو ڪريان پر ان شرط تي ته تون سنگيت سکڻ شروع ڪندينءَ ۽ پوءِ پيُونتي ناواٽيءَ وانگر ڳائيندينءَ ”چلن جو جوڙو مونکي ياءُ آڻي ڏيندو ...“

(سڀ تاڙيون ٿا وڄائين ۽ سُر ملائي ٿا ڳائين... چلن جو جوڙو ...)



## لفظن جو خزانو

پِت رکڻ = عِزت بچائڻ

# اَڀياس

**سوال 1. هيٺين جملن ۾ جواب لکو.**

1) موهني اسڪول ڇو نہ ويئي؟
2) ڪملا ڪنهن ڪنهنکي رکڙي ٻڌندي هئي؟
3) اَبي - ڄائو جو مطلب ڇا آهي؟
4) ’رکشا بنڌن‘ جي معنيٰ سمجهايو.
5) ٻہ ٽئيون لکو.

**سوال 2. ٿوري ۾ جواب لکو.**

1) رکڙي ٻڌڻ وقت ڇا ڪبو آهي؟
2) رکشا بنڌن جو اِتهاس ٻڌايو.

**سوال 3. هيٺ ڏنل جملا ڪنهن ڪنهنکي چيا آهن؟**

1) ”چو يائي، اَڄ خرچيون ڪمائڻ تي ڪَمر ڪشي اَٿو ڇا؟“
2) ”اَڙي ڀگلي! نمڪ نہ هُجي تہ ڳالھ نمڪين ڪيئن بڻجي؟“
3) ”چوٽي چڱ نہ تہ رکڙي بہ نٿي ٻڌاءِ ... هل.“
4) ”ڇا اَهڙي ضعيف ۽ ڪمزور بدن سان ڪنهن جي بہ رکشا ڪري سگهندين؟“

**سوال 4. صفتون ٺاهيو.**

خطرو ..............................
مدد ..............................
نَمَڪُ ..............................
ڏيرج ..............................

**سوال 5. ضِد لکو.**

عزت ..............................
اُوکي ..............................
سچ ..............................
دوست ..............................
ڪمزور ..............................

**سوال 6. عدد بدلايو.**

رکڙي ..............................
ڏاڃا ..............................
چوٽي ..............................
ڏيئا ..............................
ٿالهي ..............................

## مشغولي

**ٽُڪر پڙهي عملي ڪم پوُرو ڪريو.**

وملا : ها، آهي تہ سچي ڳالھ ........................
جيئن خرچي گهٽي ملي ۽ جيڪي ..........‘

**(1) هيٺ ڏنل ۾ جواب لکو.**

1) ٽڪر ۾ ڳڻتي ڪردارن جي گُفتگوُ ڏنل آهي؟
2) ڪملا جي ڀاءُ جو نالو ڇا آهي؟
3) آرتي ڪرڻ لاءِ ڪهڙيون شيون ڪم ايندين آهن؟
4) ’ڀاءُ‘ لاءِ ٻيو ڪهڙو لفظ ڪم آندل آهي؟

**(2) رکڙيءَ جا جُدا جُدا قِسم لکو.**

**(3) ’رکڙي‘ لفظ جا اکر ڪتب آڻي جُدا جُدا لفظ ٺاهي سگهجن ٿا. ڏنل جُملو سمجهي نوان لفظ ٺاهيو.**

(I) ڪوئلي ٻرڻ ڪانپوءِ ملي ٿي : .............
(II) زور سان واڪو : .............
(III) سکي جو هڪ پاسو : .............

(4) چؤڪنڊي ۾ آرتيءَ لاءِ ڪم ايندڙ سامان ڏنل آهي. مناسب لفظ ڳولهي خال پريو.

ڏيئو، ٽلڪ، اَگربتي
چانور

1) واه، ڇا تہ ............. جي خوشبوءِ ٿي اَچي!
2) ............ ڪاربوهئڊريٽ جو هڪ قسم آهي.
3) وير جڏهن لڙائي تي وڃي ٿو تہ سندس متي تي ............ ڏيئي ”ڪٽي ايندو خير سان“ نعرو لڳي ٿو.
4) فقط هڪ ................ ٻارڻ سان اونده غائب ٿي ويئي.

(5) خاڪو پورو ڪريو.

| بيان | ڳالهائيندڙ | ٻڌندڙ | مُدو |
|---|---|---|---|
| ”باقي ٻيون شيون؟ | وملا | موهني | پرس |
| ”پائڙي جي آرتي ڪيئن اُتاريندين؟!“ | ............. | ............. | آرتي |
| ”ڇا ڏيئو ٻاري آرتي ڪبي آهي؟“ | ............. | ............. | آرتيءَ جو سامان |
| ...................................... | گُلاب | وملا، ڪملا، موهني | ............. |
| ”ڏس مون ڪيتريون رڪڙيون ڪنيون آهن.“ | ............. | ............. | رڪڙين جا قسم |

❖❖❖❖❖

# وِندُرَ

موبائيل ۽ ڪمپيوٽر جي ايجاد
اِنسان جو وقت بچائڻ لاءِ ٿي. پر .....

لڳ ڀڳ سڀ مسافر پنهنجي پنهنجي موبائيل ۾
مشغول هئا؛ پر هڪ عورت ۽ سندس ستن سالن جو
ٻالڪ ڪتاب پڙهڻ ۾ محوُ هئا.
ڪنهن سڄڻ پُڇيو : ”معاف ڪجو! ٻيا سڀ موبائيل ۾ لڳا پيا آهن
پر توهان جو ٻار ڪتاب پڙهڻ ۾ لڳو پيو آهي.“
عورت جواب ڏنو ”ٻار مائٽن جو نقل ڪندا آهن.“

بيشڪ! ٽيڪنالاجي تمام وفادار نوڪر آهي؛
پر خطرناڪ مالڪ پڻ.

سريش : (فون تي) موهن! ڇا ٿيو؟ ڪالهه کان واٽس اپ تي نہ آهين!
رميش : ڇا ٻڌايان! ڪالهه کان انٽرنيٽ ئي بند آهي!
سريش : پوءِ سڄو ڏينهن ڇا ڪيئہ؟
رميش : گهر وارن سان ڳالهائڻ وينس! يار، سچ پچ ڏاڍا سٺا ماڻهو آهن!

# وِندُرَ

## ج | اَکر جي راند

هيٺ ڏنل لفظن مان مناسب جواب ڳولهي خال ڀريو.

1) رميش سوال جو صحيح ................. ڏنو.
2) مهاتما گانڌيءَ جو ................. گجرات جي پوربندر شهر ۾ ٿيو.
3) ورهسپت کان پوءِ ................. ايندو آهي.
4) سال جو پهريون مهنو ................. آهي.
5) ................. ۾ اَچي انسان هوش وڃائي ٿو.

جمعو، جنم،
جنوري،
جوش، جواب

## ڄ | اَکر جي راند

هيٺ ڏنل لفظن مان مناسب جواب ڳولهي خال ڀريو.

1) ڪشن جي شاديءَ جي ................. تمام شاندار هئي.
2) وجيه سنڌيءَ جو تمام سُٺو ................. آهي.
3) ................. سواد جي پرک ڪري ٿي.
4) شڪاريءَ جي ................. ۾ ڪبوتر ڦاسي پيا.
5) ننڍي قد واري کي ................. ڄٽبو آهي.

ڄڀ، ڄِپَ،
ڄاڻُو
ڄار، ڄامڙو

# وِندُرَ

## ز | اَکر جي راند

چؤڪنڊي ۾ ڏنل لفظن مان مناسب جواب ڳولهي خال ڀريو.

1) گرم پاڻيءَ جي ٻاڦ ونڊ سان ................. لهي وڃي ٿو.
2) راجوءَ ٻال ................. سان اُڇلايو.
3) ٻاڻُ وڃهڻ سان ................. اُپجائو بڻجي ٿي.
4) ................. تي ملم لڳاءِ.
5) تماڪ واهپي جي خلاف ڪاليج جي شاگردن اِنساني ................. ٺاهي.

زنجير، زور،
زُڪام،
زمين، زخم

## ف | اَکر جي راند

هيٺ چوڪنڊي ۾ ڏنل لفظن مان مناسب جواب ڳولهي خال ڀريو.

1) ڏنڊي ۾ ڪڏهن ................. تہ ڪڏهن نقصان ٿيندو آهي.
2) جج جو ............... ٻڌي رامچند کي راحت آئي.
3) ڪُڙمي سُنو ............... ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو.
4) هرش چيو مان ديش جي شيوا ڪرڻ لاءِ ............... ۾ ڀرتي ٿيندس.
5) ڏياريءَ وقت ڪيترائي ماڻهو گهرن ۾ ............. لڳائيندا آهن.

فائدو، فانوس،
فصل،
فيصلو، فوج،

# وِندُرَ

## ق | اَکر جي راند

**هيٺ چوڪندي ۾ ڏنل لفظن مان مناسب جواب ڳولهي خال ڀريو.**

1) وار سنوارڻ لاءِ ................ ڪم ايندو آهي.
2) ڪار کي چار ................. هوندا آهن.
3) ................ صحت لاءِ سُٺا هوندا آهن.
4) ڏياريءَ ڏينهن ٻار ................. ٻاريندا آهن.
5) جنم ڏينهن تي ٻار گهر ................ سان سينگاريندا آهن.

ڦڻو، ڦوڪڻ،
ڦَٽاڪا،
ڦيٿا، ڦل

## گ | اَکر جي راند

**هيٺ چوڪندي ۾ ڏنل لفظن مان مناسب جواب ڳولهي خال ڀريو.**

1) وقت تي نہ پهچڻ ڪري ............... ڇٽي سگهي تي.
2) ڪاجل ................ سُٺو ڳائيندي آهي.
3) مون کي ............... جو گُل وڻندو آهي.
4) ................ هڪ پوتر ندي آهي.
5) تمام ............... چانهہ مان پي نہ سگهندو آهيان.

گيت، گنگا،
گاڏي،
گُلاب، گرم،

# وِندُرَ

## غ | اَکر جي راند

هيٺ ڏنل لفظن مان مناسب جواب ڳولهي خال ڀريو.

1) ................ صحت لاءِ خراب آهي.
2) اسانکي ................ ڪم نہ ڪرڻ گهرجي.
3) .............. تمام سهڻو آهي.
4) جادوگر لڪڙي گهمائي ڪبوتر کي .............. ڪري ڇڏيو.
5) ڪلهہ سان .............. لهي وڃن ٿا.

غصو، غاليچو، غلط، غم، غائب

## ڳ | اَکر جي راند

هيٺ ڏنل لفظن مان مناسب جواب ڳولهي خال ڀريو.

1) هڪ دفعي جي .................. آهي.
2) مني چٽڪيءَ ۾ ڳدامڙيءَ ................ وجهبو آهي.
3) جُهمر وجهندڙ زالون ................ ۽ نچنديون آهن.
4) ڪٽڪ جي .............. وٺي آيو.
5) ڪپڙن جو ٿيلهو .............. آهي.

ڳوڻ، ڳڙ، ڳوٺ، ڳائينديون، ڳالهہ

# وِندُرَ

## ڪ | اَکر جي راند

هيٺ ڇوڪندي ۾ ڏنل لفظن مان مناسب جواب ڳولهي خال ڀريو.

1) ناني ................. تي ويٺي آهي.
2) اَڄ ............... تمام سوادي ٺهي آهي.
3) سمنڊ جو پاڻي ................. ٿيندو آهي.
4) چانهه ۾ ............... وڌيڪ وڌل آهي.
5) سنپالي هل متان ............ ۾ ڪرين.

کٽ، کِچڙي،
کارو،
کنڊ، کَڏ

## خ | اَکر جي راند

هيٺ ڇوڪندي ۾ ڏنل لفظن مان مناسب جواب ڳولهي خال ڀريو.

1) اسان کي ................. سنپالي ڪرڻ گهرجي.
2) راجوُسني ................. مان آهي.
3) ڪبٽ ۾ ڪيترائي ............... آهن.
4) اِندرا گانڌيءَ پنهنجي پتا جواهرلعل نهروءَ کي ............. لکيا.
5) منهنجو ممبئيءَ وارو گهر ............ پيو آهي.

خاندان، خانا،
خرچ،
خط، خالي

# وِندُرَ

## ڪ | اَکر جي راند

هيٺ چوڪنڊي ۾ ڏنل لفظن مان مناسب جواب ڳولهي خال ڀريو.

1) اسان نديءَ ................ گهمڻ وياسين.

2) ................ اسان جا سُٺا دوست آهن.

3) ................ رنگ وڏيڪ ڳرمي جذب ڪندڙ آهي.

4) طوفان ۾ ................ پڻ اُڏامي ويا.

5) ................ مان پڪنڪ تي ويس.

ڪتاب، ڪارو،
ڪناري،
ڪک، ڪالهه

## ق | اَکر جي راند

هيٺ چوڪنڊي ۾ ڏنل لفظن مان مناسب جواب ڳولهي خال ڀريو.

1) ................ ۾ وڏي شڪتي آهي.

2) اسان کي ................ بخش ڪاڏو ڪائڻ گهرجي.

3) رميش ................ چوڪرو آهي.

4) اسان جي سنڌي ٻولي ................ دائم آهي.

5) اسان کي پنهنجي غلطي ................ ڪرڻ گهرجي.

قلم، قابل،
قائم،
قبول، قوّت

# وِندُرَ

## ٻ | اَکر جي راند

هيٺ چوڪنديءَ ۾ ڏنل لفظن مان مناسب جواب ڳولهي خال ڀريو.

1) اڄ تمام گهٽي ............ پئي رهي آهي.
2) مندر جو دروازو ................ تي ويو.
3) ................ تي لکيل اکر سهڻا آهن.
4) مان روز ................ ۾ اسڪول ويندي آهيان.
5) ............. پاٽيءَ ۾ ترندي آهي.

برسات، بورڊ، بدڪ، بس، بند

## ڀ | اَکر جي راند

هيٺ چوڪنديءَ ۾ ڏنل لفظن مان مناسب جواب ڳولهي خال ڀريو.

1) ................. ڪوئي ڀنيان ڊوڙي پيئي.
2) اسڪول جا ............. ڀڪنڪ تي ويا.
3) ڪُڙمي ............. ۾ ڪم ڪندو آهي.
4) سنڌيءَ ۾ چوٽي آهي ................ ته ٻارهان.
5) نانگ ............ ۾ رهندو آهي.

ڀ، ڀِرَ، ڀنيءَ، ٻار، ڀِلي

# وِندُرَ

ڏنل مثالن موجب اڻ ٺهڪندڙ لفظ مٿان گول پايو.

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| مثال : | سمڪ | چاڙ | خبر | اخبار |
| (1 | علم | اسڪول | تعليم | پڙهائي |
| (2 | ڪڙڪ | سخت | نرم | ڏاڍو |
| (3 | منشا | مُراد | طاقت | منورت |
| (4 | گهٽ | خسيس | رواجي | قيمتي |
| (5 | شاهي | چِٽو | داغ | سنڌو |
| (6 | شڪل | صورت | تصوير | مسخرو |
| (7 | ڪوسو | تتو | تتل | گرم |
| (8 | خُلاصو | سوڙهو | ويڪرو | ڪُشادو |
| (9 | آکاڻي | جُملو | لفظ | حرف |
| (10 | حُب | نفرت | قُرب | پيار |
| (11 | مشڪ | ڪل | ننڊ | مُرڪ |
| (12 | مُنهن | بدن | مهانڊو | چهرو |
| (13 | ڪورٽ | نيم | قانون | قاعدو |
| (14 | آبادي | آدم | آدمشماري | ديش |

# زمان ۽ زمان جا قِسم

1. زمان جي لفظي معنيٰ آهي وقت.

1) **زمان حال :** اهو زمان جنهن مان هلندڙ وقت جي ڄاڻ پوي، اُن کي زمان حال چئبو آهي.

مثال : (1) رام روٽي کائي ٿو.

(2) سيتا خط لکي ٿي.

2) **زمان ماضي :** اُهو زمان جنهن مان گذريل وقت جي ڄاڻ پوي، اُن کي زمان ماضي چئبو آهي.

مثال : (1) رام روٽي کاڌي.

(2) سيتا خط لکيو.

3) **زمان مستقبل :** اُهو زمان جنهن مان ايندڙ وقت جي ڄاڻ پوي، اُن کي زمان مستقبل چئبو آهي.

مثال : (1) رام روٽي کائيندو.

(2) سيتا خط لکندي.

4) **زمان حال اِستمراري:** اُهو زمان جنهن مان ڄاڻ ملي تہ، هلندڙ وقت ۾ ڪم جاري آهي، اُن کي زمان حال اِستمراري چئبو آهي.

مثال : (1) رام روٽي کائي رهيو آهي.

(2) سيتا خط لکي رهي آهي.

5) **زمان ماضي استمراري :** اُهو زمان جنهن مان ڄاڻ ملي تہ، گذريل وقت ۾ ڪم جاري هو، اُن کي زمان ماضي اِستمراري چئبو آهي.

مثال : (1) رام روٽي کائي رهيو هو.

(2) سيتا خط لکي رهي هئي.

6) **زمان مستقبل اِستمراري :** اُهو زمان جنهن مان ڄاڻ ملي تہ، ايندڙ وقت ۾ ڪم جاري رهندو، اُن کي زمان مستقبل اِستمراري چئبو آهي.

مثال : (1) رام روٽي کائيندو رهندو.

(2) سيتا خط لکندي رهندي.

# آئِيوِٽا

پڙهو ۽ لکو.

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| اَ | ب | ٻ | پ | ڀ |
| ت | ٺ | ٽ | ث | ٿ |
| ک | گ | ڳ | ڱ | گھ |
| ف | ڦ | ر | ز | ڙ |
| د | ذ | ڌ | ڏ | ڊ |
| ڍ | س | ش | و | ل |
| م | ڪ | ق | ن | ڻ |
| ح | ج | ڄ | ڃ | ڇ |
| چ | خ | ھ | جھ | ص |
| ض | ع | غ | ط | ظ |
| | ي | ء | | |



مهاراشٽر راجيه پاٺيه پستڪ نرمتي و اَڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پُڻي.

सिंधी (अरेबीक) युवकभारती – इयत्ता अकरावी

₹ 98.00